# ديوانِ راشد



راشد مورائي

Scanned with CamScanner



جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

ايڊمن: صاحب خان ”سورھ“ ميرائي

Cell No: 0344 - 3919786

Scanned with CamScanner

# ديوانِ راشد

راشد مورائي

سچل پبليڪيشنز

دڪان نمبر 2 ممتاز مارڪيٽ حيدرچوڪ

موبائيل نمبر: 0300-3031253

حيدرآباد 2005ع

Scanned with CamScanner

(مصنف جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ)

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | ديوانِ راشد |
| موضوع | : | شاعري |
| شاعر جو نالو | : | راشد مورائي |
| اهتمام | : | غلام نبي |
| پروڊڪشن | : | محمد اڪبر |
| ڇاپو پهريون | : | جنوري 2005ع |
| ڇپائيندڙ | : | سچل پبليڪيشنز، حيدرآباد |
| ڪمپوزنگ | : | انٽيل ڪميونيڪيشنز، حيدرآباد |
| قيمت | : | 250 روپيا |

## اسٽاڪسٽ

### سچل بڪ سينٽر

ممتاز مارڪيٽ حيدرچوڪ حيدرآباد

شاهه لطيف ڪتاب گهر گاڏي کاتو حيدرآباد

ٽر ڪتاب گهر، مٺي

سنڌ بـُڪ ڪلب، لائين پار، نوابشاهه

رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو

نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس

لعل بخش نيوز پيپر ايجنسي، ٺٽو

الفتح نيوز ايجنسي، سکر

Scanned with CamScanner

منسوب ڪريان ٿو،

پنهنجي ٻن وڏن، شاعر ڀائرن:

سيد معصوم علي شاهه 'نماڻي'

۽

سيد روشن علي شاهه 'روشن'

کي

- راشد مورائي

Scanned with CamScanner

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| • پنهنجي پاران | راشد مورائي | 8 |
| • منصور جي گفتار | اصغر پتي پريائي | 10 |
| – رديف: الف | | 31 |
| – رديف: آ | | 40 |
| – رديف: ب | | 48 |
| – رديف: ٻ | | 52 |
| – رديف: ٻه | | 53 |
| – رديف: ڀ | | 55 |
| – رديف: ت | | 57 |
| – رديف: ته | | 64 |
| – رديف: ٿ | | 66 |
| – رديف: ٽ | | 69 |
| – رديف: ٺ | | 73 |
| – رديف: ث | | 77 |
| – رديف: پ | | 80 |
| – رديف: ج | | 84 |
| – رديف: ڄ | | 86 |
| – رديف: جهه | | 88 |
| – رديف: ڃ | | 90 |
| – رديف: چ | | 95 |
| – رديف: ڇ | | 98 |
| – رديف: ح | | 101 |
| – رديف: خ | | 103 |
| – رديف: د | | 105 |
| – رديف: ڌ | | 109 |
| – رديف: ڏ | | 111 |
| – رديف: ڊ | | 116 |
| – رديف: ڍ | | 118 |
| – رديف: ذ | | 120 |


Scanned with CamScanner

- ردیف: ر 122
- ردیف: ڙ 136
- ردیف: ڙھ 141
- ردیف: ز 142
- ردیف: س 144
- ردیف: ش 150
- ردیف: ص 153
- ردیف: ض 155
- ردیف: ط 158
- ردیف: ظ 160
- ردیف: ع 162
- ردیف: غ 164
- ردیف: ف 166
- ردیف: ڦ 169
- ردیف: ق 171
- ردیف: ڪ 175
- ردیف: ک 178
- ردیف: گ 183
- ردیف: ڳ 186
- ردیف: گھ 189
- ردیف: ڱ 191
- ردیف: ل 193
- ردیف: لھ 202
- ردیف: م 204
- ردیف: ۾ 210
- ردیف: ن 222
- ردیف: ن غنون 230
- ردیف: نـ 241
- ردیف: ڻ 244
- ردیف: و 250
- ردیف: ھ 266
- ردیف: ء 270
- ردیف: ي 280


Scanned with CamScanner

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

# پنھنجي پاران

پنھنجي شاعريءَ جي ابتدائي دَور ۾ ٻين شاعرن جا ’ديوان‘ پڙھڻ ڪري، مون ۾ بہ شوق جاڳيو تہ، مان بہ پنھنجو ديوان تيار ڪريان ۽ انھيءَ شوق ۾ تُرت ٿي الف - بي وار ڪجھہ غزل تڪڙ ۾ لکي ورتم.

پر، منھنجو موڊ جڏھن بہ شاعريءَ تي ٿيندو آھي ۽ شاعري شروع ڪندو آھيان تہ ڪنھن نہ ڪنھن دوست ڪان ڪو مطالعي لاءِ سٺو ڪتاب ملي ويندو آھي، ۽ مان شاعريءَ کي اڌ ۾ ڇڏي، مطالعي ۾ مصروف ٿي ويندو آھيان. پوءِ اھا اڌ ۾ ڇڏيل شاعري ڪجھہ وقت گذرڻ بعد گُم ٿيو وڃي ۽ وري جڏھن شوق جاڳي تہ نئين سر شاعري ڪريان ۽ وري بہ اھا مطالعي جي نذر

Scanned with CamScanner

ٿيو وڃي ۽ وچ وچ تي سالن جي وٿي به اچيو وڃي. ائين سالن پڄاڻان نيٺ هاٿي ڪجھه پُراڻا غزل ڳولي، ڪجھه نوان ڳاهي، **"ديوان راشد"** کي مڪمل ڪيو اٿم. اڄ مان خوش آهيان جو منهنجي ڀاروتڻ جي هڪ ننڍڙي آس پوري ٿي رهي آهي ۽ مان هن خوشيءَ جي حاصلات لاءِ ساٿي محمد مريد لنڊ جو ٿورائتو آهيان، جنهن ديوان ڇپائڻ جي حامي ڀَري، مختيار علي شاهه جو احسان مند آهيان، جنهن پنهنجي ڀلوڙ اکرن ۾ فيئر ڪاپي، پريس لاءِ تيار ڪئي، ۽ ٿورائتو آهيان پنهنجي نوجوان دوست اصغر پريائيءَ جو، جنهن ڪتاب لاءِ پش لفظ لکيا.

هر شاعر چاهيندو آهي ته سندس ڪتاب تي ڪو سينيئر اديب/ شاعر پيش لفظ لکي، ليڪن مون سدائين ماضيءَ کان وڌيڪ مستقبل کي اهميت ڏني آهي. منهنجي اڳ ڇپيل ڪتاب تي منهنجي هممعصرن مون لاءِ گهڻو ڪجهه لکيو آهي، مان انهن سڀني دوستن جو ٿورائتو آهيان، جن منهنجي ڪتابن تي پنهنجا رايا وقت بوقت ڏنا آهن.

جيئن ته مون کان ڪن انٽرويوز ۾ هڪڙو سوال پُڇيو ويندو آهي ته، سينيئر اديبن/ شاعرن جو جونيئر اديبن/ شاعرن سان ڪهڙو رويو آهي؟ مان، هن ڪتاب تي مهاڳ، هڪ جونيئر دوست کان لکائي، انهيءَ سوال جو جواب ڏيڻ چاهيان ٿو ته سينيئر اديبن/ شاعرن جو جونيئر ليکڪن سان اجهو هيءُ رويو آهي.

– راشد مورائي

Scanned with CamScanner

# منصور جي گُفتار

جيتوڻيڪ هن وقت سنڌ ۾ شاعرن جو تعداد تمام گھڻو آهي، پر جيڪڏهن هِن ڪافي وڏي ڳالهيءَ کي ادب ۽ زندگيءَ سان لاڳو ڪن اهم اُصولن، قاعدن ۽ ضابطن جي تاجي پيڻي تي پرکي ڏسبو تہ اسان وٽ اهڙا ڪيترا شاعر ٿيندا، جن سچ پچ دل جي پُر خلوص جذبن، اندر جي اُونهاين، پيار جي پويتر پهلوئن، آزاديءَ جي انمول احساسن، سماج سڌارڪ قدرن، اخلاقي اوچاين، مجازي مامرن سان گڏوگڏ حقيقي فڪري نظرين کي ٻوليءَ جي مناسب خوبصورتيءَ سان نڀايو هُجي تہ اُهو شمار ڪافي گھٽجي ويندو!

پرک جي ڪسوٽين کي اڳيان بہ جي نجو يا ڪرو ڪبو ۽ مٿي پيش ڪيل سيني پهلوئن سان گڏوگڏ اهو بہ ڏسڻ جي ڪوشش ڪبي تہ اسان جي شاعرن فقط شاعريءَ جي مروج موضوعن سان خوبصورت نڀايو آهي يا اُنهن اُن ۾ نواڻ بہ پيدا ڪئي آهي، ۽ مُروج خيالن تي هڪ قسم جو پائيدار بحث ڪري مُدي خارج ۽ غير حقيقي خيالن تان هَٿ بہ ڪنيو آهي يا پاڻ کي بہ اُن راهہ رسم جو پابند بنايو آهي!

ان طرح روايتي ادب ۾ ڪيترو سُڌارو آندو ويو آهي؛ ڪيترا وڻندڙ تخليقي تجربا ڪيا آهن، شاعرائن خيالن ۾ ڪيترو اعليٰ اتساهہ، همت ۽ حوصلو ڏنو ويو آهي، جو انساني احساسن کي بہ اظهار مليو هُجي ۽ ٻوليءَ جي خوبصورتي بہ وڌي هُجي تہ اسان جو هي شمار گھٽوگھٽجي ويندو. ويتر جو هن ڳالهہ کي بہ سامهون رکبو تہ سنڌن متاثر ڪندڙ خيالن ۽ خوبصورت اظهار کي تخليقي عمل تائين محدود نہ ڪجي، بلڪ ڪين عملي زندگيءَ جي آئيني ۾ بہ ڏسجي تہ سنڌ ۾ هن وقت ايترا ڪيترا سُريلا سرجڻهار آهن، جيڪي پنهنجي سموري ادبي ڄمارَ، قول ۽ فعل ۾ هڪجهڙا رهيا هجن تہ اُنهن حقيقي

املهه مالڪن جو تعداد ويتر تمام ٿورڙو ٿي پوندو، جن ڪي سولائيءَ سان آڱرين تي ڳڻي سگھبو.

اهڙن چند سگھارن ۽ سيبتن سرجڻهارن مان اهڙو قابلِ فخر شاعر، جنهن کي مٿي پيش ڪيل ادبي قدرن جي تمهيد سان حتمي حد تائين نيائيندو ڏسجي، اُهو سنڌ جو سچو، بي باڪ، بااُصول، ڏانءَ ۽ ڏات تي دسترس رکندڙ، روشن خيال، ترقي پسند، عوامي، انقلابي، مزاحمتي، باغي ۽ قومي شاعر محترم سائين سيد راشد علي شاهه 'راشد' موروائي آهي، جنهن 'سنڌڙيءَ جو سوداءُ'، 'مينديءَ سندا ڪيت' ۽ 'دل جو شهر' بعد پنهنجن هزارين غزلن مان چند سؤ غزلن تي مُبني ڪتاب "ديوان راشد" مرتب ڪيو آهي؛ جنهن ۾ "ديوان" جي اُصول تحت رديفن کي الف – ب وار ترتيب ۾ رکيو ويو آهي.

سنڌي شاعريءَ جا جيڪي ڪي ٿورا ديوان شايع ٿيل آهن، اُنهن مان گھڻا شاعريءَ جي روايتي موضوعن تي مُبني آهن، ۽ جن شاعرن شاعريءَ جا ديوان تنصيف ڪيا آهن، اُنهن مان گھڻن تي پراڻ پڻو غالب آهي، ڪجھه اخلاقي ۽ اصلاحي موضوع چڙي، باقي سندن طرزِ فڪر ۽ اسلوب قديم نوعيت جو حامل آهي.

رديفن جي الائي نوعيت جي ڪري 'ديوان' ۾ آيل شاعري گھڻي ڀاڱي خُشڪ ٿيندي آهي، اُنهن ۾ ڪُجھه صاحب ديوان شاعرن وٽ تہ آمد گھٽ، آورد زياده هوندي آهي. تخليق تي هُنري پهلو غالب پيل هوندو آهي ۽ خيال بہ ڄڻ ذهني ڪوشش جو نتيجو لڳندو آهي. اُن ڪري اسان جي وڏن ترقي پسند شاعرن مان گھڻن هِن شعر جي ڪتابي صنف تي طبع آزمائي ڪان ڪئي، جيڪو ڪنهن حد تائين رجعت پرست طبقي طرفان هڪ قسم جي سُهمي، سهاپي ۽ لوئجڻ جو ڪارڻ بہ پڻي بنيو رهيو آهي، تہ ترقي پسند شاعر آزاد خيال آهن ۽ اُهي پابند شاعريءَ ۾ پاڻ ملهائي سگھڻ جو سَتُ نہ تا سارين؛ حالانڪ اسان جي قابل ترقي پسند شاعرن عُروضي گھاڙيٽن تي ڀرپور غزل لکيا آهن، جن ۾ سنڌ جي مٽيءَ جي سُرهاڻ نمايان آهي. پر اهو سچ آهي تہ روشن خيال ادبي لڏي 'ديوان' جي ترتيب تي ڌيان نہ ڏنو آهي. ممڪن آهي تہ رديفن جي مڙني مقرر اکرن واري پابندي سندن خيال کي سوڙهان ڪندي هُجي، پر تخليق جي ميدان ۾ فن ۽ فڪر جي سرچشمن مان سيراب ٿيل

ڪنهن مها ڪويءَ لاءِ اهو مشڪل ناهي، جنهن جو ثبوت دليل يا شاهدي ڏيندي، آءٌ فخر سان واضح ڪريان ٿو تہ سنڌي شاعريءَ جي اهم نانءَ، جديد شاعريءَ جون بي انداز تقاضائون پوريون رکندڙ شاعر، سائين راشد مورائي صاحب، اُن چئلينج کي نہ صرف للڪاريو آهي، بلڪ عبرت جي حد تائين ديوان ۾ اڻانگن رديفن ۽ اوکن وزنن تي مُبني اهڙا تہ خوبصورت غزل تخليق ڪيا آهن، جن ۾ احساسن جا لطيف اظهار، دل جي ڀرپور اُڇل سان مُتحرڪ وُجود رکن ٿا.

ديوان ۾ موجود غزلن ۾ احساسن جُون چُڀندڙ ۽ دل لُڀائيندڙ ڪتڪتايون، لهجن جون نغمگيون، ٿڌڙن ساهن جو ساءُ، خوبرو ٺهڪن جو پڙاڏو، سُور وند سُڏڪا، قومي ايڪي ۽ اتحاد لئہ واڪا ۽ روح مان بي ساختہ نڪتل رڙيون شامل آهن.

"ديوان راشد" ۾ سچ ۽ سائيھ، سونهن ۽ سنسار جي صداقتن جي اُپٽار، سُور مان سُرور ماڻيندڙ پيار جي پرچار آهي، جيڪا هڪ طرف تہ محبت جي اڻ مٽي امرت سان سرشار آهي تہ ٻئي طرف آزاديءَ جي املھ وٿ سان ٽمٽار آهي.

فڪر جو اهڙو گڏيل حسين امتزاج **"ديوان راشد"** جي حُسن کي وڌائڻ جو ڪارڻ آهي.

پرواز ۾ بُلندي، اعليٰ آدرشي فڪر جي اُڏام، پورهيت سان پيار، آزاديءَ جي جدوجهد سان لاڳاپو، انسان جي عظمت ۾ ايمان، اخلاقي پابنديون، سياسي ۽ سماجي شعور، ڪردار جي سچائي، سونهن مان اُتساھ وٺڻ وارن پاڪ جذبن، راشد مورائيءَ جي شاعري کي جيڪا امرت بخشي آهي، اُها لازوال آهي. سچ تہ **"ديوان راشد"** جو مُطالعو زندگيءَ جي ڀرپور ڪتاب جو اڀياس آهي. جيترا انيڪ رنگ، رُخ ۽ اظهار ڪا حياتي پنهنجو پاڻ ۾ سمائي سگهي ٿي، اوترا اثرائتا اظهار هن "ديوان" ۾ دائمي قدرن جي حيثيت رکن ٿا، ۽ اُنهن جي هڪ لاجواب مُستقل حيثيت آهي، جيڪا وقت جي ويڇوٽين کان بالاتر آهي ۽ منجهس هميشگي آهي.

عام طور گهڻي ڀاڱي قومي شاعري ڪنهن خاص واقعي، حادثي هاڃي يا دوُر جي نشاندهي وڌيڪ چِٽيءَ طور ڪندي آهي، ۽ پوءِ اُن جي حيثيت

Scanned with CamScanner

صرف تاريخي هوندي آهي، پر "ديوان راشد" ۾ موجود قومي نوعيت جا اشعار، حُسن ۽ مُحبت جي رنگينيءَ ۾ اهڙا تہ رگيل آهن، جو نہ صرف پنهنجي اظهار ۾ خوبصورت آهن، پر هر دؤر ۾ پنهنجي معنيٰ جو معراج بہ مالي سگهڻ جي سگهہ رکن ٿا.

هيءَ ڪا عام ڳالهہ ناهي، نہ ئي ڪو عام شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙو شعور پلٽي سگهي ٿو، جنهن جي حيثيت هر دؤر ۾ دائمي هُجي. هي مُستقل بيني، انساني تاريخ جي گهڻ ڄاڻو شاعر ۾ ئي ٿي سگهي ٿي. جيڪو ماڻهوءَ جي مزاج، طبقاتي ڪيفيت، ارتقا جي رنڌڪن ۽ هر نوعيت جي انساني احساسن ۽ احساسن جي پروان چڙهڻ ڪان بخوبي واقف هُجي؛ ورنہ وقت جون ويريون ڪوڙ سارن شاعرائن سفينن جون منزلون موڙي ۽ تختا لوڙهي ڇُڪيون آهن. هاڻ انهن جا ونجهہ ۽ ويڙا، سِڙهہ ۽ سوبر صرف اڻ لکي نشانيءَ طور ڪٿي سانديل، تہ ڪٿي سانديل بہ نہ آهن.

ان لحاظ ڪان بہ فڪري طور راشد پنهنجي شعور جون پاڙون ڌرتيءَ جي پاتال ۾ پُختيون پڪڙيون آهن ۽ پنهنجي احساسن جون ڏارائون دل جي ڌرتيءَ تي حسن جي جلون سان روشن ڪيون آهن. تڏهن تہ سندس روح جون رمزون ۽ راز، هر دل ۽ درد واري انسان لاءِ آٿت ۽ اُتساهہ جو ڪارڻ بنيا آهن ۽ سندس شاعريءَ جا نشان سندس ظاهري حال حياتيءَ ۾ ئي تمام پڪا ۽ اڻ مٽ ٿي چڪا آهن، جو وڏي ۾ وڏو متبدل پونچال بہ سندس سونهن، سنڌ ۽ سنسار بابت مثبت ويچارن کي لوڏي يا لنوائي نٿو سگهي.

فڪر جي وسعت ۽ فن جي همہ گير نوعيت ۾ "**ديوان راشد**" سنڌي عروضي شاعريءَ جو هڪ جامع نصاب آهي، جنهن ۾ شاعريءَ جا انيڪ لوازمات موجود آهن، جيڪي عام پڙهندڙن ڪان علاوه نون لکندڙن لاءِ بہ بهترين فني ۽ فڪري مُحرڪ ثابت ٿي سگهن ٿا. ان لاءِ هي ديوان عروضي شاعريءَ جو هڪ جامع نمونو آهي، جنهن کي ڪنهن حد تائين سَند طور وٺي سگهجي ٿو؛ جو تہ عروضي شاعريءَ جي لحاظ ڪان بہ راشد مورائيءَ جو شمار سنڌ جي تمام وڏن ڄاڻو شاعرن ۾ ٿئي ٿو، هتي منهنجو مقصد فني لحاظ ڪان شاعرن جو تقابلي جائزو وٺڻ ناهي، ورنہ اهو ثابت ڪري سگهجي ٿو تہ عروض تي ايڏو وڏو عَبور ڪوڙ سارن ناميارن شاعرن کي بہ ناهي.

Scanned with CamScanner

"ديوان راشد" ۾ ڪوڙ سارا بحر شامل آهن ۽ اهي پنهنجي تسلسل ۾ ڪنهن طرح به يڪسانيت جو شڪار ناهن، ڪجهه جُدا جدا بحر ته جدا جدا رُڪن ملائي ٺاهيا ويا آهن، جيڪو هڪ قسم جو ڪامياب تجربو آهي، ۽ ڪامل شاعر جو ئي ڪم آهي.

تمام وزنن جا سبب، وتد ۽ خفيف رڪن پنهنجي مضبوط ساڪن ۽ متحرڪ آوازن ۾ سالم، غير سالم، مقصور ۽ محذوف ڪيفيتن سان اهڙا ته خوبصورت نيابل آهن، جو وزن ۽ خيال ۾ مڪمل هم آهنگي پيدا ٿي پئي آهي. جنهنڪري راشد مورائيءَ جي شاعري، سنڌي ادب ۾ شاهڪار حيثيت رکي ٿي.

"**ديوان راشد**" ۾ موجود گهڻ رُخا موضوع، پنهنجي بي پناهه حُسن ۾ وڻندڙ وجود جا حامل آهن. انهن جو حقدار ۽ معيار به انيڪ قدرن تي مشتمل آهي. مان هتي صرف چند موضوع، موضوعن سان مربوط ڪيفيت ۾ شعرن سميت نمايان ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

"ديوان راشد" ۾ خيال جي تشڪيل لاءِ ٻوليءَ جي عام مروج ۽ سادي استعمال، ديوان جي خوبصورتيءَ ۽ دائميت ۾ اضافو ڪيو آهي. مروج چوڻيون اصطلاح ۽ محاورا به جا بجا ڏنا ويا آهن، جيڪو هڪ عوامي شاعر جو پنهنجي ٻوليءَ، سان گهري ناتي جو ثبوت آهي. ديوان منجهان هتي چند ٻڻ محاورن جو مُطالعو ڪيو ۽ ڏسو ته منجهن فڪر ڪيڏو نه جامع حق ادا ڪري ٿو:

هينئر "ڪل پوي ٿي"، "گهٽي ويهين سؤ آ"
اڳي عشق جي هُئي نَه آزار جي سُڌ!

"لنئين سان پاڻي جُدا ڪيئن ٿيندو"؟
جيئن شال جاني، نه ليڪو وچان ڪَڍُ!

"ٻار مُڇ جا وار" وَرندا هن وَرائڻ سان پيا،
جي سُتارڻ ٿو گهرين، تون ٻار جو پيڇو نه ڇڏ!

"پنهنجو پيٽ ڪُتا به ته پالي، سگهندا آهن يارَ"!
جيڪي جيئڻ ٻين جي ڪارڻ سيئي سڏجن نيڪ!

سُهڻا لڳن ٿا نيڻ سندءِ نيم خواب سُرخ
اکڙين ۾ جڻ سجائي رکيو ٿئي گلاب سُرخ!

اٿين آ يار جو رُخ جيئن ڪليل ڪتاب هُجي،
ڪليل ڪتاب تي لب جڻ رکيل گلاب هُجي!

آ چُني چمڪندڙ تر جي ناريءَ مٿان،
چنڊ جي روشني جڻ تہ واريءَ مٿان!

اوچي اوچي قد تي ڳاڙها لب ۽ ڳل جا گُل
آهي جڻ محبوب بہ منهنجو بيم باڪس جو وڻ

سُونهن وارن کي اٿين ئي عاشقن جي گهُرج آ
جيئن سخي ماڻهن کي هوندي آ غريبن جي تلاش

جيئن رهي مظلوم کي ٿو حق رسيءَ جو انتظار
تيئن مون کي تنهنجي سدائين واپسيءَ جو انتظار

تشبيهہ کان وَڌي ڪري هِن استعاري ۾ هڪ خوبصورت شعر ڏسو، جيڪو نہ صرف روايتي خيال جي اُبتڙ آهي، پر خيال جي گهرائيءَ ۾ پنهنجي مضبوط اجمالي ڪيفيت کي واضح ڪري ٿو:

نہ ماري ها مون کي اهڙي طرح ڪافر تہ بهتر هو
هُجي ها ڪين سُهڻي جي ڳِچي تي تر تہ بهتر هو

سونهن پرستي شاعر کي اعليٰ ۽ ارفع بنائي ٿي، جيڪا نہ صرف اظهار کي خوبصورت ڪري ٿي بلڪ فڪر جي ڏارائن لاءِ بہ ڪشش جي مصداق آهي ۽ شاعر ان مان علم ۽ عمل جو ڪم بہ وٺي ٿو:

سونهن سيکاريو آ علم ۽ عمل
عشق اُن جي منجهان روح آهي رتل

منهنجي ڪم جهڙو هي آهي تنهنجو قد چهرو
خيال جي گهوڙي کي هڪلڻ لئہ گهر جي يار لڪڻ!

Scanned with CamScanner

اي سونهن ور سراپا، راشد سان ساٿ ۾ رھہ!
هلندو هلان ٿو تنهنجي صورت جي سوجهري ۾

دراصل سونهن جي سهاري سان ڪابہ مشڪل نہ ٿي رهي، شاعر اونده جي المناڪ ڪيفيت ۾ پڪاري ٿو تہ:

سارا سونهن حضور ۾ راشد!
گيت غزل ندرانا آهن.

پنهنجي شاعري، حسن جي حضور ۾ نذرانو ڏيڻ دراصل شاعر جي اعليٰ جمالياتي ذوق کي واضح ڪري ٿي. خيال کي اجا بہ وسعت ڏئي سيرت جي پاڪدامني، ڪردار جي بلنديءَ جو مقصود هُجڻ بلڪ خوبصورت شڪل تي خوبصورت عمل کي پسند ڪرڻ جي سلسلي ۾ هي معنيٰ خيز شعر پڙهو!

سيرت جي ڪر ڳالھہ سياڻا
صورت آھہ نظر جو ڌوڪو!

تشبيهون هُجن يا تمثيلون، "ديوان راشد" ۾ آيل غزلن جا اشعار پنهنجي بُلنديءَ ۾ بهتريءَ جا علمدار آهن. جيڪي نہ صرف جديد شاعريءَ جا بهترين نمونا آهن، پر سنڌي شاعريءَ ۾ موضوع جي اعتبار کان بہ هڪ سُهڻو اضافو آهن.

اٿين هُنڌ جا گُهنج چُغلي هڻن ٿا،
منهنجي لاءِ ترسي هوُ ڪڪ تي هلي وئي!

مجازي نوعيت ۾ هن حقيقت شناسيءَ کان محظوظ ٿيو:

هُن وڏي قيمت گهري آ، شال پورو پئي سگهان!
مُون گهريو بوسو چيئين سگريٽ نوشي ڇڏ تہ پو!

محبت جي تسلسل ۾ هيئان حادثاتي اُهڃاڻ ڏسو:

هو بہ دشمن جو جڏهن پاسو وٺي بيهي رهيو،
حوصلو مُنهنجو صفا اڄ پڙ ڪدي بيهي رهيو.

مون کي تون ڇڏي وڃ نہ جو وَرڻو وري پوندءِ،
ڪو هٿ جهليندءُ چوندين تہ راشد تو مَري ڇڏ!

Scanned with CamScanner

دل جو آئينو ڀڃين ٿو پاڻ کي ڏسندين ٻه ڪيئن،
مان ٻه ٿي بيچين ويندس، تون ٻه ٿي ويندين ملول.

ٻي خبرا، اڻ واقف آهن، وڻ جي مضبوطيءَ کان هُو،
پو ٻه پکين کي هوندو آهي، لامن کي لوڏڻ جو شوق.

ڪيسيتائين آڪيري ۾ ويهي مان آرام ڪيان،
ڳازين جي آڏو آئي ٿو، اُڇلائي اُڏرڻ جو شوق.

ديس جي دُشمن کي ڇنڻ شيشو ڀڳو خنجر نهيو،
درد وارن جي دلين تي ڪيترو هلندو دٻاءُ!

راشد سائينءَ جي بُلند خياليءَ ۾ عجيب قسم جي ڪشاده دلي ٻه شامل آهي، جنهن ۾ موجود حقيقت نگاري ۽ سماجي شعور، شعر ۾ موجود خوبصورتيءَ کي ويتر وڌائي ٿو؛

مثال طور هِن ڇرڪائيندڙ خيال جو مُطالعو ڪريو.

ساري جڳ وساريو آهي، مون کي تون ٻه وساري ڇڏ،
پنهنجي جوانيءَ جون گهڙيون تون ٻئي ڪنهن سان ٿي گهاري ڇڏ!

ترسي مُنهنجي لاءِ حياتي پنهنجي پاڻ تباهه نه ڪر،
ڳالهه پُراڻي ياد نه رک تون، اوٺارن کي ٺاري ڇڏ!

بيٺل پاڻي ٻوڙيندو آ، دل کي ڍنڍ تلاءُ نه ڪر،
دل کي ڪر درياهه انهيءَ ۾، خوشين - لهر اُڀاري ڇڏ!

ڳُٿين ۽ ڳاراٿن کي ڇڏ، خيال اهي ٻاراڻا ٿئي،
ساڳيا هار سينگار ڪري تون، پنهنجا زلف سنواري ڇڏ!

سماجي نوعيت ۾، فڪري طرح عقائد جي دُنيا ۾ ڪشاده دلي ۽ پُرامن ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ وسيع نظري ۽ روايتي ٻنڌڻن بجاءِ حقيقت نگاهيءَ وارو هي شعر ڏسو؛

Scanned with CamScanner

اڄ انسانيت اُجارڻ ڪارڻ، سوچون تي ساٿي گڏجي،
مان پنهنجي عقيدي تي پُورو، تون پنهنجي ڌرم کي زنده رک!

سچ ته اهو تمام بهتر ٿيندو، جيڪڏهن اسان جا سمورا ذهين ۽ ذي شعور انسان معاشري ۾ عملي طور تي ايتري ڪشاده دلي اختيار ڪن، جو ڪافر پنهنجي ڪافريءَ سان ۽ مسلمان پنهنجي مسلمانيءَ سان سچو هُجي ته دُنيا ۾ ان نوعيت جو ڦڏو ٿئي ئي ڪونه. ٻنائيءَ جو به "ڪوڙو تون ڪفرسين، ڪافر مَ ڪوٺاءِ" وارو اشارو به عقائد جي ڪچائيءَ ڏانهن آهي. هونئن به راشد سائينءَ جي بقول ته اصل مقصد انسانيت اُجارڻ آهي. جنهن ڏانهن توجه آهي ئي ڪونه. باقي پنهنجي پنهنجي دوڪانداري چمڪائڻ لاءِ هرڪو مچريو وتندو ته ڪا هڙ حاصل ٿيندي ڇا؟ منهنجي خيال ۾ ته ويتر وڏيڪ خرابيون پيدا ٿي پونديون، ۽ ايئن ٿئي پيو ٿو. چند نظرانداز ڪرڻ جهڙن اختلافن تي انسان، انسان جو خون وَهائڻ ۾ نه ڄاڻ ته ڇا ڇا نه ٿو ڪري. ماڻهو ماڻهوءَ جو ويري ٿي پيو آهي، انسان انسان کان دُور ٿيندو پيو وڃي.

منهنجي خيال ۾ تمام مذاهب عالم، سوشل نظريا، مفڪرن جا فڪر انگيز خيال، شاعرن، اديبن، دانشورن ۽ سماج سُڌارڪ انسانن جي ترغيب، ان ڳالهه تي ضرور متفق آهي ته ڪائنات ۾ اهم ۾ اهم تخليق انسان جي آهي، جيڪو به ڪجهه ڪرڻو آهي ان انسان جي بهتريءَ لاءِ ڪرڻو آهي. ان سان ئي ڪَس ڪاٽي آهي. ان سان ئي رس رهاڻي آهي.

جيڪو به نظريو ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ جي ويجهو ڪري، اُهو مثبت آهي ۽ جيڪو به خيال، احترام، آدميت کان دوُر ڪري اُهو باطل آهي؛ اُن ڪري انسان جي اَمن، اتحاد ۽ اعليٰ عظمتن جي حُصول لاءِ مُحبت جو رس، روح جي راحت لاءِ اڪسير آهي.

هتي چئن ڏينهن لئه مهمان راشد،
تون ڪس ڪاٽي رس کي رهاڻي هليو وڃ!

اصل مقصد آهي ماڻهوءَ ۾ ماڻهپو جاڳائڻ ۽ اُهو ماڻهپو، مُحبت جي رس سواءِ ممڪن آهي ئي ڪونه. جيستائين انسان کي انسان پسند نه ڪندو، تيستائين هڪ ٻئي جي ويجهو ڪيئن ٿيندو. جيستائين ويجهو نه ٿيندو، تيستائين ٻئي جي علم، ادراڪ، فهم ۽ فڪر کان واقف ڪيئن ٿيندو.

Scanned with CamScanner

جيڪڏهن هڪ انسان ٻئي جي علم کان، آرزو، اُمنگ، حسرت ۽ اُميد کان واقف ٿي نہ سگهيو تہ پوءِ جديد کان جديد تر مؤثر ارتقا بہ پروان چڙهي نہ سگهندي ۽ نتيجي ۾ اسان رُڪجي وينداسون ۽ معاشري جو رُڪجي وڃڻ ئي جهنم آهي. ڪس ڪسر ڪانئي، ڏئي ونئي بہ عشق جي جذبي کي جوان ڪرڻو آهي، آدميءَ کي ان جي اصل مقام تي پهچائڻ لاءِ ڪم ڪرڻو آهي، اُن ۾ ڪوبہ پڇتاءُ وغيره ڪرڻو ڪونهي.

نہ پڇتاءُ ڪر عاشقيءَ ۾ اچي تون،
وڻن لاءِ آئين ڦرائي هليو وڃ!

عشق ۾ پاڻ ڦرائڻ، پاڻ قربان ڪرڻ، دراصل حاصل ڪان هزار پيرا وڌيڪ افضل آهي، هي احساس صرف ان کي ئي سگهي ٿو. جنهن پيار ۾ پاڻ ڦرائي ڏٺو هوندو. هونئن بہ راشد جيان جنهن پاڻ ڦرائڻ جي لذت حاصل ڪئي هوندي، اُهو ڪڏهن بہ پاڻ ٺاهي نہ سگهندو. اُهو پنهنجو پاڻ کي ٽيڪڻ ۽ خوشحال ڪرڻ بجاءِ سيني جو سوچيندو، سيني کي سڪيو ڏسڻ جي سوچ هُن کي بيقرار بنائيندي.

اجتماعي حصول، اُن جو مقصد حيات هوندو. اُها بيچين ڪيفيت هن کان ڪجهہ ڪرائيندي، هُن کي واندو ويهڻ نہ ڏيندي، هُن کي هڪ ڪارآمد انسان بنائيندي، هُن کي ضرور اُن عمل لاءِ اُڪسائيندي، جيڪو تمام انسانن لاءِ برابر هوندو.

اضطراب جي اهڙي ڪيفيت، جنهن ۾ راشد سچ پچ پڇريو آهي، سا ”ديوان راشد“ منجهان مُطالع ڪرڻ سان گڏوگڏ تصور ۾ بہ ضرور آئيو تہ هِن معا ڪويءَ جي حياتي ڪيڏي نہ ڪٺن گذري رهي آهي:

پيغام غم سدا تا اچن پيا هتان هُتان،
هڪ جاءِ تي نہ چئن آ پيو ٿو اچان وڃان!

ٻاهر نہ آ قرار ۽ اندر نہ آ خوشي،
گهر ٿو وڃان وري بہ وڃي ٿو گهران وران.

سيني منجهان بہ نڪري ٿي اچي درد ڪان هي دل،
پٿر رکي مان هانوَ تي پيو ٿو هلان گهمان.

Scanned with CamScanner

تنهائيءَ ۾ راشدا! دُنيا کان تنگ ٿي،
مُنهن آ ڪتاب ۾ رکو پيو تو لکان پڙهان.

زندگيءَ جي اهڙيءَ ڪشمڪش ۽ اضطرابي ڪيفيت، بهترين تخليق جو باعث بنبي آهي، ”سکن واري سڌ، متان ڪا مون سين ڪري.“ هن حالت ۾ شاعر جهڙي طرح عملي طور پچي ۽ پچري ٿو، جاکوڙي ۽ جهيڙي ٿو، اهڙي طرح هَڻ هَڻان ۽ وٺ وٺان جي ڪيفيت ۾ لک لکان جو انداز ڏاڍو متحرڪ ٿيندو آهي. همڙي حالت ۾ لفظ اُبڙڪا ڏئي، اندر جي انتهائي گهراين مان نڪرندا آهن، اُنهن ۾ سور سمايل هوندو آهي. اهڙا شاعر ٿي دل جي ڌڙڪن کي قلمبند ڪندا آهن، انهن جا ارمان ۽ اُمنگون نينهن جو نذرانو بنجي پونديون آهن. تڏهن تہ هُو درد وند دلين تي راڄ ڪندا آهن.

رهاڻ سُور ڏئين ساڻ رچائي جو هُيم،
اضافو خوب ٿيو آهي مُنهنجي ذات ۾ رات.

پاڻ کي ٽاندڻ تي اُڇلي ٽچڪندي،
خوش ڏسو ڪيئن ذات ڏاهي تو ڪيان!

راشد سائينءَ لاءِ سُور جو سرس هُجڻ، ذات وَڌڻ جو ذريعو آهي:

نعمت وڏي آ نينهن، ذرا سمجهہ رک راشد!
اکين تي رکج عشق جو آزار ملي تہ.

سُور ۽ صدمن سهڻ کان پوءِ ٿي عزت ملي،
ڇلجي وڃي تو جڏهن تڏهين لهي تو مانُ عاج.

شان وڏي سان دل مُنهنجيءَ ۾ درد جي دعوت آهہ
پاڻ کي راشد يار! سدائين رنج ۾ راحت آهہ

ورتو آهہ اسان جي هردم ڏک ۾ ڏيل قرار،
حيف اُنهن کي جَن پٽي ڳولي، سک ۾ سامت آهہ!

Scanned with CamScanner

جتي ساري دنيا جو غم سانڍي رکجي،
رڳو هڪڙو منهنجو قلب تي سگهي ٿو.

راشد سائينءَ جي قلب تي انفرادي درد کان وڌيڪ اجتماعي پيڙائن جو اثر ٿئي ٿو، هُو ماحول جي عڪاسي، سماجي انهن برابريءَ جي ويچار ۽ وطن دوستيءَ جي پرچار کان وَڌي ڪري سڄي سنسار جي سُونهن لاءِ، انسان جي عظمت لاءِ پُڪاري ٿو ۽ حيواني سطح جي گندگيءَ کي ننڌي ٿو؛

ڏوڙ دُنيا جو ڦريو اهڙو تہ جو،
ٿي وڙهي انسان سان انسان ذات.

هي ڏوڙ ڪميٽو ڏوڙ آهي، هي ڏوڙ آ بد اخلاقيءَ جو،
هر ڪاتي ۾ رُشوت ٿي هلي، ڪنهن کان بہ پُڇائي ڪانهي ڪا.

گند ماحول ۾ ڪيئن گذاريو اٿئي،
ڍنڍ ميريءَ ۾ ٽڙندڙ ڪنول تو لڳين.

هِن گندي ماحول ۾ رهندي اي راشد،
پنهنجو هردم سيل سلامت رکٽو آ.

راشد هر ڏکئي دور ۾ پنهنجو سيل سلامت رکيو آهي، راشد انسانيت جو پرم رکيو آهي.

راشد تڪليفن ۾ رهي، جنهن بهتر وقار ۽ بهترين ڪردار سان پنهنجي متعلق انسانن سان، شعر و ادب سان، سماج سُڌارڪ تنظيمن سان، قومي تحريڪ سان، سموريءَ سنڌ سان پاڻ نڀائيندو رهي ٿو، اُهو نياءَ جو انداز، اُها دلي ڪيفيت، نهايت ئي عظمت جي حامل آهي. سنڌي ادب توڙي سنڌ جي مثبت قومي سياست سان مُڪمل سهڪاري هُجڻ کان علاوه سماجي طور پورهيت جي پيڙا ۽ مزدور جي مان لاءِ راشد مورائيءَ نہ صرف شعر تخليق ڪيا آهن، پر عملي طور بہ جاکوڙيو آهي، سڄي سماج کي لوچڻ جون لوليون ڏنيون آهن، حقن جي حاصلات لاءِ قوم کي همٿايو آهي ۽ پاڻ بہ همت ڪئي آهي؛

Scanned with CamScanner

اُتو وقت هاڻي عمل جو اڄي ويو،
نہ سگهندا ڪُنا ڪن اُيامن جي ڪوشش!

نہ آ تيل تان رت ٻاري سگهان ٿو،
ڪرين ٿو ڏيئا ڇو وسامڻ جي ڪوشش!

اڃا اڳيرو ٿي سِري سير راشد،
رهي آڳ ڪي ٿي اُجهامڻ جي ڪوشش.

هِن عُمر ۾ جاڪوڙ ۽ محنت نہ ڇڏي مون،
محبوب اوهان ساڻ مُحبت جو سبب آ.

عيش عشرت جو ڏهاڙو، ڏوهہ ۾ سمجهون شمار،
جُهد جاري، هڻ هٿان ۽ وٺ وٺان منظور آهہ.

”ديوان راشد“ ۾ اهڙا ڪور سارا شعر آهن، جن ۾ جدوجهد ۽ محنت جي ترغيب ڏنل آهي، عمل لاءِ اُڪسائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، خاموش رهڻ بجاءِ حقن جي حاصلات لاءِ سراپا احتجاج بنجڻو آهي.

ڪرائي ٿو رنج والم احتجاج، غريبن جو آ هر قدم احتجاج
وٺي حق رهنداسين راشد ادا، ايئن ڪونہ ٿيندو ختم احتجاج

”ديوان راشد“ ۾ ظلم خلاف لڙڻ جو فڪر ڏنل آهي، مزاحمت ڪرڻ جي رغبت ڏني وئي آهي، غير ضروري سبب رد ڪيا ويا آهن، هر حال ۾ هر ڪيفيت ۾ خاموشيءَ کي ٽوڙڻو آهي، پوءِ ڪٿي ڪو ساٿ ڏئي نہ ڏئي، توڙي جو سڄو جهان بہ چُپ هجي، تہ بہ شاعر کي ڪو ”وارو - وارو، اُتو اُتو، اَڇو اَڇو، هينئر هاڻي، سِگهو سِگهو ڪرڻو آهي،“ هن سلسلي ۾ هڪ غزل جا چند اشعار پڙهو:

تو سچ چيو تہ آهہ اڄ سارو جهان بہ چپ،
سارو جهان چُپ، تہ ڇا رهئون اسان بہ چُپ؟

جي سالها غلام ٿي رهيا نہ ٿا ڪُڇن،
پوڙها جي چُپ هُجن تہ هُجن نوجوان بہ چُپ؟

تو چُپ رهڻ جي لاءِ سبب ڏين تون اجايو،
آهي فلان به چُپ ته هُو ابنِ فِلان به چُپ.

عياش لعنتي ته تنهنجي لڄ تو تکي،
اي غيرت غريب! ڇا رهنديئہ اجان به چُپ؟

جيڪو ائين چوي، اُهو اڳواڻ ڇا ڪبو،
"آهيون اسان به چپ، رهو هائي اوهان به چپ"!

غيرن جي گدڙ ڀيڪين کان ڇو ڊڄون آخر،
راشد ادا ڪرين ڪٿي ڪڏهين متان به چُپ!

راشد مورائي، ميرن، پيرن، وڏيرن، وزيرن ۽ اڳواڻن - جيڪي گدڙ ڀيڪين سان ماڻهن کي دَبائي، ڊيڄاري، ڀُلائي ۽ ڀڪائي پوئتي رکندا تا اچن- انهن جي اکين ۾ اکيون مِلائي ٿو، اُنهن کي هڪ بهترين مصلح جي حيثيت ۾ سمجهائي ٿو ۽ ساڻن مخاطب ٿئي ٿو ته:

توکي منصب ملي مون کي تيندي خوشي
ديس وکڻين ته اهڙي وزارت نہ ڪر

ڪين ارڏن ضميرن جا سودا ڪيا
تون به بهتر اٿئي اِيءَ تجارت نہ ڪر

-

سنڌ سُڌارڻ جي ڪر پوءِ پهريان پنهنجو پاڻ سُڌار

-

ضميرن جا ڪري سودا وٺن عُهدا وزارت جا
ڏين تا سُون ۽ چاندي، پتل ۽ ٽين جي خاطر

پوءِ اهڙن نادانن لاءِ وري جيڪي لفظن جا غلط استعمال ٿين تا، تعريفن جا انبار لڳايا وڃن تا، اجائي واهہ واهہ ڪئي وڃي ٿي، حقيقت تي پرده پوشي ڪري ڪين پنهنجو رهبر، پنهنجو اڳواڻ ۽ پنهنجو آقا چيو وڃي ٿو، اُن تي راشد مورائيءَ جو روح تڙپي ٿو ۽ چوي ٿو ته:

قوم سان جو سچو ناھ راشد رھيو
اُن سان منسوب سُھٽي عبارت نہ ڪر

راشد مورائي ھڪ رھنما شاعر جي حيثيت ۾ باقاعدي طور ھر سماجي بُرائيءَ جي نشاندھي ڪري ٿو، جيڪا قوم جي ذھن کي مفلوج بنائي ٿي، پوءِ اھا توڙي جو سُستي، غفلت يا اڻ ڄاڻائي ھُجي، توڙي جو بي عمل لفاظيءَ جي ڪوڙڪي ھُجي؛ راشد چاھي ٿو تہ سنڌ جو ڪوبہ ٻچو ٻار، جوان توڙي ٻُڍو! ڪنھن وٽ بہ ناجائز نہ ڦاسي. ھِن نوعيت ۾ ھي اشعار ۽ انھن جي گُونا گُون ڪيفيت تي ھڪ مدبرانہ نگاھہ وجھو تہ حقيقت جو اظھار ڪيڏو نہ واضح ڪيو ويو آھي:

دلبر مُون سان ڪيئن ملايو ڪنھن بہ ڪڏھن درگاھہ
ميلي ۾ تان ٿيندا آھن، ماڻھن جا ميلاپ

پير صاحب تنھن جي ڦيٿن ۽ چنڊن ۾ ڪجھہ نہ آ،
پي ويو پاڻي پڙھيل جي آ سڄي گاگھر مريض

وھم تنھنجي گھر منجھان نڪري سگھن ٿا ان طرح
پير صاحب جي مڙھا، تون دست بوسي ڇڏ تہ پو!

نڪي اعمال بھتر ۽ نہ ڪي آ عمل جو گوھر،
وڏن جي ڳالھہ ٻيئل ڪي پيو تو پير ڪم آئي.

دؤر ڪمپيوٽر ۾ ڪونھي ڪوبہ مُرشد جو ضرور،
سادڙن ماڻھن ڪان اٽڪل سان وٺي ٿو ڏن، دماغ.

مان ڪونہ ميان پر ڇا ڪريان گھرواريءَ جو ويساھہ وَڏو،
پيرن ۽ مُلن جي ٽوڻن ۽ ڦيٿن مان اچي ڦاتا آھيون

ھڪ گھر ۾ ھڪ بيدار ذھن پيدا بہ ٿيو تہ بہ ڇا حاصل
سڀ ڇريو چوندس گھر ياتي، وھمن مان اچي ڦاتا آھيون!

حيرت جي ڳالھہ آھي تہ ھڪ سيد گھراڻي جو چشم وَ چراغ، ابن ڏاڏن ڪان وٺي پيراڻي پيڙھيءَ سان لاڳاپيل مرشد ابن مُرشد جو اولاد، جڏھن حقيقت

Scanned with CamScanner

ڪي حاصل ڪري ٿو ته ڪيس ڪوبه لوڀ، ڪابه لالچ، ڪوبه مصنوعي آداب مُتاثر نه ٿو ڪري. هُو بغير محنت جي مليل ڏن پَتَ واري پئسي ڪي نه صرف پاڻ قبول نه ٿو ڪري، پر ٻين جي وٺڻ واري عمل ڪي به غلط سمجهي ٿو. ان صورتحال جي سمورن رُخن تي پنهنجي اندر جي انتهائي سچاين سان اظهار به ڪري ٿو، جيڪو راشد سائينءَ جي روشن خياليءَ جو دليل آهي.

راشد هنن سارين ناهموارين، ڏاڍ ۽ بربريت آميز روين، ظلم جي زنگ آلود فضائن مان ڪڪ ٿي، پنهنجي نجات جو اهم قدم، انسان جي آزاديءَ کي ياڻئين ٿو ۽ آزاديءَ کي ئي بهترين نعمت قرار ڏئي ٿو:

آزاديءَ کان بهتر دُنيا ۾ ڪا نعمت ناهه
بد کان بدتر راشد ڪوجهي چيز غلامي آ

راشد کي ريجهائڻ خاطر هڪڙي ئي شيءِ آزادي آ
مان ڪو ٻار ته ناهيان جو چيڱم کي چٻاڙيو وينو هوندس

راشد پنهنجي لازوال شعوري سگهه سان انسان جي سُڌاري، ارتقا، بُلند کان بُلند تر مدراج ڏانهن سفر جو گهورو آهي، انهيءَ ڪري ته آزاديءَ جي اهلهه وٽ سان واصل ٿيڻ لاءِ ۽ فراريت کان بچڻ لاءِ فرمائي ٿو:

آزادي بهتر آ ليڪن دل آزاري ڏوهه
خيال جي توڏن کي ٻڌ سوگهو، ڇڙندا ٿيندا چيڪ!

آزاديءَ ۽ ڇڙواڳيءَ ۾ فرق محسوس ڪري ٿو، آزاديءَ کي اُصولن ۽ قانونن جي پابنديءَ کان الڳ نه ٿو سمجهي، ڇُڙواڳيءَ کي ننديٖ ٿو، جيڪا دل آزاريءَ جو باعث بنجي ٿي. آزادي، انسان جي عظمت آهي ۽ دل آزاري وڏو گناهه آهي، جنهن عمل ذريعي انسان سوزي ٿئي ٿي. يقيناً اُهو آزاد نه ٿو ٿي سگهي. آزاديءَ جي جدوجهد، ڪن نازڪ نوعيتن ۾، عجيب ڪيفيتن ۾ دوکي ۽ دولاب جي ور چڙهي ويندي آهي. ڪي ڳُجها حربا، عارضي فائدا ڏئي، مصنوعي اتحاد جوڙي، اندروني ٻيچ ڌاهه ذريعي اهڙا اِشو پيدا ڪندا آهن، جو ڪيترائي سُجاڳ ذهن به جهپ هٽي ويندا آهن، اعتبار ۽ اعتماد جو شڪار ٿي پوندا آهن ۽ تحويلي نوعيت ۾ غفلت شعاري، هٺ مَلڻ تي مجبور ڪندي

اٿس، اهڙو نازڪ ترين احساس، جيڪو ڪنهن ڪم فهم کي ڇا نظر ايندو؟ مگر راشد جهڙو دُور نظر بالغ خيال مُفڪر شاعر، وقت جي نبض شناسيءَ ذريعي معلوم ڪري ڪيڏي نه اثرائتي نموني سان مخاطب ٿئي ٿو! ڇٻيل ڇٽيل مشروط مهلت تي به پنهنجي اظهار کي پڪيءَ جي تمثيل ۾ هن ريت پيش ڪري ٿو ته:

پڇري جو در کولين ٿو تان پر به نه پَٽ نادان!
او صياد، وسيلو مُنهنجي اُڏرڻ جي لئه ڇڏ!

يا، هِن شعر جي خيال کي هيٺينءَ به اظهاريو اٿس:

عريضي اُڏڻ جي ڪيائين قبول،
پَٽيا مُنهنجا پهريان ته صياد ڪنب!

يا اَڃا به بهتر انداز ۾ ڏسو:

ڪالهه هي شهباز تي تحفي ۾ مليو خوش ٿيس
پَرَ پکي هاٿي لڳي ٿو سِرڻ زياده، باز گهٽ!

تمثيلن ۽ اشارن کان اڳتي چٽيءَ طرح به چٽي ٿو:

قوم جي هِن قتل جو مان ڪنهن طرح قائل ٿيان،
مان خدا فرعون کي آخر مڃان ڪهڙي طرح!

سائين راشد مورائيءَ وٽ علم، فهم ۽ فڪر جي اظهار جو هڪ خوبصورت ذريعو آهي شاعري، جنهن سان سندس روح جا اڻ ٽُٽ رشتا آهن:

آڏيءَ اُٿيو آن، پني تي پيڙا پيو پَلٽيان،
ڏات ڏنو آ شعر جو رستو خيال سموئڻ لئه!

ڏات ڪيس شعر جو رستو ڏنو آهي ۽ شعر ڪنهن به قسم جي اظهار لاءِ مؤثر ذريعو آهي، ۽ راشد سائينءَ شعر ۾ پاڻ ملهايو آهي ۽ شاعريءَ کي رهبريءَ طور ورتو آهي:

راشدا! خوش نصيبي آ انڌير ۾
رهبري ٿي ڪري ڏات جي روشني.

Scanned with CamScanner

ذات جي روشني شمع طور زنده رکندو آچڻ، اونده سان لڙڻ جي مترادف آهي:

چيو سُرباٽ ۾ سيني اسان کي روشني گُهرجي،
رکي ٻاري شمع مون راشدا ظلمات جي ضد ۾!

ظلمات جي ضد ۾ شاعري آڻڻ وَڏين تکليفن جو باعث بنجي ٿي، پيڙائون پلئه پون ٿيون، پر پوءِ بہ شاعر مستقل مزاجيءَ سان ڏوٽيندو رهي ٿو:

ازل کان ڏنگ سهندا تا اچون پيا ذات جي بدلي
اسان جا هٿ ڏسو ڏينين جي ڏارن ۾ آجا تائين

راشد سائين ڏينين جي ڏارن ۾ هٿ وڌا آهن پنهنجي شعر کي صرف حُسن و عشق جي اُپٽار نہ، بلڪ مظلوم جي حالتِ زار لاءِ ڪَتب آندو اٿس.

غزل ناهه آ دانهن مظلوم جي
گهرُن راشدا! روز اشعار انصاف

راشد سائين پنهنجي ملڪيت، پنهنجو تن، پنهنجي دولت، سڄي عُمر جو سرمايو ۽ پُونجي پنهنجي شاعريءَ کي قرار ڏنو آهي؛ جنهن ۾ انساني قدر، احساساتي نزاڪت، بُلند ڪردار جُون صداقتون، رهنمايون، رهبريون، زندگيءَ جون املهه معنائون ۽ معيار ايترا تہ وسيع آهن، جو پڙهندڙن جون جهوليون اُتلي پوڻ جيڏيون پرجيو وڃن. تہ ايڏي اهم شاعري پڙهڻ گهرجي، اُن تي ويچارڻ گهرجي، اُن ۾ موجود املهه انساني قدرن جي تلاش ڪرڻ گهرجي، اُن جو قدر ڪرڻ گهرجي، ان مان حاصل ڪرڻ گهرجي، جنهن لاءِ هُو خود بہ سڏي رهيو آهي تہ:

آچو راشد کان اچي دوستو حاصل ڪريو
پنهنجي سيني ۾ دفن کوڙ خزانا تو رکي

وقت ۽ وير ڪنهن لاءِ نہ ٿي رُڪجي، تيز رفتاريءَ جو دؤر آهي، اڄ جي طبعي حيثيت سيائي ساڳيءَ حالت ۾ هُجي نہ هجي، مگر رُوح جون رازداريون اٹل آهن، انهن کي اپنائڻ گهرجي!

ٻُڌين تہ ٻُڌ غور سان هي جُملا وري پو ورجاءِ آهہ مُشکل،
متان پو سوچين تہ يار راشد، چئي ويو ڇا تڪڙ تکڙ ۾!

Scanned with CamScanner

راشد سائين زندگيءَ جي لاهي چاڙهي، سَراب ۽ سُراغ کان بخوبي واقف آهي، هُن موت جي اکين ۾ اکيون ملائي لکيو آهي، هن حياتيءَ ۾ هزار بار مري ۽ جي ڏٺو آهي، هُن کي پاڻ- پٺي کان وڌيڪ مقصد عزيز آهي ۽ هُو هن راهه ۾ سِرن جي بازي لڳايو ويٺو آهي:

اگر سِر جو سَٽين سانگو تہ پو اچ
مرڻ کان ٿي اڳي عاشق، مري وڃ

وَڍي ڏي سِرُ تہ ٿئي سودو سِرن جو
کري حاصل تون راشد برتري وڃ

مرڻ جي ڊپ کان آزاد ٿيڻ وارو ئي دنيا ۾ غير معمولي ڪم سرانجام ڏئي سگهي ٿو ۽ موت جي ڊپ ۾ گهيريل ۽ گهوٽيل انسان پنهنجا عام معمولي ڪم بہ سرانجام ڏيڻ کان قاصر هوندو آهي. راشد سائين مرڻ کان اڳي مري ڏٺو آهي ۽ نتيجي ۾ پنهنجي شاعريءَ اندر اهڙي تہ ابدي حياتي ماڻي آهي، جيڪا زوال ٿيڻ جوڳي ناهي ۽ اُن ۾ هميشگي آهي. هُو مدام مست ڪيفيتن ۾ پاڻ کي منصور جي تسلسل ۾ پيش ڪندي فرمائي ٿو تہ:

راشدا، منصور کان هِن دور تائين اي ادا!
جيتريون صديون ختم ٿيون، اوترا چولا ڪيم!

۽ اناالحق جي اظهار لاءِ سِر سُوريءَ ڏريندي چئي ٿو تہ:

چڙهيٺو پيو سُوريءَ تي چَئي هاڻ اناالحق
راشد وڃي جو واقفِ اِسرار ٿياسون!

۽ ديوانگيءَ سان دار ڏي وڌندو حق جا نعرا هڻندو چئي ٿو:

شان سان راهي آ راشد !دارَ ڏي، ديوانگي
وقت جو منصور آ، نعرو هڻي بيهي رهيو.

شانِ منصوري جي تائيد ۽ پنهنجي ڪج فهميءَ جي اعتراف ۾ مان پنهنجو هيءُ شعر راشد سائينءَ کي خراج طور پيش ڪريان ٿو، جنهن مان مون پنهنجي هن مهاڳ جوعنوان بہ ورتو آهي:

Scanned with CamScanner

منصور جي گفتار تنهنجي شعرن ۾،
آ رت ٻُڏل تلوار تنهنجي شعرن ۾،
ايڏو بيان اصغر ڪري نہ سگهيو آ،
جيڏو بُلند معيار تنهنجي شعرن ۾!

ڀلا جنهن ماڻهوءَ ڪڏهن انفرادي فائدي کي اجتماعي حاصلات تي ترجيح نہ ڏني هُجي، بلڪ پنهنجو ذاتي فائدو قربان ڪري ٻين جو ڀلو چاهيو هُجي، قوم لاءِ جهيڙيو ۽ جاکوڙيو هُجي، اُن جي عظمت جو احاطو لفظن ۾ مُمڪن ڪٿي ٿو ٿي سگهي!

جنهن شخص جي آڏو جڏهن حق ۽ باطل چٽا هجن، ظلم ۽ مظلوم معلوم هُجي ۽ پوءِ هُو هميشه حق جو ساٿ ڏئي، باطل کان نہ صرف پَڇي، پر اُن جي مذمت ڪري نہ صرف زباني نندي، پر پاڻ بہ عملي جاکوڙ ڪري ۽ ٻين کي بہ حقيقت جي ترغيب ڏئي، مظلوم جو طرف کڻي، اُن جي عزت مانَ ۽ وقار لاءِ اشعار لکي، تنظيم ڪاري ڪري ڪارڪن تيار ڪري، مُناسب وقت تائين اڳواڻي ڪري پنهنجو ذاتي خرچ ڪري، رت سَت ڏئي ڪنهن حد تائين پنهنجي آس پاس پورهيت جي پيڙا گهٽائڻ ۽ حق وٺڻ ۾ ڪامياب وَڃي، شعور ڦهلائيندو رهي، عالم با عمل هُجي، سندس شعر شعر مان سچائي جهلڪندي هُجي، وِڪ وِڪ مان ڪردار بکندو هُجي، اُن جي عظمت کي سلام ڪرڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهجي. اُن جي عظمت کي مان هڪ تہ ڇا، حقيقت جا پوئلڳ هزارين انسان، دل جي سچاين سان پنهنجو سلام ۽ تحسين پيش ڪندا ۽ اَڃا بہ وَڏيڪ ڪيس مُحبتن ڀريا موقعا فراهم ڪندا تہ جيئن راشد سائينءَ جو سمورو جگري پورهيو پنهنجو رنگ رچائي، سنڌي شاعريءَ ۾ مناسب سَند ماڻي سگهي، هنن نيڪ ارادن ۽ تمنائن سان پنهنجي مهاڳ جو اختتام ڪريان ٿو ۽ سمورن سنڌ واسين کي "ديوان راشد" جي مطالعي لاءِ صلاح ڏيان ٿو.

23-2-2004

اصغر ڀٽي ڀريائي
ڀريا سنڌ

## رديف (الف)

سونهن تنهنجيءَ تي سيئي تشبيهہ جا دفتر ڪُٺا،
عشق جن توسان ڪيو، سي دين دنيا کان ڇُٽا.

اوچتو آيو اوهانجي حُسن جو جلوو نظر،
سِرُ جُهڪايو سين، ٿي ويا عام سجدي ۾ اُٺا.

ظالمن بابت زماني کي خبر پڇي تہ ڪيئن،
گوڙ وارن جا گلا گُهٽيو ڏين پيا تا گُهٽا.

جُوانُ جو آهي اُهو، اندو بہ تو ڏندو ڪري،
ياڙِ جا تُنبا ڏسو پيا تا پڻ ڏندا مُٺا.

ڇو پيو ڪائين عجب ڳاڙهاڻ گُلڙن جي ڏسي،
ريجُ مُنهنجي خون جو هو، جنهن منجهان گلڙا ڦٽا.

اي زمانا! تون خوشامد ۾ پيو تو خوش رهين،
سَچَ جي راشد! چيئہ ڇڻ پيا جهڙي نُنهنجا ڇُٽا.

●

Scanned with CamScanner

چام پرجن پيا،
پياڪ ڦهڪڻ پيا.

ڳوٺ جي هر ڳلي،
گيت گونجن پيا.

مور پٽ تي وري،
خوش ٿهڪن پيا.

جهُورَ آرام ۾،
ٻارَ ٻهڪن پيا.

جوانَ ماريو ملهون،
خوب مُرڪن پيا.

سونهن وارا پرين،
هاڻ سرچن پيا.

پانهنجا پاڻ ۾،
نيٺ پرچن پيا.

سنڌ جو سُونهن ڪٽي،
ٻول ٻَڌجن پيا!

ڏس ته پاپين سندا،
پير پٽجن پيا.

شعر راشد پڙهيو،
جهانگي جهُومن پيا.

●

عشق مان ڏاڍا اسان ڪوڙاڻ جا ورتا مَزا،
درد جي ورتي دوا ۽ درد ورتا لا دوا.

خيال دِل جي پُختگي ۽ سادگيءَ جي زندگي،
راز نياز ۽ پيارُ سوز ۽ نينهن جا بيحد نشا.

ٺوڪرون ٺي ٺوڪرون، حملا، شڪستون، قيد بند،
ڏوهہ محبت جو ڪيم، ٿيا ظلم مون تي بارها.

درد دل، ديوانگي، حيرانگي، جوش ۽ جُنون،
پيار تنهنجي اي پرين! مون کي گهڻا تحفا ڏنا.

هر مصيبت جي ڪِلي هر دم ڪَئي سُون آجيان،
هر سِتم سهندا رهون ٿا شوق سان شائق سدا.

بِرهَہ جو سڀ بارُ سِرَ تي آهِ راشد بَر چشم!
نعمتون لک نينهن جون آهن ٿيون مون کي عطا.

●

دوزخ دنيا بنجي باغ بهار ته باقي ڇا،
آڙه ابراهيمي ٿئي گلزار ته باقي ڇا!

اولي، لولي، چولي جي ڪا ڳُٽي ڪانهي هاڻ،
حاصل ٿئي جي تو جهڙي جو پيار ته باقي ڇا!

تنگ حياتيءَ مان جو تنهن کي موت جو کهڙو پوَ،
پنهنجي بُت مان پاڻ ئي آ بيزار ته باقي ڇا!

جنهن تنهن جو هُو ڏيان ڇڪائڻ لاءِ ڪري ٿو وس،
ڪنهن هڪ جو ڪيئن ٿي رهندو، فنڪار ته باقي ڇا!

ويڙهه حياتيءَ جيءَ ۾ ڪڏهين گهبرايون به ته ڇو،
راشد سائين! سونهن ڪري سهڪار ته باقي ڇا!

●

Scanned with CamScanner

اسان تي ٻاجهہ جي اڄ مهر نظر ڪانهي ڪا،
الائي ڇا ٿي ويو آ سا خبر ڪانهي ڪا.

جتي هر روز ڪچهري ٿي ڪئي تو ۽ مون،
انهي پارڪ ۾ هينئر سائي ڇپر ڪانهي ڪا.

تڳان ٿو توهہ صرف تنهنجي، سهارو آ وڏو،
ڇڏي زماني ظلم ۾ ڪا ڪسر ڪانهي ڪا.

نصيب شهر انهيءَ جا تہ قِتل ئي ڇَٽبا،
ڪئي محسن جي عزت جنهن بہ شهر ڪانهي ڪا.

پلي مفهوم ڪڍن ڪوبہ اُنهن جي مرضي،
لکيت منهنجيءَ ۾ ڪائي زير زبر ڪانهي ڪا.

مريض عشق جي حالت آ رحم جوڳي پر،
هُتي احوال پُڇائي سا پهر ڪانهي ڪا.

پري ايڏو بہ نہ ڪر جو سياڻ ڇوٽو پوي،
سچي مقام ۾ راشد جي قبر ڪانهي ڪا.

●

هِڪَ هرڻ جي پنيان اڌ ڊزن هِي ڪُتا،
ڪيڏا لمحا هُيا هي فِڪر آزما!

دل جي حسرت جا خوني سيئي نيڪ ها،
ڪي تہ حاجي هئا ۽ ڪي قاضي هئا!

ساهُہ پيارو آ، سُوريءَ چڙهڻ کان اڳي،
خوني آچين تا وارثن کي ٻَها.

تون مريضن لئہ آيو آن بنجي دوا،
دل مان هر وقت تو لئہ ٿي نڪري دُعا.

هڪ خوشي سؤ ڏکن کي ٿي ميٺي سگهي،
جيڪڏهن ڏئي سگهين، چند پل شام جا.

سچ لهڻ کي هئو، سانت جو وقت هَو،
ڪنگ اُڏريا پئي ڍنڍ ۾ ڪاز ها.

راشدا! هُن جي نيڻن ۾ پڇتاءُ هو،
مون ڪيا پنهنجي طرفان هٿيار ئي ڦٽا.

●

هيڏانهن هي اڪيلو، هوڏانهن ڏس تہ ميلا،
ڏاڍا وڏي ويا آهن، ابليس جا تہ چيلا!

"ناهر! تون ڏڻ ڪي چارڻ ويندين؟"چيائين "حاضر"،
چئجانءِ مالڪن ڪي، چوڙي چڏين چيلا.

توڙي جو ٿورا آهن سچار، تہ بہ تہ سَرها،
ڪُوڙن جي اڪثريت آ، پر پو بہ بُوٽ پيلا.

ساري جهان مان هي سياست ڪندڙ وٽن تا،
هڪڙو **جي. ايم. سيّد**، ٻيو **نيلسن منڊيلا**.

رنگ آ پسند نيرو، ميوات منجهہ ڪيلا،
ڪاڏي ۾ مڪڻ ماکي، پاڇين ۾ بس ڪريلا.

شايد جلوس نڪري، هٿ تاڙ اڄ بہ آهي،
چوڪر گهٽين مان نڪتا، گيدا پري گُليلا.

چمچاگري ڪري ڪِئن، چالاڪ ويا اگهامي،
راشد ڏڪارجي ويا، سي ڳوٺ ۾ ڳهيلا.

●

ملهائڻ مرد مئخانا، ڪي مردانا هَليا ايندا،
سڏيندين جي ڪٽي سِڪَ سان تہ مستانا هليا ايندا!

پتنگن پاڻ ۾ ويهي پَچڻ جو پَھُ پچايو آ،
شمع جَلندي، جَلڻ جي لاءِ پرَوانا هليا ايندا.

صُراحي ساڻ آ تو سان اگر ساغر نہ آ ساقي!
پيارڻ جي ڪرين پيارا تہ پئمانا هَليا ايندا!

اثر پنھنجن تي ڪونهي ڪو اگر هن آھ زاريءَ جو،
بِرهَہ جي باھ کان ڪَر آھ، بيگانا هليا ايندا.

اگر سرمائيدار آ سارَ لهندؤ ڪا غريبن جي،
گهٽن ئي ٻارَ مسڪينن جا نيرانا هليا ايندا.

اچي هن عشق جي ميدان ۾ مُشڪل عقل وارو،
دُکائي درد جا دُونهان ڪي ديوانا هليا ايندا.

ٻَوي ٿو عشق جي آئي، وڳوڙو آمن، ايمان ۾،
مَلامت لاءِ مسجد مان بہ مولانا هَليا ايندا.

شهنشا عشق جي آيو، ڦٽي تسبيحَ ڪري راشد،
ڇَڏي مُصلو ءِ لَٽ، پائي گچيءَ ڳانا هليا ايندا.

●

تون پار وَڃين يا لاڙ وَڃين، ڪا جُوءِ پَرائي ڪانهي ڪا،
محبوب، سدائين گڏ آهيون، جيئرن جي جُدائي ڪانهي ڪا.

آ تارَن ۾ تَڪيو تُنهنجو، مان هلندو هان ڪَنڌُ هيٺ ڪري،
مون توکي ڏسڻ ڪان پوءِ تہ ڪنهن سان ديد مِلائي ڪانهي ڪا.

آ شهر حسين ڇَهرن سان پريل، ظاهر ۾ حُسن جي کوٽ نہ آ،
پر پوءِ بہ مون ڪم ظرف ڪنهين سان دل تہ لڳائي ڪانهي ڪا.

انسان تہ پاپي بنجي ٿو ڪنهن فرد جي دل آزاريءَ سان،
سو صوفي آهي جنهن دلڙي ڪنهن جي بہ ڏُکائي ڪانهي ڪا.

هي دؤر ڪميڻو دؤر آهي، هي دؤر آ بد اخلاقيءَ جو،
هر ڪاتي ۾ رشوت ٿي هلي، ڪنهن ڪان بہ پُڇائي ڪانهي ڪا.

هو شاهِ حُسن آ تخت نشين، آ ڪيس ڏسڻ لاءِ حيراني،
افسوس سندس دربار اندر، راشد جي رَسائي ڪانهي ڪا.

●

Scanned with CamScanner

## رديف (آ)

رخ - دلبر ڪتاب ٿي ويو آ،
مون لاءِ مقرر نصاب ٿي ويو آ.

ڪالهہ تائين تہ هُو هُيو مُڪڙي،
اڄ تہ مڪمل گلاب ٿي ويو آ.

تَنهنجي ليڪي تہ ڀوڳ ۾ چَرچو،
مُنهنجو جيئڻ عذاب ٿي ويو آ.

چندُ منهنجي تہ آهِہ جهوليءَ ۾،
سَچُ سارو ئي خواب ٿي ويو آ.

هُن جي چانئٺ چُمي وَريو آهيان،
ڀانيان حَجَ جو ثواب ٿي ويو آ.

ڏنگيون ڳالهيون ٻڌي ٻُڌي آخر،
جگر منهنجو ڪباب ٿي ويو آ.

ذهن جي تند تاڻجي وئي آ،
رُوحُ راشد! رَبابَ ٿي ويو آ.

●

Scanned with CamScanner

نہ تو عُمر ساري جفا کي ڇڏيو آ،
اسان تہ بہ نہ تو بيوفا کي ڇڏيو آ.

خدا جو حڪم آ وفا ڪرڻ لازم،
وفا جنهن ڇڏي، تنهن خدا کي ڇڏيو آ.

اوهان جي سَخا نيت محدود ٿي وئي،
نہ پر مون اميد - عطا کي ڇڏيو آ.

مِٺن مائٽن ۽ زماني سان تو سان،
سين سان نڀاهيم مون ڇؤ ڇا ڇڏيو آ؟

اڇي عشق حضرت ڇڏايون نمازون،
مون وِردن، وظيفن، دُعا کي ڇڏيو آ.

اسان پاڻ پنهنجي اُڪاريون تا ڪشتي،
اسان راشدا نا خدا کي ڇڏيو آ.

●

Scanned with CamScanner

تو ڪاڻ ڪيان ڪندين جي، گلن سان ڪيئن به گذارو ڪرٽو آ،
مون ماتِ مَجي آ مقصد لئہ، سو زهر سَندو ڍُڪُ پَرٽو آ.

تو ٻوٺ سجي جي ڳَئَنِ ڪي چاريان هڪڙي هوت پنهل جي لئہ،
سو ڏينهن تَتي ۾ رِجٽو آهي ۽ پاري ۾ ٺَرٽو آ.

اڳُ جي نہ پِتي تي پوندا ها، اڄ تن سان پيار وڏايان پيو،
تو لاءِ پرين مون ڇا نہ ڪيو، اڄ توکي واپس وَرٽو آ!

دِل ڏَهلي ڪانہ درياهَہ جي دهشت ڪان جو سُهڻيءَ سڏ ڪيو،
مان ساهڙ آهيان سِيرَ طرف رِيءَ تُرهي مون ڪي تَرِٽو آ.

جو ظالم تي تو ظلم ڪري، سو ظلم وِٽي ئي وڃٽو آ،
جنهن مون لئہ پَنيث پڙڪايو تَنهن لئہ بہ تہ بارڻ ٻَرٽو آ.

دل چاهي تي هِن دؤر جي لئہ مخدوم بلاول ٿيان راشد!
سو ڏادَ جي گهاٽي ۾ پَئي رَت ڪي تيل بين لئہ ڪَرٽو آ.

●

دؤر خزان ۾ نيٺ ختم تي وڃڻو آ،
ٿاريءَ کان هڪ ڏينهن ته گُل کي ڇڄڻو آ.

بجليءَ وارن جي مرضي آ گهٽ لڪجي،
ڏيئا، جَلندو رَهُه ڳچ تائين لڪڻو آ!

پاڻ ڀَڏا هِن پنهنجي چيلهين ۾ سَندرا،
ويڙهه حياتيءَ جيءَ ۾ ساٿ نه ڇَڏڻو آ.

گل تائين پهچڻ جو آهي شوق اگر،
ڪنڊن جو ايذاءُ به خوش تي سَهڻو آ.

ٿاندو آخر چارُ ئي بنجي ويندو آ،
شوق جي خاطر ڪا ته گهڙي ڪن ٻَکڻو آ.

ڪوبه سدائين ڪنهن سان گڏ هوندو نه هتي،
نيٺ وڇوڙي جو غَمُ سِرَ تي اچڻو آ.

هِن گندي ماحول ۾ رهندي اي راشد!
پنهنجو هردم سِيل سلامت رکڻو آ.

●

محبوبن جي محبت ۾ مَنُ مست مُدامي آ،
خود کان ٿي بي نياز رهڻ جي مون ۾ خامي آ.

علم عقل ۽ بخت حُسن سڀ گڏ ٿيا هڪڙي جاءِ،
سُونهن اڳيان سنسار سڄي جي سوچَ سَلامي آ!

بي چئنيءَ جو باعث مون کان ڇا جي لاءِ پُڇيئي؟
چَئن لُٽي وَئي مُنهنجو، تُنهنجي اک بادامي آ.

مئڪش سان گڏ مجلس ۾ هُو گڏجي پيئندو ڪيئن؟
پيش نظر مولانا ڪي جو پيش امامي آ.

مون سان مُنهنجا درد قبر ۾ ماڻي ڪيئن سگهندا،
ڪجهه ته عزيزو! خيال ڪيو، هيءَ سوڙهي سامي آ.

ڇڏ ته گهڙي ڪن ننڊ ڪري جي جاڳيو تنگ ڪندو،
دل مُنهنجيءَ ۾ دنيا ڀر جو دُک آرامي آ.

آزاديءَ کان بهتر دنيا ۾ ڪا نعمت ناهه،
بَد کان بد تر راشد! ڪوجهي چيز غلامي آ.

●

Scanned with CamScanner

مُنهنجو سڀ ڪجهه هڪ پُڙَ ۾ ته به تورو تي پيو آ،
تُنهنجي ڳُٽن وارو پاسو ئي ڳوُرو تي پيو آ.

پيئڻ ئي دل ڪانہ تي چاهي، واپس وَٺُ هي پيگُ!
جامُ حياتيءَ وارو زهر - ڪَٽورو تي پيو آ.

واقعي ذهن لسائي، اُن ڪي سُهٽو تو ناهي،
مُنهنجي لاءِ نقاد، رَواتُ، ٽِڪورو تي پيو آ.

واريءَ پنڌ آٽائو اوڪو، منزل ڏاڍي ڏور،
سات نہ ڏيندو، جيڪو سُڪ جو گهورو تي پيو آ.

هن جي نانءَ وٺڻ سان ڏئي تو ٽپڪي ٽاريءَ تي،
ڪيڏو خيال ڪري تو، ڪانءُ صَدورو تي پيو آ.

دل تي چاهي اُڌري سيد اڪبر وٽ پهچان،
چا ڪريان موري ڪان ڏوُر "بنورو" تي پيو آ.

هوُنئن تہ سنڌ جا شهر ۽ واهڻ سهٽا سڀ راشدَ!
مُنهنجي پسند ۽ مَن موهندڙ "مورو" تي پيو آ.

●

---

سيد اڪبر، ميرپوربٺوري جو اديب، شاعر، استاد ۽ ڪتاب "ڪرڪي ڪاٺي ڪونج" جو مصنف.

Scanned with CamScanner

اڄ رات ڪان تي ذهني تڪليف، سَوائي آ،
جنهن ڪي مون ڪيو پنهنجو تنهن چوٽ رَسائي آ.

هر روز ٻه گهٽتائي غم جي تہ نہ هوندي آ،
اڄ دل ۾ اچي دردن بازار لڳائي آ.

هاڻي نہ ميار ڏجان، مُون ڪان لُڙڪ نٿا رُڪجن،
ماڻهن ڪان مِنا محبت مون ڏاڍي لڪائي آ!

رَتُ لُڙڪن ساڻ گڏيم، تي رنگ گُلابي پيو،
ڪيڏي مون سُني تُنهنجي تصوير ٺاهي آ.

ديدُن کي پئي عادت دڳ ڏانهن ڏسڻ واري،
هاڻي هُو وَري ايندو اُميد آجائي آ.

دنيا ۾ نہ ڪو ڪنهن جو، ڪنهن تي ٻہ نہ حق منهنجو،
افسوس جو دلڙي تي پنهنجي ٻہ پَرائي آ.

سينگار ڪري آئين راشد جي جنازي تي،
تُنهنجي تہ ڪٿي جاني! الله پُڄائي آ.

●

Scanned with CamScanner

سيماب صفت قلب آ فُرقت جو سبب آ،
هي هجر ئي مايوس طبيعت جو سبب آ.

خوشبوءِ مون مان ڪانہ ڪُٺي ٿي چو؟ پُڇين ٿو،
اي دوست! اِهو گلن جي صحبت جو سبب آ.

ڪَمچورَ ٻٽيا ڪوڙ جو ڪمزورُ ٿيا ڪاتا،
ايڪيهين صديءَ ۾ اِهو مُروت جو سبب آ.

هِن عُمر ۾ جاڪوڙ ۽ محنت نہ ڇڏي مون،
محبوب، اوهان سان محبّت جو سبب آ.

مان توسان دل جي ڳالھ ڪرڻ ٿو گهران ليڪن،
هُو سامهون ويٺو آ، سو بوريت جو سبب آ.

دولت تہ ڪنهن کي اهم بنائي نہ سگهي ٿي،
انسان جو اخلاق ئي عظمت جو سبب آ.

هر روز ڊزن شعر لکڻ راند تہ ناهي؛
راشد! هي منهنجي ذهن جي مرمت جو سبب آ.

●

Scanned with CamScanner

## رديف (ب)

پيارَ سان پَرتو پرينءَ جي پيش پَئي آ منت ثاب.
راز رهبر جو ٿيو ٿي رُئڻ جي رت ڪامياب.

ڏند ڏاڙهونءَ ڪٽن جيئن ٿيا لعل لب لالا مثل،
نيڻ نرگس ماهروءَ جا، ڳل پرينءَ جا چڻ گلاب.

واعظن ڪافر چيو، بدعت پسند زاهد چيو،
سِر سڄڻ آڏو جُهڪايم، سمجهيم سجدو ثواب.

مولوي ماڻهن کي ڊيڄارينِ ٿا ڳالهيون ڪري،
حشر جو ڏکيو پُڇاڻو، قبر جو اوکو عذاب.

رنج ڪنهن دل کي ڪرڻ، آهي ڪرڻ ڪعبو شهيد،
جن ڪُڏو هي ڪم ڪيو، تن جو ٿيو خانو خراب.

منهنجي محبت کي مٽائڻ جي ڪيوَ ڪوشش گهڻي،
عشق منهنجو آهه ساڳيو اڄ جهلو عالي جناب!

راشدا! هن جي ڪري دشمن دنيا ٿي آ مگر،
پيار هن سان آهه منهنجو اڄ بہ بيحد بي حساب.

●

چڙ ڪٿي ڪاوڙ اجائي، ڇو غُصو آ بي سبب،
تنهنجي ئي دربار ۾، بيٺو رهان ٿو باادب.

ڇو ڀلا ڪاڏي وَڃان مان، ٻيو سهارو ڪونه آ،
پنهنجي در جي نوڪريءَ لئه ڪر مون کي تون منتخب!

همسري ڪهڙي ڪبي، ڪٿ شان هُن جو، مان ڪٿي!
مان ٿيس ادنيٰ گداگر، هُو ٿيو عالي نسب.

جو نه معنيٰ خيز نظرن سان ڏسي مون کي دنيا،
ٿو رهي ڏسندو زمانو، مون کي رُئندو روز شب.

عرض آزيءَ ۾ عُمر وئي، ٿيو نه خوش ٿي هم ڪلام،
رائگان رهندي اچي، هر التجا، آهي عجب!

ڏينهن جو توکي ڏسان ٿو، رات جو تارا تَڪيان،
تات طاري، رات ساري ٿي رهي تنهنجي طلب!

قياس ڪر مغموم دل منهنجيءَ مٿان ڪو قُرب ڪر،
تو سوا هي تنهنجو عاشق آهه راشد جان بلب!

●

ڏسي مون کي رُخ تي ڏِکيو تو نقاب!
لڪائي بہ سگهندو ڇا خوشبو گُلاب!

نہ ڪُوندي جي هينان لِڪي سجُ سگهي،
ڏِڪيندو ڪَڪرُ ڪيترو، آفتاب!

دنيا ۾ حَسن جي ڪوتي نہ هُئي،
اوهان جو اصل ڪان ڪيم انتخاب.

نباهڻ نہ تي جي پيارا، پُڳي،
تہ پَهريان ڏنئي پيارُ ڇو تي جناب؟

چون تا تہ آهي، "شڪيءَ ڪان پَلو،
اُهو شُوم، جَلدي ڏئي جو جواب."

اي عابد! عبادت سَندو ڏسُ نہ ڏي،
حُسن کي تو سمجهان مان سجدو ثواب.

ازل کان ئي راشد، وَٺي ويو مون کي،
سندس رُخ هي روشن مثل ماهتاب.

●

Scanned with CamScanner

منا غمر جي دَر وڃڻ نامناسب،
رقيبن سان راضي رهڻ نامناسب.

دَغا ڏيئي دلڙي کسڻ نامناسب.
کَسي دِل، نہ پنهنجي ڏيڻ نامناسب.

گلا منهنجي پرَپُٺ ڪرڻ نامناسب،
ڪرن ساڻ خوش ٿي کلڻ نامناسب.

ملي جيئن ڪِٿي ڪو، ڪڏهن آڻ سُڃاڻو،
اٿين ميلي ۾ مَن! مِلڻ نامناسب.

لڳي دل تہ لوڪان لِڪڻ نامناسب،
ڏسي ڏاڍِ ڏک آ، ڏرڻ نامناسب.

اٿين ٻاڦ ٻاهر ڪڍڻ نامناسب،
اٿئي يار راشدَ! رُئڻ نامناسب.

●

Scanned with CamScanner

# رديف (ٻ)

غريبن سان پيارا چڱي ناهه چَٻَ،
انهن سان وڙهه، جي پچائين دٻ.

اوهان سان قد ۾ نہ پهچي سگهن،
کُڙيون ڪٽن سهٽا ۽ ڪوڙين پَٻَ.

ڪُتن لئہ وڏيري جي، کير ۽ مکڻ،
اسان جي نصيبن ۾ ٻاجهر جي رٻ.

منهنجي شهر جا روڊ رستا تہ ڏسُ!
هي هر جاءِ اُڪڙيل، ڪڏون، کوپا، کَٻَ.

اسان جا طريقا نيارا نوان،
هُنن جا جدارا صفا ڍنگ، ڍَٻَ.

ائين آهہ راشد! پوڳايو پٽُن،
سسئيءَ سان ڪئي جيئن جبل جاڙ پَٻَ.

●

## رديف (ہ)

دلربا تُنهنجا لڳا دل ۾ اتم لاچارَ ہ.
هِڪُ تہ تون مون ڪان پَري، ٻيو تو ڀُنيان اغيارَ ہ!

تو مون ڪان مُنهن ڦيرِيو، مون لاءِ محشر آ مَتو،
تُنهنجي فُرقت ۾ رَوان، نيڻن منجهاران نارَ ہ.

مائٽن جو روز جهيڙو ۽ رقيبن جو ڦڏو،
ڏِسُ وِڌم تُنهنجي ڪري، پنهنجي ڳچيءَ تڪرار ہ.

دَمُ وڇوڙي ۾ ڏيان ۽ تون رقيبن وٽ رَهين،
ڪِينَ تا منهنجي ٽرن، دل تان اِهي اوتارَ ہ.

ڀِرن جا ڀالا، دوناليون دِيدَ جُون، دلبرُ ڏسو،
ڪيئن ڪنيون ڦِرندو وَتي، هُمراهہ هِڪُ، هتيار ہ!

مان تہ گهايلُ هان سَنديءِ بي رحم نيڻن جو ڀرين!
تير نظرن جا ڪٽي، مون تي ڪيا تو وارَ ہ.

آهَہ هيءَ مظلوم واري، تيغ جو ڪم ٿي ڪري،
سا وَڏيندي راشدا! جيئن اڏ ڪري تلوار ہ.

●

هاڻ تا هِڪُ تي وَجون، سَڏبا هئاسين ڏارَ ٻہ.
هِڪ ٻئي جي ڳل ۾ ٻانهون، جڻ تہ آهن هارَ ٻہ.

مهرباني تو مڃان، مسڪين کي پنهنجو ڪيئي،
ورنہ عاشق تنهنجي پُنيان، ٿي رُليا زردار ٻہ!

ديس پنهنجي کي ڇڏي اُڏري هَلون پرديس ڏي،
ڪاش تون ۽ مان هُجون پيارا پرين، پَرار ٻہ!

تن زماني تي فتح حاصل ڪئي، جَن هَٿ ڪيا،
نياز جو هڪڙو ٻيو الفت سَندو، اوزار ٻہ.

ساٿُ جي ساڳيو رهيو تُنهنجو تہ، هُو ٿيندا فنا،
هاڻِ ساري شهر ۾ باقي بچيا اغيار ٻہ.

دائما گڏجي رهڻ ۽ غير کي لوڌڻ سَندو،
دل چَوي ٿي دلربا! مون سان ڪرين اقرار ٻہ.

واه جا آهي رواني، شعر جي اي راشدا!
طرز هن تي تُرت ٿي، ورتئي لکي اشعار ٻہ.

●

Scanned with CamScanner

# رديف (پ)

ڪاش بزمِ يار ۾ حاضر هجن اغيار سڀ.
۽ پسند محبوب کي منهنجا پون اشعار سڀ.

مصرعِ موزون تي ٿئي ’واهوا‘ ۽ ’خوب خوب‘،
بند هر ڪنهن تي مقرر ڪن پيا دلدار سڀ.

محفلِ احباب ۾ منهنجو وَڏائي مرتبو،
پيار سان پُورا ڪري، پيارو پرين اقرار سڀ.

پنهنجي ير ۾ جي سَڏي مون کي وهاري پو ته بس،
دُور ٿي دل تان وڃن هن جي مهر سان بارَ سڀ!

شل ڏسن مڙئي مون کي دوران محفل ڪامران!
ٿي پسمر ويندا عدو، بدبخت، بدڪردار سڀ.

نانگ آهي نيت کوٽن کي ٿي ڪائيندي اها،
سين کي پوندي خبر، پوندا کُلي اسرار سڀ.

واه جو راشد وَڏيو دل کي شعر ’انجم‘ سندو،
”قوم جا دشمن پَڪا آهن اهي زردار سڀ“.

●

•

ڏنا مون کي سهڻن جدائيءَ جا ڏنڀَ.
رُئان راڙ ڪريو هي آواز جڻ رَنڀَ.

سياري جون راتيون گهڻو آهہ سيءُ،
سُڪايو آ سرديءَ ٽريا لگّ ٿنڀ.

عريضي اُڏڻ جي ڪيائين قبول،
پَٽيا منهنجا پهريان تہ صَيّاد ڪنڀ.

ڪري پل عداوت هٽي نيٺ هنڌ،
نہ پرواهہ آهي ٻلي پڙڪ ٻنڀ!

تڏهن ذهن وٽندڙ ٿئي ساڻ سونهن،
جڏهن لنب ٿئي، ٿي اچا آهہ چنڀ.

زهد جو رکن تا جي راشد! غرور،
اهيئي تا دوزخ سندا ٿين ٿنڀ.

●

## رديف (ت)

وَٽ يار قربدار! تون ديدار جي قيمت،
هڪ وار وري ٻول، تون اقرار جي قيمت.

ڪنجوس تہ ڪونهيان مان پرڻ ڪان نہ ڏجان ٿو،
هرچيز ڏيان ٿو وصالِ يار جي قيمت.

هُو ڪاش! مون کي نوڪريءَ پنهنجيءَ ۾ رهڻ ڏئي،
هي جان پيي حاضر درِ دلدار جي قيمت.

زر مال، عزت شان ۽ سرساهہ سڀئي،
آهي ڪو، پري جو ڏئي هي پيار جي قيمت؟

اي منهنجا وفادار، سڄڻ! حال آ حاضر،
هي جان جانان بوسئہِ رخسار جي قيمت.

ليلان! تون سڃي عُمر پئي ڪنگال گذارين،
ڪونروءَ وتي وڏي آ توکان هارَ جي قيمت.

ڪو عشق ۾ سر ساهہ تو مشڪل ڏئي راشد!
ايءَ آهہ ڏنل حق جي طلبگار جي قيمت.

●

چنڊ مون سان ڪر ڪچهري ڪا گهڙي تارن سميت،
بيوفا محبوب تي ويو آ، مِڙن يارن سميت.

ڪَل نه آ ڪاٿي رهيو، جو ڪونه ٿو مون سان مِلي،
مُنهنجو مَٺيو ماهِ لَقا محبوب، اقرارن سميت.

هُو ويو، هُن جي پُٺيان ٻيا دوست پڻ بيزار ٿيا،
آ رُسي ويو بخت مُنهنجو، سين آڌارن سميت.

خارُ تي جن جي اکين ۾ ٿي چُڀيس، سي خوش ٿيا،
گُم ٿيو غيرن جي نظرن کان ٻه، گُل خارن سميت.

حُسن تي سلطان آيو، فوج عاشق تي وَني،
ديدَ جي دونالين، اَبرن جي اوزارن سميت.

قيد ڪيئين عاشقِ لاچار کي قابو ڪري،
نياز نوڙت، انڪساري، هَڙن هَٿيارن سميت.

ڏينهن سارو ٿي ڏکن ۾ ماستر مجبور هو،
هاءِ! جو راشد رُليو اسڪول جي ٻارن سميت.

●

ڪيان ٿو مان بہ هڪڙي گل بدن گل فام سان محبت.
اسان جي آهہ يارو! عشق جي الزامَ سان محبت.

هُو آهي شاهہ مُنهنجو، خوبرو، سُلطان سُهڻن جو،
نہ آهي جهڙي تَهڙي، مُنهنجي بئي ڪنهن خامَ سان محبت.

ڀري ڏي جامُ اي ساقي! تہ مدهوشي ٿئي طاري،
مان آهيان رندُ، مُنهنجي آهہ تنهنجي جامَ سان محبت.

سڄڻ جي زلف ڪان مون ڪي رهائي ڪانہ ٿي گهرجي،
ڪيو آ قرب قيدي سو، رهي ٿي دامَ سان محبت.

خرابِ حال رندّن ۾ ۽ واعظ ۾ فرق هي آ،
اسان جي جامَ سان اُلفت، مُلي جي طعامَ سان محبت.

اسان جو ماڻهپو مذهب، سڀن سان پيار وَنڊڻو آ،
نٿو مسلم مچين پوءِ بہ اٿم اسلام سان محبت.

مصيبت وقت ۾ ڪافي اهوئي اسم اعظم آ،
رهي ٿي راشدا! هردم پرينءَ جي نامَ سان محبت.

●

تاڙو بنجي يارَ تَنواريان، تَن ۾ تُنهنجي تات!
ڏکندي ڏکندي ڏينهن ختم ٿيو، رُئندي رئندي رات.

بادل بنجي مان بَرسان ٿو، بَرَ تر ۾ تو ڪاڻِ،
ڪَرڪا وائي يارَ وَرڻ جي، تنهنجي وائي وات.

مينهَن جيان هي ڪُئنرو ڪُئنرو منهنجو منڙا! هاڻ،
ڪونہ سَهي ٿو درد جي نوڪَر، ٿي نہ پوي سو گهات.

چوندي چوندي روئي ڏنو مون، اهڙي هُئي ڪا ڳالهہ،
هَهڙو هيٺو حال ڏسي ڪو رحم نہ پيئي هيهات!

تنهنجي اوسيئڙي، ڳٽيءَ ۾ هيڪل هتڙي هاڻ،
هَئي هَئي! هاريان وينو ڳل تان لُڙڪن جي برسات.

ڪاٽي آهين مَن جا مالڪ آءُ هتي هِڪَ وارُ،
توسان ڪرڻي آهي دل جي رَهيل آڌوري بات.

تُنهنجو ڏُک سو منهنجو آهي، توڏي هُجي شل خير!
تون بہ ڪڏهن پڇ، منهنجو ڪيئن ٿو بَسر ٿئي اوقات.

سونهن سنڌءِ بي داغ آلا، هيءَ تنهنجي اک تلوار!
مُرڪي دليون لُٽي وڃڻ جي توکي ملي آ ذات.

سينو چيري رکندا منهنجو هي ڏس تڏڙا ساهہ،
ڪجهہ تہ نرم ٿي، آخر آهي راشد انسان ذات.

●

سڄوئي هند پُسي ويو هئو برسات ۾ رات.
لڙڪ نيڻن مان لڙي پيا هئا جذبات ۾ رات.

سڄاڳ توڙي هئس خواب ۾ پر گذري آ،
تنهنجي مخمور نگاهن جي طلب تات ۾ رات.

جيئڻ جي مون ڪئي جاکوڙ پئي گهر کان دُور،
مگر تو گهاري آ شبهات ۽ خدشات ۾ رات.

پرين! تپرس نہ ونئي منهن جا ڏسي نيڻ ڀنل،
ائين هرڪائي گذر تيندي آ فڪرات ۾ رات.

رهاڻ سُور ڏٽين ساڻ رچائي جو هيم،
اضافو خوب ٿيو آهہ منهنجي ذات ۾ رات.

مون کي ٻي گهر ڪيئي: ٻيچئن کي فوٽ پاٽ نصيب،
۽ تو فرحت ۾ گذاري وڏي محلات ۾ رات.

گذر ٿئي شامِ غريبان ڪا چڱي اي محبوب!
ذرا زلفن منجهان خوشبوءِ ڏي خيرات ۾ رات.

ظلم کان تنگ ٿي دنيا جي غم ڀلائڻ لاءِ،
وڃي راشد کي پئي آهہ خرابات ۾ رات.

●

Scanned with CamScanner

وڏن جو هُجي يا نہ ٻارن جو موت،
تئي ٿل نہ ڪنهن جي پيارن جو موت!

چَريا ٿي ٻَون مون جيها سادڙا،
ڏسن جي اکئين قربدارن جو موت.

مري ويندو هَرڪو اڳي پوءِ، پَرَ،
اُتم آهہ تحريڪ وارن جو موت.

مَري ٿل نہ سانوَڻ ڪڏهن سنڌ جو!
ٿئي تا ٿئي پَلِ بهارَن جو موت.

مَري ويندا مَردُودَ دشمن، مگر،
اسان جي هٿان ٿئي هچارن جو موت.

نئون دوُر هر دوُرَ پُنيان آچي،
اچي سِجُ، ٿئي چنڊ تارن جو موت.

سَجي سنڌ کي آ سنواري ويو،
اي راشد! هي "رزاق" ٻارن جو موت.

●

---

رزاق = موري جو شهيد عبدالرزاق سومرو

هاءِ، اڄ دل جي ڪَيان ڪنهن ساڻ بات!
روئي روئي مون گذاري آهه رات.

خون ٿيو ناحق اميدن جو اتم،
ڪو ڏسي دل ۾ اچي هيءَ واردات.

دؤر دنيا جو ڦريو اهڙو تہ، جو،
ٿي وڙهي انسان سان، انسان ذات.

آهه ڪو، مُنهنجي ٻُڌي فرياد ڪي؟
ٿِي وئي دل جي اتم جذبات گهات.

فرد ڪو اهڙو هُجي جو ٿئي مدد،
حَل ڪري مُشڪل ڪُشا ٿي مشڪلات.

رات جنهن، پُوري ٿئي دل جي دُعا،
رات سا مون لئہ ٿئي شبِ برات.

دانهن تُنهنجي راشدا! دلبر ٻُڌِي،
درد کان توکي ملي آهي نجات.

●

Scanned with CamScanner

# رديف (تہ)

مان چو نہ لڳاتار لکان پيار ملي تہ.
دل ٿيڪجي ٿي يارَ کان آڌارُ ملي تہ!

جذبن کان مُنهنجي عام متاثر ٿي سگهن ٿا،
اي ڪاش! دلي خيالَ کي اظهارُ ملي تہ.

ڦاسي نہ پَوي شال! ڪا لالچ جي ڏُٻڻ ۾،
يَتارَ کي قربانُ ڪري، هارُ ملي تہ!

سو چو نہ ڏُکي شوق مان جيڏن ۽ سنگت سان،
ڪا راهہَ اگر ٻارَ کي هموار ملي تہ!

هر ميل ۾ لاهڻ جي تہ قابل ٿي سگهي ٿو،
هَر آهِندَ وَڇيري کي سُٺو سُوار ملي تہ!

دودي يا دريا خان سان شامل ٿي وڙهون پر،
اهڙو جي وَري قوم ۾ ڪردار ملي تہ.

اي ويح! پنهنجي نامَ کي چمڪاءِ دنيا ۾،
ڪرچاق توکي ذهن کو بيمار ملي تہ.

نعمت وڏي آ نينهن، ذرا سمجهہ رک راشد!
اکين تي رَکجُ عشق جو آزارُ ملي تہ.

●

توکان ڏار گُذاريان جاني! پر جي سک ملي ته.
ٿاري سائي ڪيئن رهندي جي ٽُڙ کان ڏار ٿئي ته.

جيسين موت اچي، مان گڏجي رهنُو هان تو ساڻ،
اسٽيشن کان ڪاڏي وڃجي، گاڏي ليٽ هُجي ته!

قسمين قسمين گلڙا آندم، تنهنجي وندر لاءِ،
اُپ تان تارا لاهي آڻيان، جيڪر وَسُ پُڄي ته!

روءَ نه، رَڙ به نه، ڪام نه، پَڇُ نه! تنهنجو آ فرمان،
بُردباري ڪريان پر پيارا! ماضي ياد اچي ته؟

تون به حَيا ۽ شرم جو پُتلو، ڪريان مان به حجاب،
ڪيڏو بهتر ٿيندو وچ تان پَردو هيءُ هَٽي ته.

آڏو آهن جڏهين مون ڪي پنهنجا سب اَعمالَ،
راشد! ڪيئن استاد سڏايان، ڏنڊو ڪوبه پُڄي ته.

●

Scanned with CamScanner

## رديف (ٽ)

لال ڪيا ڏس ميندي‌ءَ مان آهين حسينن هٿ.
ڳاڙهن هٿڙن جي آڏو اڄ ڪنيا گلابن هٿ.

ياڪر ڀائي چاتي‌ءَ لائي مليا پرين مون ساڻ،
درد پشيماني‌ءَ مان تڏهين مليا رقيبن هٿ.

ايڏيون ڏگهيون ٻانهون ڪنهن جون، ڪنهن جي ايڏي پهچ؟
ڏور ڏسو ته پيارل منهنجي جا تا پهچن هٿ.

او مئخوارو! پيار منجهان هُو پياري پيو تو پاڻ،
پيرِ مغان جي پيش اوهان جا چو تا تڙڪن هٿ؟

سو ڳنڍ سونهن جو ڪٽندي چئي تو: "تيان تو سارو سچ"
ان ڪان اڳ جو ڪُوڙ جي ڪنڌ تي مُنهنجا ڪڙڪن هٿ.

"ڪجهه نه" منجهان ڪجهه تي پيو آهيان، مليو اهڙو سات،
راشد سائين! ٻاجهه جا مون تي رکيا سهڻن هٿ.

●

Scanned with CamScanner

ڏنا ٻاجھہ جا مون مٿان محب هٿ.
عدوءَ ڪي وڙهڻ جي نہ تي ٿئي همٿ.

ڳُهري تو گهٽو هُو يا مان تو ڳُهران،
اسان جي قرب جي ڪري ڪير ڪَٿ.

سندس عشق ۾ غرق آهيان سچو،
ڏسان ڪونہ تو مان ڪڏهن هيٺ- مٿ.

سچڻ جي نہ تورن ڪي لاهي سگهان،
جي تورن جا مون تي سٿيا يار سٿ.

حُسن هن جو اڳ ۾ چٽو چنڊ ڪان،
سونهين سرس تي نڪ مٿان ڪيس نَٿ.

اڳهامي وجي تي اي راشد ادا!
پريءَ جي اڳيان جا ڪيان پيش رٿ.

سهڻي جو وڏو منهنجي ڳچيءَ هار، وڏي وَٽ.
سچ پچ تہ مون لئہ سونهن جو سهڪار وڏي وٽ.

اڻ هوند علم جي آ، پيا پاڻ ۾ جهيڙن،
هِن پنتي پيل مُلڪ ۾ آ پيارُ وڏي وٽ.

بيتن جو پري آهہ ڏنو شاهہ ’رسالو‘،
سو سنڌ ۾ آ شاهہ جو شهڪار وڏي وٽ.

”رزاق“ ٿيو سرخرو سر ڏيئي سنڌوءَ تي،
موري جو هئو مورُ، مٽيادارُ وڏي وٽ.

هر محنتي ورڪر کي هُو اتساهہ ٿو بخشي،
موري ۾ ’عبدالحق‘ جو ڪردار وڏي وٽ.

ماڻهو تہ خوشين ڏانهن ٿا راشد! پيا ڊوڙن،
مون لاءِ اٿئي عشق جو آزارُ وڏي وٽ.

●

---

رزاق: شهيد عبدالرزاق سومرو
عبدالحق: موري جو مشهور سماجي ورڪر ۽ استاد

## رديف (ٽ)

سدا ساھ ساري سڄڻ آءُ جهٽ پٽ!
هلي آءُ ڪريون ڪو پرچاءُ جهٽ پٽ!

جگر، جيرو ۽ دل پچي راس ٿي ويا،
هي عمدو ڪباب آ، اچي ڪاءُ جهٽ پٽ!

وڃي وڻ ٿيا هاءِ! اغيار منهنجا،
لڳي ويو رقيبن کي آ، داءُ جهٽ پٽ.

منهنجي حال تي رحم ڪر اي دلربا!
وصل جو ورائج وري واءُ جهٽ پٽ.

اسان جي تہ سيني تي تنهنجي هجر جو،
لڳو آھ گهرو گهٽو گهاءُ جهٽ پٽ.

زماني ڪان چوريءَ تون هوريان ٿي سڏ ڪر،
پوي تُنهنجو ڪن تي تو پڙلاءُ جهٽ پٽ.

سندءِ غير موجودگيءَ جي ڪري ٿي،
ڇڏي ويو زمانو سڄو ساءُ جهٽ پٽ.

نہ دنيا سان دل آ، نہ ڪم ٿي پُڇي ڪو،
هلي آءُ تہ ڪم ۾ ٿئي اڪلاءُ جهٽ پٽ!

تون روئي بہ ريجهاءِ راشد! پرينءَ کي،
سگهو ٿئي سڄڻ سان ڪو سرچاءُ جهٽ پٽ.

●

Scanned with CamScanner

اوندھ واٽ،
ڪاري پاٽ.

لوٽي لوٽي،
منجھ لپاٽ.

ليئا ليئا،
روشن لاٽ.

ڏيئا ڏيئا،
گھر ۽ گھاٽ.

پيئو پيئو!
اڄ اُسات.

جيئو جيئو،
شال ڪنوات!

وينو ڪيئن،
وڃائي واٽ.

آزاديءَ جي،
واٽ سُوات.

●

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

Scanned with CamScanner

اڄڪلهه عشق اوهان جو مون کي آهي چڙهيل چوٽ،
ماٺهو مهٽا ڏيندا مون کي، منٿ مڃي تون موٽ!

مون کي ڪانهي منهنجا مِٺڙا! ڪا رنجش تو ساڻ،
چوندو رهندس ٿوٽ پنيان جيءَ، پل تہ چوين تون ٿوٽ.

تنهنجي اچڻ جي آس اٿم، تون آءُ تہ ڪريون عيد!
ايندين، خوشيون ڏيندين تڏهين، غم جو ڪِرندو ڪوٽ.

دنيا پر جا سَهٽا آهن نادم ۽ مجبور،
آهہ حُسن لاثاني تنهنجو، توکي سڀ جو ووٽ.

توريءَ ڏس هر طرف ڪان مون تي ڪن ٿا ڪِل ۽ ٽوڪَ،
هوڏ ڪريَ ٿو هرڪو مون سان هاڻي جٽ ڄاموٽ.

ڏاڍو مڙس بڻيو آ دشمن، مان هيٺو افسوس،
تنهنجيءَ بي قدريءَ ڪان آهي سَچ تي چڙهيو ڪوٽ.

ميلي جي موقعي وارا کي ياد ڪرين ها قول،
تنهنجي منهنجي پيار جو شاهد آهہ پٽائي گهوٽ.

دلبر جي ديدار جي خاطر دگ ۾ آهي دِيدَ،
باسيو آهي راشد مِٺڙا، ’شاهہ پنجي‘ جو روٽ. *

●

---

شاهہ پنجو سلطان: ڪلهوڙن جو سپهہ سالار ۽ محب وطن انسان، جنهن جو مقبرو، ميهڙ تعلقي ۾ آهي.

ڪر نہ بانور سونهن تي ڪر ناز پرور ناز گهٽ.
سينو جهيرون جهير ٿيو، ٿي هاڻ تير انداز گهٽ.

ڪالهہ هي شهباز ٿي تحفي ۾ مليو، خوش ٿيس،
پر پکي هاٿي لڳي ٿو، سرڻ زياده، باز گهٽ.

گوڙ تي گهٻرائجي پيو ٿو وڃي، بستر نشين،
ڪين ڪن تا پاڙي وارا ٽيپ جو آواز گهٽ.

يار بيپرواهہ ڪئن راضي ٿئي ٿو ڪل نہ آهہ،
مون ڪان ڪڏهين ڪين ٿيو آ منٿ ۽ ايلاز گهٽ.

شاعري طرزيہ تہ ڪاپي، آهہ ڪاپي ڇو ڪجي،
اِن طرح سان ٿي وڃي ٿو، خيال جو پرواز گهٽ.

ڪيترو دوکي ۾ رهبو، آسرو هُن تان پليم،
همسفر هوندي بہ هُو راشد! رهيو همراز گهٽ.

●

Scanned with CamScanner

# رِديف (ٺ)

ڏلربا تنهنجي ڪري غم تي ويا ڪڍ نيٺ
پيش پيا دشمن اچي لاچار ۽ مجبور نيٺ

قرب تنهنجا ڪئين، ڪروڙين مون مٿان آهن مٺا!
مهر تي تنهنجي مُيسر، من ٿيو مسرور نيٺ.

منهنجي مستي ڇا ڪري، پر تنهنجي هستيءَ جي ڪري،
ٿي ويو آ نيست ۽ نابود هو مغرور نيٺ.

هن ڪي چاهيو ٿي گهٽڻ ۽ لالچون آڇيون مگر،
منهنجو پيغامِ محبت ٿي ويو منظور نيٺ.

پرت سان پنهنجي هٿين تو پيگ پياريو پيار جو،
جنهن نشي ڪان ٿي ويس مان مست ۽ مخمور نيٺ.

جي ٺٺوليون ڪن پيا منهنجي فقيري حال تي،
حالتن آهي رقيبن ڪي ڪيو رنجور نيٺ.

اڳ هئا فرهاد شيرين، قيس ۽ ليليٰ سندا،
پانهنجا ٿي پيا قصا اڄ ملڪ ۾ مشهور نيٺ.

ڪين لِڪندا خون ڪستوري، نہ لڪندا مشڪ عشق،
آهہ ظاَهر ٿي ويو منهنجو سڄو مذڪور نيٺ.

آهہ راشد حق بجانب هاڻ هرڪو ٿو چوي،
دلبريءَ تنهنجيءَ ڪري ٿيا درد ڏک سڀ دور نيٺ.

●

واھ جو نندي عُمر ۾ تو ڪئي آ ڏيٺ ويٺ،
قرب ۾ ٿيو قيد، جنھن جي توسان ٿي آ ڏيٺ ويٺ.

دوستيءَ جو دائرو ٿيندو رهيو آھي وسيع،
جيئن عُمر آھي وڌي تيئن ٿي وڌي آ ڏيٺ ويٺ.

پنھنجي دلبر جي ڏکين ٻانھن جي باري ڇا ڏسيانءِ،
سو متاثر ٿيو جنھين هن جي ڏٺي آ ڏيٺ ويٺ.

صد شُڪر ڪائي نشاني منھنجي لئہ موجود آھ،
هاڻ وڏڙن جي وڃي باقي بچي آ ڏيٺ ويٺ.

واسطو بدخواه، بدلجڻ سان پنھنجو ڪونہ آھ،
هي چڱو ٿيو جو چڱن سان ٿي رهي آ ڏيٺ ويٺ.

واسطو ڪاٿي نہ ڪاٿي ڪم اچي ويندو ضرور،
"ديس يا پرديس ۾ بيشڪ ڀلي آ ڏيٺ ويٺ.

راشدا! جڏهين ڪان مون تي ذات ٿي آ مھربان،
ڏيھ ۽ پرڏيھ ۾ ٿي وئي گھڻي آ ڏيٺ ويٺ.

●

ماڻھن کي ڪري ٿو پيو مست ۽ عليل، ھٺ.
سمجھن نٿا تہ ھي ڪندو آخر ذليل، ھٺ.

ھڪ ضعيف ڪِول ٿي سگھي ھاٿيءَ جو ھَٺ ُ يجي،
ڪِوليءَ جي اڳيان ڪين ڪري مست فيل، ھٺ.

تڪبر سان عزازيل ٿيو لعنت جو مستحق،
رڪندو اچي ٿو داستان پنھنجو طويل، ھٺ.

باري ۾ ھٺ جي ڪيتريون آھن حقيقتون،
افسوس ڇڏي ڪين ٿو پوءِ بہ بخيل، ھٺ.

ھي خانداني خيال آ ڪنھن سان نہ ٿو لڙان،
ڪڏھين نہ ڪندو آھہ ڪو ماڻھو اصيل ھٺ.

گھوڙي تان ھٺ جي نيٺ سيئي ڪند يَر ڪريا،
رھندو آ ھٺ ڪندڙ سندو عرصو قليل، ھٺ.

آ حق جي اڳي پوءِ فتح غم نہ ڪر ڪڏھن،
راشد! رقيب ڇا ڪندو ھاٿي رذيل، ھٺ.

●

دلاسو ڏئي ڇيو دلبر، اچي دردن جو درمان وٺ!
ڇڏي ڏي سُور جي سنگت، خوشين جو هاڻ سامان وٺ!

حُسن جي شاهہ فرمايو تہ، تو تي ترس آيو آ،
ٻئي ڪان ڪين ڳھُر ڪجھہ پي، ڪپٽي جيڪي اسان ڪان وٺ!

پَرس ڪولي، ڏسي مون ڏي؛ ڇيائين ڇٽہ گھٽا ڪپٽئي،
ڇيو مون پنج پُورا ڏي، وڏائي هٿ ڇيئين هان، وٺ!

ڇڏي ڏي جُوء ’جُوٽالي‘ جي، وٺ دل! شهر جو پاسو،*
لڏي هل هاڻ موري ڏي، جڳھہ پُورل جي پرسان وٺ!

اچي ويو رحم راشد تي پرينءَ کي، سو سڏي ڇيئين،
سِکيو آهين تون سالن ڪان، مزو ڇَپَ جي ڇُمين مان وٺ!

●

---

* جُوٽالوِ راشد مورائيءَ جي جنم ڀومي، للي پٽڻ ويجهو درياهہ لڳ اباڻو ڳوٺ

## رديف (ث)

فرقت ۾ سنڌ؛ ٿو مران مجبور، الغياث!
گھارين ٿو مٺا مون کان اڃا دور، الغياث!

افسوس مُنھنجي درد جو دارون نہ ٿيو ڪو،
فرقت جي ڦٽن مان ٿيو ناسور، الغياث!

محبوب منھنجو ڪوبہ قدر ڪونہ ڪيو تو،
رئندو ٿو رھان روز شب رنجور، الغياث!

اڄ اوچنگار ڏيئي وجي پَٽَ تي پيس مان،
پيو اوچتو ئي اوچتو جو پُور، الغياث!

انداز لڳائي ڏسو جواني ۽ ضُعف جو،
صدمن سان اٿم چيلھ صفا چُور، الغياث!

ڪيڏا تو واعدا ڪيا پاريئي نہ ڪو پرين!
سانديو ٿو وتان ساھ ۾ سَوَ سُور، الغياث!

من ڪو قدر توکي پوي منھنجي مُئي کان پوءِ،
ڪنھن سان ٿي ھلندين اٿين مغرور، الغياث!

راشد جي قبر تي اچي چوندين تہ ھاءِ ھاءِ!
چڱڙو ھئو مرحوم ۽ مغفور، الغياث!

●

ناهيم ڏنو شيطان خبيث،
ان رُوپَ ۾ ڪو انسان خبيث.

دوڪو تو ڏئي هو دوست بڻي،
پهچائي پيو نقصان خبيث.

هرحال ۾ تو شيطان نڳي،
ڪٿ حُور، ڪٿي غلمان خبيث.

لاطمع فقيرن کي نہ طمع،
سمجهي نہ سگهيو نادان، خبيث.

علماءَ، فقيهہ، محدث سان،
جنگ جو تو ڪري اعلان خبيث.

موسيٰ جي مُهانڊي وارو ڏسو،
ڪُوڙو تو ڪٿي قرآن خبيث.

راشد جي اڳيان تہ نہ چال چَلِيس،
هر حالت ۾ حيران خبيث.

●

وري ڇيڙِيو آهہ اغيار بحث،
ڪيان ڪهڙو جاهل سان اي يار بحث!

مان حق ساڻ آهيان، سو پرواهہ ناهہ،
نہ ڪائي تو منهنجو ڪڏهن هار، بحث.

هلي آءُ! تون مان رهي روبرو،
ڪريون پاڻ ۾ ٻئي سندو پيار- بحث.

ڪيو غير جي محفلن تنگ آهہ،
وهي ڇيڙي مون ساڻ هر وار، بحث.

چگو آهہ راشد تہ خاموش رهہ!
رکي پيو تو جهڳڙي جا آثار، بحث.

# رديف (پ)

وفاداريءَ ۾ وڪ اڳتي نہ آهي ڪو جفا جو ڏپ،
مقدر منهنجي هٿ وس آهہ، ڪونهي ڪو قضا جو ڏپ.

ڪماليت اوڄ تي پهچي، زواليت ۾ بدلجي تي،
چڱي تي ابتدا جن جي، انهن کي انتها جو ڏپ.

وڃان ويجهي نٿو هن کي متان ڏنگي وجهي ناحق،
گهڻو آهي انهي زلفن سندي ڪاري بلا جو ڏپ.

چوي ڪو هيئن تہ ڪو هونئن ٿو، اها آ عشق جي منزل،
سچڻ سان سرخرو رهجي، نہ آ دنوي گِلا جو ڏپ.

وصل جي واڳ واري آ، حياتي بيوفا آهي،
سدائين ذهن تي طاري آ دنيا بي بقا جو ڏپ.

زماني زور لائڻ کان ڪئي توبهہ، ختم جهڳڙو،
فقيرن جي ٿيو آهيس شايد بد دعا جو ڏپ!

منهنجي خالي هٿن مان ايڏو دشمن کي ٿيو خطرو،
ٿيو فرعون کي جيڏو هو موسيٰ جي عصا جو ڏپ.

رقيبِ رو سَيهہ کي ڏس تہ ڇا مان ڇا ٿيو آهي!
نہ هو جيڪو ڪندو راشد فقيرِ بي نوا جو ڏپ.

●

قابو قيد ڪيو آ مون کي اهڙي آڙيڪاپ.
ڇاتيءَ ڇاتيءَ تي ڇُرَ جنهن جي، ڇاپي پئي آ ڇاپ.

جنهن کي چاهي تنهن کي ٺاهي ڏئي تو سختيون سُور،
چوٽ چڪائي جنهن کي، تنهن جا عرش ٻجهن آلاپ.

ڦاسائڻ جي فن ۾ ماهر، سارو ملڪ شڪار،
جيڪو ڦٽڪيو سو وڌ ڦاٿو، چيچجي ويندي چاپ.

هيڏو هاءِ حياتيءَ ۾ ڪنهن لوڙيو هوندو ڪونہ!
جيڏو ڀوڳايو آ مون کي پيار ڪرڻ جي پاپ.

دلبر مون سان ڪين ملايو، ڪنهن بہ ڪڏهن درگاهہَ،
ميلي ۾ تا ٿيندا آهن، ماڻهن جا ميلاپ.

مُرڪ مهانگي ملڪ ۾ راشد! جيئڻ آ جنجال،
سرڪ جي بدلي ڏيٽيون آهن سسيون تور ۽ ماپ.

●

تو ڇُمايا هاڻ ڇَپَ،
جڻ ٽري پيا يار ٽپ!

تو جو هٿ ڦيريا پرين!،
ويا هليا ڪيڏانهن تپ؟

ساٿ آڇيو سونهن آهه،
هاڻ ڇاجا ڏاءَ ڏپَ،

اڄ ڪيون ماحول صاف،
هر گلي آ ڏُوند، ڏپ.

گور ڏانوٽجي ويا،
جن ڏنا تي ڪالهه ٽپ.

هِن جو ڏس وحشت پُٽو،
هَن گهري آ خير لپ.

ساٿ سنگت ماٺ ۾،
جڻ سنگهيو آ ڪيس سپ،

راشدا! هوشيار ٿيءُ،
آهه آڏو چور- گپ.

●

تو سچ چيو تہ آهہ اڄ سارو جهان بہ چُپ.
سارو جهانُ چپ تہ ڇا رهئون اسان بہ چپ؟

جي سالها غلام تي رهيا، تنا ڪُچن،
پوڙها جي چُپ هجن تہ هجن نوجوان بہ چپ؟

تو چُپ رهڻ جي لاءِ سبب ڏين تون اجايو،
آهي فلان بہ چپ تہ هُو ابنِ فلان بہ چپ.

عياش لعنتي تہ تنهنجي لڄ تو تکي،
اي غيرتِ غِريب! ڇا رهينديءَ اجان بہ چپ؟

سرڙو ڏئي هُو سنڌ تان صدقي تيو مگر،
’عبدالرزاق‘ جي ڪڏهن تي هئي زبان بہ چپ؟

جيڪو ائين چوي اهو اڳواڻ ڇا ڪبو،
”آهيون اسان بہ چپ، رهو هاڻي اوهان بہ چپ“!

بندش ڪڏهن ڪا شينهن جي گجگوڙ تي بُڌئي؟
تيو آ ڪڏهن بلبل سندو وٽندڙ بيان بہ چپ.

غيرن جي گدڙ پيڪين کان ڇو ڊڄون آخر؟
راشد ادا! ڪرين ڪٽي ڪڏهين متان بہ چپ.

●

# رديف (ج)

خوش ٿئي خلقت خدا جي، پوک تون هاري اناج!
منهنجي پورهئي تي ئي پلجي ٿو پيو سارو سماج.

حال تون پنهنجو وڃائي، خلق کي خوشنود ڪر،
ڪين ٿي مايوس ڏک آهن اصل ڪان تُنهنجو ڏاج.

تنهنجي حيثيت کي سڃاتو آهه قومي شاعرن،
پيش ڏس اسٽيج تان، توکي ٿئي پيو ٿو خراج.

پاڻ کي تبديل ڪر، هيٺو نہ ٿي، هيسيل نہ رَهہ!
"ظلم هيٺي تي ڪرڻ" هي آهہ ڏاڍن جو رواج.

ٿي ڇيو هر ڪنهن تہ هاري خوش رڪان، ڪُرسي ملي،
ڪين ٿيو ڪنهن ڪان بہ پر تنهنجي غمن جو ڪو علاج.

ڪين ٿا توکي وڏيرا ڏين اوکيءَ ويل ۾،
ڪانڌپو ٻيءَ جو ڪرين، چاهي ڪرين پُٽ جو تہ ڪاج.

سُور ۽ صدمن سهڻ ڪان پوءِ ٿي عزت ملي،
ڇلجي، وڃجي ٿو جڏهن، تڏهين لهي ٿو مانُ عاج.

زندگيءَ کي ڪاج هاريءَ راشدا! ميسّر ڪيو،
جڳ جيارڻ جو انهي جي ئي تہ سِر تي آهہ تاج.

●

Scanned with CamScanner

ڪرائي ٿو رنج و الم احتجاج.
غريبن جو آ هر قدم احتجاج.

ٻڌل سين ٻانهن تي ڪاريون پٽيون،
۽ هر هٿ ۾ ڪارو علم، احتجاج.

ٻُڌو ڇو نہ تا دانهن مظلوم جي؟
ڪري پيو ٿو خالي شڪم احتجاج.

ڪڍيو آهہ ٻڪ ڪان مزورن جلوس،
ڏسي سيٺ پيو ٻي شرم احتجاج.

ڀلي لٺ لڳي، جيل ڀرجن ڀلي،
اٽل آ اسان جو عزم احتجاج.

وٺي حَقَ رهنداسين راشد ادا!
اٿين ڪونہ ٿيندو ختم احتجاج.

## رديف (ڄ)

شريفن تي آهي ڪميڻن جو راڄ،
وڃي ڪاڏي آخر ضعيفن جو راڄ!

روا آهه مسڪين تي سڀ ستم،
گنهگار آ جڻ غريبن جو راڄ.

گلا ڪئي آ تقدير جي هر ڪنهين،
ويو آهه اُجڙي نصيبن جو راڄ.

ڪٿي وڃ نياپا اي بادِ- نسيم!
ڏسين جت ٻه منهنجي حبيبن جو راڄ.

اٿم آسرا ۽ اميدون گهڻيون،
ڏسان شال! اڪئين اديبن جو راڄ.

ولر ڪان وڇوڙي ڪيو ڦهر ٿئي،
آ صيّاد! ڪاٿي پکيئڙن جو راڄ.

سگهو قيد جا بند آزاد ڪر،
اکين سان ڏِسان مان عزيزن جو راڄ.

ڪجي دل جي جذبات ظاهر مگر،
سهي ڪيئن ٿو راشد رذيلن جو راڄ.

●

Scanned with CamScanner

درد کان دانھون ڪري ڇا تي لنوي ھُوءَ لات اڄ،
ڇو چمن وارا نہ بلبل جي ٻُڌن ٿا بات اڄ.

ڇڏ چمن کي جلد ھاڻي وچج اُڏري عندليب،
دوُر ٿيو چالو خزان جو، گل ٿيو آ گھات اڄ.

ڪانہ ٿي پَئي سمجھہ، آھي ڇا منجھان ڇا ٿي ويو،
محفلِ احباب جو رُخ آھہ مثيل رات اڄ.

دوستن جي حال تي رُئندي ڪيم پرڀات اڄ،
ساقيا! پيو جام ڏي، وائي اھائي وات اڄ.

ڪا گُھلي اھڙي ھَوا جنھن کان ٿيا خاموش ھي،
وقت آڏو آھہ ڪاڏي مئي- پرستن مات اڄ.

دوست دنيا جا سيئي ٿيا، بيوفا اثبات اڄ،
وئي وڏي دلگير جي آ، شدت جذبات اڄ.

ڪٿ رھيا شاگرد راشد! ڪٿ رھيس استاد مان،
وئي اسان کان آھہ وسري، فاعلن فعلات اڄ.

●

## رديف (جهہ)

ڀروپ زماني ۾ نہ ڪنهن کي بہ سڄڻ سمجهہ،
اڄ آهہ سڄڻ جيڪو سياڻي سو ڏڄڻ سمجهہ.

اي دل! تون وفادار وفادار چوين پر،
هر روز اڄڻ کي بہ ڪنهن مقصد سان ملڻ سمجهہ.

بيدرد دنيا ۾ تہ ڪنهين ۾ بہ وفا ناهہ،
جو آهہ مليل زهر تون ان کي نہ مکڻ سمجهہ!

هن فاني دنيا ساڻ دل لائڻ بہ رَوا ناهہ،
دل لائي عذابن کان تہ مشڪل آ بچڻ، سمجهہ.

دنيا جي خرابات کان مايوس تيس مان،
ڳوڙهن سان تئي روز تو رُخ منهنجو ڏِيڻ سمجهہ.

عاشق تو سڏائين تہ ڪر خوشيون ۽ کلڻ ترڪ،
عشاق اهلِ دل جي لئہ راحت آ رئڻ، سمجهہ.

جيڪي تو ڏٺو رات اهو راز اي راشد!
بيڪار اها ڀر ادا ڀاڱ ڪڍڻ سمجهہ.

●

سڄڻ سات ڏي تا ٿئي گهات مونجهہ!
گهٽائي ٿي تُنهنجي ملاقات، مونجهہ.

ائين ڪيستائين رهي دل مَلول،
ملڻ اڄ تہ محبوب ٿئي مات، مونجهہ.

حسين آهہ ساوڪ جو سهڻو نماءُ،
نہ لاهي سگهي پر نباتات، مونجهہ.

انئي پهر اُلڪو انئي پهر دؤنس،
وڌائي پَئي روز حالات، مونجهہ.

رڳو ڏنڊ، ڪوهيَرَ جيئن آسپاس،
وئي آ وڪوڙي مُضافات مونجهہ.

ٿيا ننڊ مان نيٺ مارو سجاڳ،
نہ گهبراءِ! هاڻي ڏسي ڏات، مونجهہ.

پرين ڏس! اڇي هي پريشان حال،
وڏي وئي آ راشد جي اڄ رات مونجهہ.

●

## رديف (ح)

مون کان مُنهن نہ منڙا مٽائي هَليو وح!
اميدون نہ مُنهنجون اُڏائي هليو وح!

"مان تنهنجو تون منهنجو"، ڪيل قول هو جو،
سو وعدو نہ پنهنجو پُلائي هَليو وح!

نہ پڇتاءُ ڪر عاشقيءَ ۾ اچي تون،
وٺڻ لاءِ آئين، ڦرائي هَليو وَح!

ويو دل ڪسي منهنجي، پنهنجي نٿو ڏئي،
ستمگر ڇيو دل ورائي هَليو وح!

بزم ۾ وچي ويھ واري سان پنهنجي،
سخن شعر سھڻو ٻُڌائي هَليو وح!

نہ ڏاڍن اڳيان ڪجھ ڪُڇي ڪوبہ سگھندو،
ٻُڌي، چُپ ڪري سر نمائي هليو وح!

هتي چئن ڏينهنِ لئہ مهمان راشد،
تون ڪس ڪائي رَس کي رَهائي هليو وح!

●

مان شينهن سُتل آهِيان سو تو اُٿان ڀڄي وڃ!
هي ماڳ منهنجو آهه گدڙ بدگمان ڀڄي وَڃ!

تو جهڙا جانور تو شوقئون شڪار ڪريان،
هي آهه چڱو تو لئه جَلدي هتان ڀڄي وڃ!

تون حرفتي گهٽو پر اٽڪل هتي نه هلندي،
چنبو هي شير جو تو ڪڙڪئي مٿان ڀڄي وڃ!

ڪُڪڙن ڪي ديس جي تو سياٽپ سان آهه ڪاٺو،
اعلان ڪري مان تو، حملو ڪيان ڀڄي وڃ!

واقعي مان وچ ۾ آهيان، گهيرو ڪيو اوهان آ،
مان شير آهِيان سو ڪيئن ٿو ڏڄان ڀڄي وڃ!

نوڪيئي نڪر گهٽا پر نهراءِ ناهه تو سان،
ڳالهيون مٺيون نه گُهرجن، بند ڪر زبان، ڀڄي وڃ!

غفلت جي ننڊ ڪافي راشد! رکيو ٻکيو آ،
آرس ڀڄي اُٿي مان جيئن ئي گجان ڀڄي وڃ!

●

منهنجا مٺا مون کان پرين هڪ پَل پري نہ وڃ!
ڏاڍي بدن ۾ باهہ پئي تي ٻري، نہ وڃ!

توکان سواءِ منهنجو سهارو ٻيو تہ ڏس!
اي چانوَ ڇپر منهنجا تون ڇورو ڪري نہ وڃ!

ڇَٽ سان ڳنڍ هي لَٽ لڳي ڏاڍي ڏُکي پرين،
ماري ٿي اِها يارَ! ذري وڃ، ذري نہ وڃ!

بَد تو نصيب ٿئي سندم، تنهنجي وڃڻ کان پوءِ،
تنهنجي هئڻ سان ڀاڳ تو مُنهنجو وَري، نہ وڃ!

مان ميڻ دل تون سنگ دل، تَنهنجي سَريو وَڃي،
توکان سواءِ منهنجي نہ ٿي ساعت سري، نہ وڃ!

هر روز رنج ٿي مون کان تون تو هَليو وَڃين،
چئو، وڃڻ مان توکي ڀَلا ڇا تو وري، نہ وڃ!

توکان سواءِ رڻ ۾ رهي ڇا ڪيان ڀَلا؟
توريءَ هتي من هانءُ تو هيڪل ڏري، نہ وڃ!

لاڳاپا سيئي لوڪ جا لاهي ڇڏيا اٿم،
راشد لڳو آ لڙهہ تنهنجي، تو آسري، نہ وڃ!

●

وچ وڇڻ وارا ٻَلي، مون ڏي نهاريندو نہ وچ!
ڪونہ آ مون ۾ سَهڻ، ماٺن سان ماريندو نہ وچ!

اڌ مُئو آهيان، ٻلي زياده اجا تون وارَ ڪَر،
هَڻ ٻہ ٽي ڌڪ چوهہ مان، خالي ألاريندو نہ وچ!

ٻاهہ ٻُت ۾ بيقراريءَ جي لڳي آهي مون کي،
ڪين پهريان ٻارجي، ٻاريئي تہ ٺاريندو نہ وچ!

عشق ۾ تنهنجي ختم خوشيون ٿيون، آرام ويو،
چئن دل، راحت، سُڪون سيڪجهہ ٻُهاريندو نہ وچ!

غير سان هٿ ڏئي هٿن ۾ تو اچين بيمار ڏي،
جي پُڇڻ پُڇئي نہ تو، راشد کي رُئاريندو نہ وچ!

●

وڃڻ وارا سگھو واپس وَري وڃ،
اجايو ڪين ڳڻتين ۾ ڳري وڃ!

عشق جون منزلون آسان ناهن،
جَهڪو ڪر جوش جُوانيءَ ڪي، ٺري وڃ!

ملي مقصد ٿو مشڪل ساڻ ڪنهن کي،
ڪٽي ارمان جي سِرَ تي ٻَرِي وڃ!

حَسينن جون نگاهون وِڄ وانگر،
تہ پرنديءَ باھ کان بيشڪ ٽري وڃ!

اگر سِر جو سَٽين سانگو تہ پو اچ،
مرڻ کان ئي اڳي عاشق مَري وڃ!

وڏي سِرُ تہ ٿئي سودو سِرَن جو،
ڪري حاصل تون راشد! بَرتري وَڃ!

●

## رديف (چ)

خيال نئون ۽ نياري سوچ،
حالت نيٺ سُڌاري سوچ.

جهونين رسمن کي او يار!
ضرب هڻي وَئي ڪاري، سوچ.

ماڻهو هو دل جو درياهه،
ڪيڏي لهر اُياري، سوچ.

ڪا تہ مٺي آ ماڪيءَ کان بہ،
ڪاڪا آهہ کَساري سوچ.

پنهنجي ڌرتيءَ جي پيداش،
پنهنجي پياري پياري سوچ.

سو ڪيئن ڏيندو پنهنجو ساٿ،
جنهن وٽ آهہ اُڌاري سوچ.

قوم ڊُکي ٿي منزل ڏانهن،
ذهنن تي ڪئي سُواري سوچ.

ڪنهن کان ڪيري ٿيندي ڪانہ،
منهنجي آهہ مَتاري سوچ.

جوت سان جرڪائي وَئي جُوءِ،
سيّد جي تہ سگهاري سوچ.

قول ڦٽا هِن خوشبودار،
راشد! خوب ڦلارِي سوچ.

اڳڻ تي اسان جي وري هاڻ آچ!
ڇڱو ٿئي تہ ٻُڇڙن جي صحبت کان بَچ!

ڇڳن سان گهمڻ ۾ ڇڱائي اٿئي،
ڇڙي ٿو پوين گر، ڇوان کوبہ سچ.

تو ڪائي جي چلڪڻ تي موتي مٽيا،
هُجين پارکو تا اگهامي نہ ڪَچ

ڇگن ۽ مَٺن جي تہ ڪجھہ چاڻ ڏَر،
ڪڏهن ٿي سگهي ٿو هي، گارو نہ گڇَ.

رقيبن جي مجلس جي بنجي شمع
مونکي ٿو چوين ٿيءُ پَروان، ٻَچُ!

اندر آڳ آ عشق ٻاري ڇڏي،
ٻَري قلب ۾ چڻ رهيو آهہ مَچ.

پنهنجي پيار جي مان پَتي ٿو گهُران،
ڪٽيو ٿو وڃان ڪونہ، ڪنهن جو بہ ڳچَ.

مِليو ڏسُ مون کي منهنجي هاديءَ وٽان،
ٿَي نانگو نِسنگ نينهن ۾ خوب نچ!

دنيا جي تہ راهہ ۽ رسم کي ڇڏي،
اي راشد! تون رندن جي رمزن ۾ رچ.

●

سونهن سراسر سچ،
ٺُو، ڪوجهائي ڪَح!

پي گل رنگ شراب،
مئخاني ڏي اچ!

محبت جو ڏس مچ،
پروانو ٿي پچ!

سُنگ، ڪُسنگ سڃاڻ،
بد صحبت کان بچ!

جوانن جي فرماش،
"نچ پنجاپڻ نچ"!

راشد رندن ساڻ،
رمز انهيءَ ۾ رَچ!

●

Scanned with CamScanner

## رديف (ڇ)

ڪين ڇڏي سگهنداسون ڪڏهين، سنڌ جيجل جي ڪڇ،
اکين تي آهينِ اسان ڪي، سنڌ جا پاڻي پڇ.

سنڌوءَ جي پاڻيءَ تي پلجن ٿا سڀ سنڌي پو بہ،
هڪڙا آهن جڻ تہ مڇي ٻيا آهن مانگر مَڇ.

نڙ ۾ جي سؤ سالن تائين پون ڪميٽا پو بہ،
ڪڏهين ٿيندا ڪين سڌا آهينِ ڪُتي جا پُڇ.

لالچ جن جو شيوو آهي، هلڪي جن جي سوچ،
سنڌ جو شان سچائن کهڙو، جيڪي نيچ ۽ تڇ.

تن ۾ آس بہ کهڙي رکجي، جيڪي جن نہ ڪن،
راشد پيارا! جن سان پنهنجي ڪين لڳي ٿي لڇ.

●

ھھڙي ٻڪ ٻلاري اڄ،
ڪيئن ٽڪرايان ڀياري اڄ.

ٻاڳ ٻَلن ڪي ٽيندي آھہ،
ھھڙي تازي، ڪنواري اڄ.

تنھنجي ھر شيءِ آھہ قبول،
ڪانہ قبوليم ڏاري اڄ.

نچڻيءَ جو ھر انگ نھار،
ڇا تہ ڪري پئي ناري اڄ.

دل جي جذبن ڪاڏي مار،
ڏُڪرايم بازاري اڄ.

گل ڦل ميوا ۽ سُرھاڻ،
ڪرڪا مند بھاري، اڄ.

سر جي بدلي سرجي آھہ،
راشد! ھيڏي ساري اڄ.

●

ماڪڙ مُلڪ ڪري ويئي اَڇَ.
تون نہ ڇڏين ٿو ڪوسي ڪڇ.

ٻُڪيو رهندو ڪوبہ نہ هاڻ،
هيڏي نيڪ نہ آهہ هيڇ.

مسڪينن جي رت سان ٿُٻ،
رئيسن آڏو سيئي رَڇ.

ڇو ڏاري ٿئي هيڏي لوڏ؟
ڪر ڪا هاڻ ٻُرن تي ٻَڇ.

گهورين پيو چاڙون ۽ ڇَڇ،
راشد ايئن نہ مرندا مَڇ.

●

---

چاڙون: دريا يا سمنڊ مان ڦاٽي نڪتل وهڪرا.
ڇڇ : تانگهي ڏندي.

## رديف (ح)

مان ڪين تو رسان مگر توکي رسڻ مباح،
وڏ گهٽ جو وٽئي چوُ پلي اٿئي چوڻ مباح.

تنهنجي ڪا شڪايت نہ ڪندس غير سان ڪڏهن،
محبوب تو کي آ سدا ظالم رهڻ مباح.

ڪاوڙ ڪرين تہ ڪر مگر منٿون بہ ڪجھ تہ مڃ،
ڪاوڙ ڪرڻ مباح پڻ منٿون مڃڻ مباح.

مان ڪيئن چوان مباح نہ آ اي عزيز، ڏسُ!
ٺهرائيو جو وينو آ سڀ ڪجھ سڄڻ، مباح.

پهريان ٻڌائي پانهنجو پو هٿ ڪڍي وئين،
اي نازور! ائين نہ آ ناتو ڇنڻ مباح.

هٿ ٻاجھ جو تون منهنجي مٿان ڪين لاهجان،
دشمن کي پنهنجي ساڙ ۾ آهي سڙڻ مباح.

ڪاٿي بہ هٿ اچي نہ سگهي تو سڪونِ دل،
دلبر جو در ڇڏي نہ آ راشد رلڻ مباح.

●

چؤ پلا ڪريان ڪٿي ضبطِ فغان ڪهڙي طرح،
ظلم دنيا جا پلا سهندس اجان ڪهڙي طرح!

قوم جي هِن قتل جو مان ڪنهن طرح قائل ٿيان،
مان خدا فرعون کي آخر مڃان ڪهڙي طرح!

حال دل جو حال وارن کي ڏجي هِت ڪال آ،
راز مان دل جو بيان ڪنهن سان ڪيان ڪهڙي طرح!

پائرن کي ويل ۾ ڏکيو ڏسي مان خوش رهان،
سَوڙ ۾ سکيو سمهان، تون چؤ امان، ڪهڙي طرح؟

نعري بازيءَ سان رڳو تقدير مٽجي ڪانہ ٿي،
خواب آزاديءَ جا گهر وينئي لهان ڪهڙي طرح؟

تون نہ چاهين ٿو تہ مان توسان ڪٿي ڏاڍا ھٿان،
پنهنجي مقصد کي پلا مان اڳ ڦران ڪهڙي طرح!

قوم جو ليڊر سڏائي قوم سان دوکو ڪيئي،
مان نہ ٿو سمجهان تہ ٿيندين ڪامران ڪهڙي طرح!

حال هي آهن تہ آخر راشدا! ڪيئن پهچندو،
منزلِ- مقصود کي هي ڪاروان ڪهڙي طرح!

●

## رديف (خ)

اڙي او ظالم ڏيان نہ ڏر، ٽين سنڌ سان ٿو هر هر گستاخ،
بخشيو ويندين ڪين اگر تون وري بہ ٿئين ٻيهر گستاخ!

تو جا ڪئي سا توکي ڦٻي پر آئيندي جو رک دل ۾ خيال،
ڪير سهي سگهندو جي ٿيندين ٻيهر ۽ ٽيهر گستاخ.

ناجائز نفعو نہ ونج تون نرم طبع هارين جو هاڻ،
ڪين ٿيا توساڻ ڪڏهن هي صابر ۽ شاڪر گستاخ.

رهندا پيا محروم بہ آخر ڪيستائين هي حقدار،
گهر وارن سان ٿين پيا تا يارو! ڇو بي گهر گستاخ،

پنهنجا گهر ۽ گهاٽ ڇڏي، هُو بنجي پيا آهن ڏاڙيل،
شرفاء شهر سان ٿيڻ لڳا هِن رولو پيناگر گستاخ.

پنهنجن ئي تہ هنن کي چاڙهيو آهہ مٿي تي ورنہ هي،
ڪين ٿين ها ڪڏهين پيءُ، پردارن سان بي پر گستاخ.

سنڌ جا سيد! پٽ ڌڻي! او مرشد! پهچ مدد جي لاءِ،
سنڌ سنڌءِ سان ٿين پيا-اي راشد جا رهبر! گستاخ.

●

Scanned with CamScanner

سهڻا لڳن تا نيڻ سندءِ نيم خواب سرخ،
اکڙين ۾ چڻ سجائي رکيو تئي گلاب سرخ.

رت تي رڱن ۾ ٻوڙندو جلدي پري ڏي جام،
ڪجھ اوت، اوت، اوت اوساقي! شراب سرخ.

محبوب سندي ياد رئاري تي رتُ مون کي،
ڳوڙها تيا ختم ۽ اکين ۾ آ آب سرخ.

پاڻيءَ تي پاڻ جيڪي ڪنداسين مقابلا،
تاريخ سنڌ جو هي لکيو ويندو باب سرخ.

مگڻي جي ڳالھ هُن سان جڏهن ڪن تيون جيڏيون،
محبوب کي بنائي ڇڏي تو حجاب سرخ.

مزدور سان خراب رويو ختم ڪيو،
چاهيو تا چا اچي ڪو هتي انقلاب سرخ؟

ڊپ تو لڳيم خون پسند شخص مان گھڻو،
رنگن مان راشدا تو ڪري انتخاب سرخ.

●

Scanned with CamScanner

## رديف (د)

توکان سوا ناهي کو سُود،
تنهنجو در مون لئہ مسجود.

تنهنجي پرچڻ لاءِ اسان،
ڪوشش ڪئي پر وئي بيسود.

محبت جي ميدان اندر،
آنءُ اياز ۽ تون محمود!

ڪوس ڪندڙ بہ ختم تي ويا،
ڪاسائي ڪِٿ آهہ انود؟

غير وڏو وچ تي آ ڏقيڙ،
مُنهن ڪارو آهي مردود.

حق هرجا آهي مشهود.
جوئي ۽ عبد سوئي معبود.

راشد بيو موجود نہ آهہ،
حق موجود آ، حق موجود.

●

Scanned with CamScanner

نہ پانھا ڪنھين جا اسان زر خريد،
ٽيون پيار سان تا اسان پر خريد.

نہ ٽيپو، نہ دودا وِڪاڻا ڪڏهن،
ٿيا مير جعفر، چنيسر خريد.

ضميرن جا سودا ٿين تا پيا،
ڪٿي ڪرسيون، ڪاٿي ميمبر خريد.

نہ عيسيٰ نہ موسيٰ، هي پئسا وڏا،
ٿين ڏوڪڙن سان ڏهيسر خريد.

تڏهن راشدا لُڙڪ لاڙيا اسان،
ٿيا جڏهن خوددار شاعر خريد.

●

دلبرن مان دلربائيءَ جي اميد،
بس، خدا ۾ آ سٺائيءَ جي اميد.

لکن جو ڏاتار ايريو آ مگر،
ناهہ محنت ريءَ پائيءَ جي اميد.

جو ڪِري درخت پيو طوفان ۾،
ناهِ ان ۾ ڪا، ڪڙائيءَ جي اميد.

آ بُرائي تنهن وٽان پيئي پلٽ،
مون کي جنهن مان هئي، چڱائيءَ جي اميد.

غير آخر غير آ دوکو ڪندو،
پائڙن ۾ آ ڀلائيءَ جي اميد،

قيد محبت ۾ عُمر ڪاٽيان پيو،
ناهہ ڪا ويجهڙ رهائيءَ جي اميد.

سادگي راشد! ڏسو رکندو اچان،
مَنگھرن مان گهٽگهرائيءَ جي اميد.

●

Scanned with CamScanner

چئجانس تان ملڻ جو اڄ شوق آهي لاحد،
ڪر قرب هي ڪٽي وچ خط يار ڏانهن قاصد.

قولن جا يار ڪوڙا تون نيٺ ڪيئن آئين،
هو انتظار ڪيڏو، سَوَ ڏئي سگهان تو شاهد.

هي عشق آهه تنهنجو جنهن ۾ وئي عبادت،
مشهور هونئن هئاسين جڳ ۾ اسان بہ عابد.

مسجد ڪان منهن مٽيو مون، نفرت ڪري تو واعظ،
مون زهد کي ڇڏيو ڪئي ظاهر ڏڪار زاهد.

خدمت فقير جي ڪر، شاهي اگر گهرين تو،
درويش جي دعا ۾ آهين لکَ فوائد،

ڪجهه رحم جي نظر ڪر، ڪجهه قرب کي ڪسر ڪر،
احوال هيءَ لکيو آ مجبور دل جو راشد.

●

## رديف (ڏ)

وَئي آ ڪجي اسان جي اي جاني! جئڻ جي سَڌَ،
هاڻي رهي ٿي دل ۾ رڳو پئي، مرڻ جي سڌ.

مجبور دل ۾ ڪابہ تمنا رهي نہ آهہ،
آهي تہ صرف هڪ ئي اوهان سان ملڻ جي سڌ،

مرڻو تہ نيٺ آهہ پر توسان ملي مران،
جيسين ڏسان نہ توکي آ جيئري رهڻ جي سڌ.

تون اڄ تہ هڪ دفعو تہ ڏسان تنهنجو مُنهن وري،
سچ پچ تہ دنيا کان اٿم هاڻي هلڻ جي سڌ.

راهون ٿو ڏسان روز رئان ٿو ڪري ريهون،
وڌندي رهي ٿي روز اوهان جي اچڻ جي سڌ.

سَئيون مون سجڻ تنهنجون مزي سان ٿو ڪرون،
سي ڏينهن ويا، جن ۾ هئي صدمن سهڻ جي سڌ.

راشد جي آرزو هي ڪيو آخري پوري،
هڪ وار اٿم تنهنجي تہ چپڙن چمڻ جي سڌ.

●

ڏيو مون کي ڪا دوست دلدار جي سُڌ،
مٺي محب منھنجي مٺيادار جي سڌ.

ھينئر ڪَل پوي ٿي، گھٽين ويھين سؤ آ،
اڳي عشق جي ھئي نہ آزار جي سُڌ.

ڪڀي ھاٿي کھڙيءَ تو ٻاريءَ کي پاٿي،
سدا باغبان کي آ گلزار جي سڌ.

تکو، تيز رفتار قاصد تجان تون!
وڃي ويڄ کي ڏيڄ بيمار جي سُڌ.

ڏئي ڏيُ جَلدي جيارج جَڏي کي،
سگھو آڻ پانڌي، پرينءَ پار جي سُڌ!

ٽپڙ گھر جا معمولي قيمت ۾ وڻندا،
پوي شَلَ نہ پاڙي کي لاچار جي سُڌ.

توکي ھر وڏو ۽ ننڍو تو سُڃاڻي،
سڀي شھر کي تنھنجي ڪردار جي سُڌ.

ھلي آءُ، چپ چاپ پَرچي پئون ٻئي،
لکا لوڪ کي ڏي نہ، تڪرار جي سُڌ.

گلن جي ڪري آگريون پيو رتايان،
نہ راشد پوي ٿي مون کي خار جي سُڌ.

●

## رديف (ڏ)

هڪ وار سڄڻ دل مان ڪڍي رنج پري ڇڏ!
توکي نہ ڇڏيندس، پلي ماري يا تري ڇڏ!

هي عشق سنڌءِ آهہ جنهن بدحال ڪيو آ،
هِن حال تي تہ نظرِ ڪرم پيارا ذري ڇڏ.

هڪ بوسئہ - رخسار جي ڪر يار سخاوت!
هڪ وار عنايت جو سخي قرب ڪري ڇڏ.

خالي نہ ڇڏج خير ڪان محتاج گدا کي،
تون گوهرِ مقصود سان جهوليءَ کي ڀري ڇڏ!

توري يا گهٽي ڳالهہ تي ڪاوڙ تو ڪرين پيو،
مان آهيان سزا وار پل ڏاري يا ڏري ڇڏ!

ڏوهي تہ سدائين مان سنڌءِ آهيان مگر، ٻُڌ!
مروت بہ ذرا ڏار، ذري وٺ ۽ ذري ڇڏ!

مون کي تون ڇڏي وڃ نہ جو ورٺو وري پونديءِ،
ڪو هٿ جهليندئي چوندين تہ راشد تو مري، ڇڏ.

●

سِير وڏي ٿئي هاڻ تہ ظالم، ڦٿڪڻ جي لئہ ڇڏ!
تڙپي موت جي منزل تائين پهچڻ جي لئہ ڇڏ.

پڃري جو در کولِي تو تا پرَ بہ نہ پَٽ نادان!
او صياد! وسيلو منهنجي اُڏرڻ جي لئہ ڇڏ.

گلڙن سان ڀرجي ويو آهي جڏهين ُتنهنجو جهول،
مکڙيون ٽوڙ نہ مالهي! تن کي مهڪڻ جي لئہ ڇڏ.

چورَ گُپُن جي چالاڪيءَ کان، آمين تون اڻ ڄاڻ،
ڇا جي لاءِ ڏُبڻ ڏي وڌجي، موٽڻ جي لئہ ڇڏ.

ماٺ، قفس ۾ مضطر بيوس، ڪيڏي آ مايوس،
باغ ۾ بلبل کي باغائي، ٻولڻ جي لئہ ڇڏ.

ٽوڙي آيو آهيان راشد! رسمن جا زنجير،
باقي قيد غلاميءَ وارا ٽوڙڻ جي لئہ ڇڏ.

●

Scanned with CamScanner

سَهنج توڙي سُور ۾ تون يار جو پيڇو نہ ڇڏ.
پيئونر جي آهين تہ، گل رخسار جو پيڇو نہ ڇڏ.

فائدا گهوريا لکين جي جاءِ کلفت تان ملن،
قرب جي ڪوڙي بہ ڪافي، پيار جو پيڇو نہ ڇڏ.

ڪو طبيبن کي پوي من ترس، تون بي چاق ٿيءُ،
مرض بهتر آ، اِنهي آزار جو پيڇو نہ ڇڏ.

هيءُ چريو پنهنجي چريائيءَ مان ڪري پوندو مري،
ويح! پنهنجي عشق جي بيمار جو پيڇو نہ ڇڏ.

من گهريو مطلب مليو اڳ ۾ بہ آ جنهن جي دران،
منگتا، اهڙي سخي سردار جو پيڇو نہ ڇڏ.

بي پرن وٽ پهر پُورا، پيو ڪرين، پڇتائيندين،
جي اُڏڻ چاهين تہ پو پردار جو پيڇو نہ ڇڏ.

ٻارَ مُڇ جا وار ورندا هن ورائڻ سان پيا،
جي سڌارڻ ٿو گهرين، تون ٻار جو پيڇو نہ ڇڏ.

ماٺيو ماڻهن ۾ ڪاٺي آهہ اي راشد ادا!
جي ڏسين ڪاٺي تہ خوش ڪردار جو پيڇو نہ ڇڏ.

●

Scanned with CamScanner

ساري جڳ وساريو آهي مون کي تون بہ وساري ڇڏ.
پنهنجي جوانيءَ جون گهڙيون، تون ڀئي ڪنهن سان ئي گهاري ڇڏ!

ٻڏندڙ ٻئي کي ٻوڙيندو آ، ٻڏندڙ ۾ هٿ ڪين وجهه،
منهنجو خيال ڇڏي، تون پنهنجو پاڻ بحر مان تاري ڇڏ.

ترسي منهنجي لاءِ حياتي پنهنجي پاڻ تباهہ نہ ڪر،
ڳالهہ پُراڻي ياد نہ رک تون اوتارن کي ٽاري ڇڏ!

بيٺل پاڻي ٻوڙيندو آ، دل کي ڏِنڊ، تلاءُ نہ ڪر،
دل کي ڪر درياهہ انهي ۾ خوشين لهر اُياري ڇڏ.

يا تہ نہ منهنجي آڏو اچ ۽ راهہ نہ منهنجي روڪج تون!
يا تہ هٿن سان پنهنجي مون کي زهر پياري ماري ڇڏ.

منهنجي خوشين جُو خيال ڇڏي تون پنهنجي سک جون سوچون ڪر!
چند حياتيءَ جا ڏينهنڙا، سي خوشين سان گذاري ڇڏ.

ڳُٽيتين ۽ ڳاراٽن کي ڇڏ، خيال اهي ٻاراٽا ٽئي،
ساڳيا هار سينگار ڪري تون پنهنجا زلف سنواري ڇڏ.

رُليل پويان پاڻ نہ رولج، پٽڪيل کي ڇڏ پٽڪڻ ڏي!
راشد جي يادن کي ڏيئي گوري نند سُمهاري ڇڏ.

●

Scanned with CamScanner

ڪاش مان توسان هجان، مون سان هجين تون يار گڏ،
پاڻ شل گڏجي گهمون، ڏسندا گهمن اغيار گڏ!

هوٽلن تي تون هجين، گڏ راند جي، ميدان تي،
پرت مان پڪچر تي پڪنڪ تي ڪريون ديدار گڏ.

نازور نازڪ بدن، اي نازنين نازن ڪي ڇڏ!
غمزده غمگين سان رهه ڪا گهڙي غمخار گڏ.

نيڪ توڙي برن سان پاڙي ۾ رهڻو ئي پيو،
ڏس ڦٽي پيا گل سان آهن ڪيترائي خار گڏ.

يارهينءَ تي يار توريءَ ڇا وڃي راشد ڪري،
آهه ميلي جو مزو، مون سان هجين منٺار گڏ.

●

# رديف (ڊ)

سخي ڏي حسن جي تہ خيرات مان ونڊ،
مان محتاج آهيان تڏهن تو وٽان ونڊ.

سخا ۾ سنڌءِ هاڪ ملڪن ۾ آهي،
ملي ڪيترو تو اوهان کان ڏسان، ونڊ.

سڏي ڏي غريبن کي سائين دعا ڪن،
مان حقدار آهيان، هي حق تو گهران، ونڊ!

هي حق آ غريبن، يتيمن سنڌو، ڏس!
ڏئين تون سگهين کي اي دلبر متان ونڊ!

نہ ڏاتار جي در تان خالي وڃان مان،
وٽان مان وڃي ڏس تہ آخر ڪٿان ونڊ.

بچائي وجهو مون کي ڀئي در وڃڻ کان،
گهٽو مون بہ ورتو هتان ۽ هتان ونڊ.

بيان مان ڪيان ڪيترو ان سنڌو هِت،
ڏنو مون کي جيڪو آ پيرِ مغان ونڊ.

گدا مان ٿيو شاهہ راشد وڃي آ،
ڏنس گنج باري ڪنهين مهربان ونڊ.

●

Scanned with CamScanner

دليون جيئن ڏسون تا پيون، ڪير ڪندو.
هلي آ تہ تون مان ٿيون ڪيز ڪندو.

پري ڏُک ٻہ ٿي مون ڪي اوبر ڏجاڻ،
پرين! پاڻ پرچي پيون ڪير ڪندو.

جدا ڪو اسان ڪي ڪري پيي تہ ڪيئن،
دنيا ۾ ٿي دلبر جيون ڪير ڪندو.

ٿيو رات مهمان، محبوب آهہ،
ورهائي سين ڪي ڏيون ڪير ڪندو.

دلي خيال سان خود ملائين پاڻ،
حسين جي آڏو نيون ڪير ڪندو.

خوشيءَ ساڻ راشد خوشيءَ مهل پاڻ،
سين ڪي پيا آجيون ڪير ڪندو!

●

Scanned with CamScanner

## رديف (ڍ)

دران پنهنجي دلبر ڏڪاري نہ ڪڍ،
ڪري تون مون ڪي بي سهاري نہ ڪڍ!

رقيبن اڳئي آ تپائي ڇڏيو،
تون ويتر وري باهہ ٻاري نہ ڪڍ!

نہ تو جام ڏين ڪين ڏي، وهڻ ڏي،
مجلسِ شوق مان تون اٿاري نہ ڪڍ!

اوهان کان سوا زندگي موت آ،
سوا موت جي مون کي ماري نہ ڪڍ.

سنڌءِ واعدا ڇا هيا وصل جا،
اڳيون يار ڳالهيون وساري، نہ ڪڍ!

ڪٿي ناز نظرون رحم ساڻ ڏس!
ائين نفرتن سان نهاري نہ ڪڍ.

سوا تُنهنجي ڇڏ يار ڪاٿي وڃي،
سڪيو تنهنجو راشد گذاري، نہ ڪڍ.

●

Scanned with CamScanner

ڪندا، گاهه، ڪِن باغ مان باغبان ڪَڍُ!
جو بد زيب آهي اُهو باغ مان ڪڍ.

لتاڙي سچو ڏيهه تو وٽ اچون ٿا،
نہ دلبر ڏڪاري تون پنهنجي دَران ڪڍ!

چيو چور پُٽ کي هي اشراف والد،
نہ رک مال چوريءَ جو جلدي گهران ڪڍ!

هيو جيڪي گُهرجئي ڪٿي وڃ بلاشڪ،
نہ تصوير پنهنجي ڪڏهن مون وٽان ڪڍ.

لئين ساڻ پاٽي جدا ڪين ٿيندو،
جئين شال جاني! نہ ليڪو وچان ڪڍ.

ٻَلي ڳاڙ ڳوڙها، ٻلي ڪر تون دانهون!
سچو درد دل جو ائين آسمان! ڪڍ.

گهٽوئي ٻيائيءَ سان ٻَڪجي گذاريئي،
ڏکي غير کي هاڻ پنهنجي گهران ڪڍ.

اچي يار راشد سان گڏ ويهہ گوڏي،
حجابن جو پردو پرين! درميان ڪڍ.

●

Scanned with CamScanner

## رديف (ذ)

ناصحا! سمجهيو الائي آهه چاکي تو لذيذ،
تو لڳي مون کي تہ گل رخسار جو بوسو لذيذ.

ڪنهن جي دل ڪنهن کي ٿي چاهي، تنهن ۾ منهنجو ڇا وڃي،
مان تہ پايان ٿو تہ آ محبت سندو ميوو لذيذ.

هونئن تہ سهڻا توهہ يي آهن پٽن ۾ پيا مگر،
حسن وارن ۾ بہ آ ماڻهو منو ڪو ڪو لذيذ.

خانداني خيال تي آهي ائين ٿيندو نہ ڪو،
جيئن ڪڇهري قرب ۾ آ يار مون وارو لذيذ.

ڪين مون کي راهہ تان ٿڙيل چوين ها زاهدا.
وصل جو توکي اگر حاصل هجي چسڪو لذيذ.

مان تہ هڪڙي شمع جو پروان آهيان سر فدا،
هيئن جلي سڙڻي ڏيڻ کي سمجهيم لوڪو! لذيذ.

عقل جون ڳالهيون ڇڏي جي عشق کي اوڏا اچو،
سؤ دفعا سجدن ڪان وڌ لڳندو هڪ ئي سجدو لذيذ.

جن کي حاصل معرفت آهي حقيقت ٿا ڏسن،
راشدا! آهي انهن لئہ شعر هي منهنجو لذيذ.

●

لکين جي تون صنم ڪاغذ،
مٽائي منهنجو غم ڪاغذ.

نہ لکندو ڪر ائين ڏڙڪا،
ڪڏي ٿو دوست! دم ڪاغذ.

فراقن جي ٿڻن خاطر،
مليو هُن کان ملم، ڪاغذ.

پرينءَ جيڪو مُڪو مون ڏي،
أهو سڀ کان أتم ڪاغذ.

اٿيو بيمار ٿپ ڏيئي،
ڪري ويو ڪيڏو ڪم ڪاغذ!

پرينءَ پنهنجي هٿين لکيو،
رکيم سانڍي اهم ڪاغذ.

سوين صفحا لکي راشد!
قريبن ڏي مُڪم ڪاغذ.

●

## رديف (ر)

عمل تي ناز کان، ڏوهن سندي شرمندگي بهتر،
نمازون خود نمائيءَ جون، انهن کان بي خودي بهتر.

لباس المومنين آهين، قلوب الکافرين، واعظ!
اندر ۾ آهه هڪڙي ۽ ڪدين ٻاهر تو ٻي بهتر.

نه آهي فرق ڪوئي نيڪ بد وارو عشاقن ۾،
اوهان جي زندگيءَ کان آ، اسان جي زندگي بهتر.

اسان هڪ ڏينهن جو سجدو ڪيو آ سر نه تا ڪٽئون،
اسان جي خيال ۾ آهي، اسان جي بندگي بهتر.

لڳي شل! اي مُلان ڪوئي ٽڪو ناموس تنهنجيءَ تي،
جو رندن کان پيو چائين تو پنهنجي بي رُخي بهتر.

عمل سان مَئي پرستن جي، اوهان جو ڇا وڃي ناصح،
ڳلي مئخان جي ٿي آهه مستن کي لڳي بهتر.

ڇئون تا سچ انهي جي ٿي ڪري، ڪنهن کي نٿا وٺئون،
اسان جي آ اِها حالت ادا راشد! ردي بهتر.

●

Scanned with CamScanner

وقت ونندو امتحان، وڃ جان کي قربان ڪر!
تي شمع محفل جلي، تون پاڻ کي پروان ڪر.

عشق جي آتش اُجهامي، سُرڪ سان، ساتي نہ تي،
جي اٿئي پيئڻو تہ پيارا! سمندبُ کي پيمان ڪر.

سرمد و منصور جو قصو پُراڻو تي ويو،
اڄ وري بازر ۾ بيهي حق جو اعلان ڪر.

نئين زماني ۾ پُراڻي قيس جا کهڙا قصا،
دؤر نئون، مجنون نئون، پيدا نئون ويران ڪر.

جيڪڏهن تقدير تي ايمان آ تنهنجو ادا،
پو بہ تون تقدير کي تدبير سان آسان ڪر.

خلق کي کارين متان، تون پنگ جو پياري نشو،
مرد محبت سان سدا ماحول کي مستان ڪر.

پاڙ پنڌي آ بُرائيءَ جي دنيا مان راشدا!
جُوانُ بنجي جيءُ، ۽ پڻ، ٻين کي ڀي جوان ڪر.

●

Scanned with CamScanner

دنيا ڀر ڪي پيٽ جي ڳڻتي، خير جي ڪم ڪي سمجهي ڪير،
هرڪو پنهنجيءَ ۾ آ پورو ڪنهن جي غم ڪي سمجهي ڪير!

باغي، ڪافر، غداريءَ جا تا الزام سهون ٿا لئي؟
دنيا وارا ڇا ڄاڻن، رندن جي رسم ڪي سمجهي ڪير!

لڳ لوساٽيل، چپ ٻوساٽيل، هاري ڪيتي ڪيڙن يار،
هيسايو ويو آهه هن ڪي، ظلم ستم ڪي سمجهي ڪير!

هيڏا واڪا، هيڏيون دانهون، هيڏو روڄ ۽ هيڏي راڙ!
قوم سمهي پئي قومي شاعر جي ماتم ڪي سمجهي ڪير؟

نظمن جا هي نيزا آهن، گيتن جي گولين جو ڍير،
بيتن ۾ بارود ڀريم، پر بيت جي بم ڪي سمجهي ڪير؟

روز رباعيون، ڪئين قطعا ۽ غزلن جو بہ شمار تہ ناهہ،
ڪوهہ لکيم، ڪنهن لاءِ لکيم سو منهنجي قلم ڪي سمجهي ڪير!

جي ٻڙڪ نہ ڪوئي ٻولي ٿو، تا ساهہ تڏا ڇا لاءِ کڄن،
آ سوچڻ جهڙي ڳالهہ ميان! هن آهہ گرم ڪي سمجهي ڪير؟

روزانتن جئن روز اٿي ٿو مهل آسر جي گيت لکين،
راشد رمزن وارا! تنهنجي رنج الم ڪي سمجهي ڪير.

●

Scanned with CamScanner

مون ڪان ڪين کڄي ٿو تنهنجي، احسانن جو بارُ.
هِن ڪان زياده هلڪو آهي، اَرمانن جو بار.

جنهن جڳ ۾ پنهنجن جو يارو! بارُ سَهي ڪو ڪونہ،
اُن دنيا ۾ ڪير کڻي چئو! بيگانن جو بارُ.

منهنجو مسلڪ مستانن سان ملندڙ جُلندڙ آ،
مجنونءَ تي وَستيءَ جو ناهي ويرانن جو بارُ،

پيو ڪو بارُ نہ توتي رکبو، نازڪ آنهہ نفيس،
ساقي! تنهنجي سر تي آهي، پئمانن جو بار.

جلندي جلندي نيٺ انهن جي وئي اُجهامي جوت،
شايد شمعن ڪان نہ کنيو ٿيو، پروانن جو بار.

سمجهو ٿا هِن حالت ۾، ڇا ٿيٺو آهي هاڻ،
ٻُڏندڙ ٻيڙيءَ تي آ ويتر نادانن جو بار.

پاڻ ڇڏائڻ لاءِ هٿي ڇڏ، راشد تي الزام،
باري آهيان يَلِ نہ مڙهي ڇڏ بُهتانن جو بار.

●

قبوليو دوستو! مون ڪفر، دل جي دين جي خاطر،
اچي ويو پيار پيغمبر ٻٽي تلقين جي خاطر.

سنڌءِ ٿورا نہ جي لاٿم عمر ڀر ڳائبا سائين!
وڏي تڪليف ورتي آهہ تو مسڪين جي خاطر.

بهار ايندو تہ مُرجهايل غمن جي دل ٽڙي پوندي،
اڙي جاني، هلي آ ڪا گهڙي غمگين جي خاطر!

فخر آهي تہ فرمائش ڪئي هرڪا اٿم پُوري،
ڪيو مون پاڻ کي نيلام ڪنهن شوقين جي خاطر.

ڪيو سون پاڻ کي پابند، ڇڙواڳي ڇڏي ويئي،
وئي آزادگي الفت سنڌي آئين جي خاطر.

ڪئي شخصيت پرستي تو تہ خودداري ختم ٿي وئي،
وڃايو آهہ تو سڀ ڪجهہ ميان! ڪي ڪين جي خاطر.

پٽائي ڀر جهلا! تنهنجون ڀلايون ڀال لک ڀايان،
ڪٽي تون نور آئين هر ڪنهين نابين جي خاطر.

ضميرن جا ڪري سودا وٺن عهدا وزارت جا،
ڏين ٿا سُون ۽ چاندي، پتل ۽ ٽين جي خاطر.

ڏنو جيڪي اٿم راشدا اهو واپس نہ وٺو آ،
ڪئي مون آهہ قرباني دلي تسڪين جي خاطر.

●

لڙڪ خوشيءَ جا لاڙي وينس تنهنجي شڪر گذاريءَ طور.
منهنجا منڙا پيارا سائين! گهورَ وڃان مان تو تان گهورَ.

هونئن بہ حياتي گذري ها، پر اوکي اهنجي اگري، بارُ،
بيمارن کي چاق ڪيو آ ويچ اوهان جي ٿهل ٽڪور.

مان جذباتي ڪاٿي پهچان ها، جي ڏين نہ سهارو يار!
آهہ حياتي نئين بخشي ڇڻ نازڪ تنهنجي نينهن نکور.

عشق ۽ مشڪ لڪائي سگهبا، سچ ڏڪبو ڇا ڪاري هيٺ؟
ڪيڏو پيار ڇپايون پوءِ بہ ڏاها ڳولي ويندا ڏور.

هاڻ نہ مرندس جيئرو رهندس، پيتو آ مون آب حيات،
امرت ڏارا ڇيڙا تنهنجا منهنجي لئہ آهين اجهورَ.

پنهنجو چئن ڦٽائيندين ۽ مان پڻ تي ويندس برباد،
پيار وفا ۾ آهہ مزو ڇو ڪا وڙجين تو من جا مور!

هن دُنيا ۾ اڻ ٽيٽي تا ڳالهہ ئي راشد ڪانهي ڪابہ،
ناممڪن تي ممڪن ويو آ، هٺ ڪيو آ چندُ، چڪورَ.

سڄڻ سرجا سائين! سزا ۾ ڪمي ڪر!
جيئين شال جاني، جفا ۾ ڪمي ڪر!

اسان عاشقن ۾ سهپ ڪانہ آهي،
حسن وارا، ناز و ادا ۾ ڪمي ڪر!

نوَن تنهنجي سخن، ڇڏيو ڏنءُ ساڙي،
مُئا ويڄ! دارون دوا ۾ ڪمي ڪر.

ڏئي سر ڇڪن سُرڪ سڏڙيا ڇپن مان،
نہ بوسي جي مقرر بها ۾ ڪمي ڪر.

غزل جا ٻڌي بند ٽي چار، چيئين!
ڪجي ننڊ، آتم ڪٿا ۾ ڪمي ڪر!

گهٽو ياءُ جو ماس ڪائي ڇُڪين تون،
گلا خور! هاٺي گلا ۾ ڪمي ڪر.

ڪيو راشدا، خوار ديدار بازيءَ،
انهي روز جي ياترا ۾ ڪمي ڪر!

●

Scanned with CamScanner

محبوب پڙهيو مون تي اهڙو تہ منڊ منتر،
وسري ويا ٻئي جڳ، هڪ ياد آهہ دلبر.

الفت اديب جي آ، مون کي اديب ٿاهيو،
آهي ڪري وئي پڻ، شفقت ڪنهين جي شاعر.

جنت گهري تہ عورت، دنيا گهري تہ ڪدڙو،
گهورو جو آهہ حق جو، سومرد آهہ ظاهر.

سارو جهان دشمن، ڪنهن ۾ وفا نہ آهي،
پرواهہ پو بہ ناهي، ڪنهن تي لُڏي نہ شهپر.

محبوب ڪان عطا ٿيو، هي شانُ بي نيازي،
ڪڏهين نہ ڪاڻ ڪنهن جي، راضي جو آهہ رهبر.

هي مام آ مجازي، ماڻهو منجهي پيا هِن،
ڄاڻي نہ ڇاڻ ڪوئي، هرڪو ٿيو آ شاعر.

ياريءَ جو دائرو آ راشد! گهڻو ڪشادو،
پر راز دل جو ڪوڪو سمجهي سگهي ٿو بهتر.

●

جيئن رهي مظلوم کي ٿو، حق رسيءَ جو انتظار.
تيئن مون کي تُنهنجي سدائين واپسيءَ جو انتظار.

جي ڀگهر پورو نہ پيو، رت ڏيڻ کان رهندو نہ هي،
آهہ باغائيءَ کي گل جي تازگيءَ جو انتظار.

گهاوَ کي تازا ڏئي وڃ، درد دل جاڳي اٿي،
پبلشر کي آهہ تازي شاعريءَ جو انتظار.

کير ڪاڙهي ۾ ائين ڪنهن لاءِ ٿو ٻيهي سگهي،
کير روڄن تي ڪنڊو هيئن، ڏرتيءَ جو انتظار!

هُو گليليءَ جو ٿيو ٻکُ، هِن کي ڪا ڪل ڪا نہ آ،
شام جو مادي ڪري پيئي، نر ٻکيءَ جو انتظار.

ڏس تہ پروانن جي خاطر، ٿي شمع جلندي رهي،
آدميءَ کي آهہ ڪرڙو آدميءَ جو انتظار.

زلف رخ تان ڪر پري تا چنڊ چاندوڪي ڏئي،
آهہ راشد کي پيارا روشنيءَ جو انتظار.

●

ڳالھ ڪي وٺ ڏئي تون ڳجھارت نہ ڪر،
سنڌ منھنجي بہ آ ماءُ پارت نہ ڪر!

ٿي نہ ڇڙواڳ، ڪِٿ واڳجي جُھد ڪر،
زندگيءَ ڪي اجايو اڪارت نہ ڪر!

توکي منصب ملي، مون کي ٿيندي خوشي،
ديس وڪڻين تہ اھڙي وزارت نہ ڪر!

ڏاڍي محنت ڪان پوءِ باغ ٺاھيو اٿئون،
ھاڻ ڪوشش اسان جيءَ ڪي غارت نہ ڪر.

ڪين ارڏن، ضميرن جا سودا ڪيا،
تون بہ بھتر اٿئي ايءَ تجارت نہ ڪر!

آھہ تو لئہ چڱو، ٿين حقيقت پسند،
ھيئن رڳو تيار خيالي عمارت نہ ڪر.

سنڌ ٽُڪرا نہ ٿيندي، تون ٿيندين ٽڪر.
او نادان ايڏي جسارت نہ ڪر!

قوم سان جو سچو ناھہ راشد رھيو،
ان سان منسوب سُھٽي عبارت نہ ڪر.

●

Scanned with CamScanner

پنهنجي سيني ۾ ته نهار!
پو پل منهنجا عيب پچار.

سنڌ سڌارڻ جي ڪر پوءِ،
پهريان پنهنجو پاڻ سڌار،

ڏوبي گهاٽ پري ته نه آهه،
آءُ اچي تون قلب اُجار!

پنهنجا داغ ڏسي هُو پاڻ،
چنڊ کي آئينو ڏيکار.

هُن جو ورثو آهه فريب،
مُنهنجي مُوڙي لڙڪ به چار.

خوشبو ريءَ گل آ بيڪار،
سهڻو تي ۽ ساڃهه ڌار!

سورهيه جو اٿ، ساٿي تيءَ!
ڪانئرتي هر هر ڦٽڪار.

ڦاسي گهاٽ تيو ويران،
سچ چؤ راشد، ہوتو ہار!

●

Scanned with CamScanner

ٽلندي ٽپندي سهٽيءَ ٽور،
نياپا آندا ڪانگ نڪور.

اڄ اڄ ڪنيا تا، نِڄ نِڄ آءُ!
گهور وڃان مان تو تان گهور،

منهنجو روح اڃايل ڍورُ،
تنهنجو در مون لاءِ اجهورَ.

هاءِ! اهيئي دل جا چور،
ٻڌجي وينا من جا مور.

مون ڪي پنهنجي ناهه پروڙ
تنهنجي ڳالهه ڳجهارت، ڏورَ.

ڪم پئي ڪُنڊرا پوءِ ڪَنور،
هاءِ الا! ماٺهوڳڻ - چور.

بازي جيتي ويا ڪمزور،
ڏاڍن ڏاڍا لاتا زورِ.

پريو ڪاڳر شعرن ساڻ،
تنهنجو پيار، پني تي پور.

ڪيچ سان پئجي ويو آ پيچ،
پڙڪي پؤ پل اي پنيور!

راشد! نيٺ ڪيو بيمار،
بيمارن جي ٿهل ٽڪور.

ميٺ محبت پريا تُنهنجا ماٺو امر،
شاد آباد سائو رهين شال تر!

هي ڇپر، هي ڇنون ۽ هي ڇوئنرا ڇڳا،
جن ۾ درڪار آهن دريون ۽ نه در.

پٽ تي پرجندا، گرجندا، برسندا،
هي جي آڪاس آڏو ڇُلن ٿا ڇمر.

وَسَ ٿي گس تي گاهه ساوا ڦُٽا،
ناچ جي لئه وري ٽيڙيا مور پَرَ.

ريج ٽيا سيج گهوٽن ڇڏي سيگهه مان،
هيج مان هارين، سارِيا هاڻ هر.

راشدا! شل وسي مارُوئيءَ جو وطن،
شعر ناهي، عقيدت جا آهن اکر.

●

ڀلي دنيا ۾ پنهنجو نانءُ چمڪائڻ جي ڪوشش ڪر.
مگر مظلوم ماڻهن کي ڳلي لائڻ جي ڪوشش ڪر!

ڀلي هن غار اونداهيءَ منجهان نڪري وڃن ماڻهو،
تنين کي جنگهه ڪان گهلي نہ ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪر.

ڪري جيڪي پيا آهن اُتاري ٽيڪ ڏي تن کي،
اُهي هيسيل اٿئي ڏاڍا تون همٿائڻ جي ڪوشش ڪر.

جني ڪان ٽول ڪسجي ويا، جني جا ٻول ٻُٽجي ويا،
انهن چورن چٽن ٻارن کي پرچائڻ جي ڪوشش ڪر.

ڀَٽيم ٿي گل، هَڪل ماليءَ ڪري هڪدم چيو هِن پر:
”حسن آهي ڏسڻ جي لئہ نہ هٿ لائڻ جي ڪوشش ڪر!“

سچائِن جي ٿتا سچ کي انهن سان دشمني ڇا لئہ؟
ڀليل تون ڀائرن کي دوست دڳِ لائڻ جي ڪوشش ڪر!

رحم جي مستحق ماڻهن سان ڪاوڙ ڪيئن ڪبي راشد!
نہ ورچي ويهہ ڀيهر کين سمجهائڻ جي ڪوشش ڪر.

●

Scanned with CamScanner

# رديف (ڙ)

سورهين جا ڏنن، سر جدا ڌار ڌڙ،
ڇو نہ اُوناڙ ڪن سامراجي بگهڙ.

هي مدد خان، نادر ڪٺان ڪان پُڳا،
هاءِ بستيون اُجڙ! واءِ ويرانُ تڙ!

ٻُڪ ڪان مائرن جون سُڪيون ڇاتيون،
رت رئارينِ ٿي ٻارڙن جي ڇڳڙ.

او مڙها! ڏَڪ وجي، جوانُ ڏيءَ جي اُگهڙ،
پِير شهمير تان لاهہ ٿي چار پَڙ.

هُو تہ هڪلي نہ سگهندو هئو جهار ڪي،
جُهور هاريءَ جي پورهئي تي هيڏا مڪڙ!

عارضي هي سڌارا ڪندا ڇا سُکيو؟
اچ، پَٽيون يار! جاگيرداريءَ جي جَڙ.

انقلابي نئين سِر ٿا تنظيم ڪن،
دوست منهنجا پرين يار منهنجا پلڙ.

نيٺ جاڳي اٿيون مُلڪ جون مارئيون،
بد نظر لئہ هٿن ۾ ڪنيائون اُمڙ.

وَسَ ٿي راشدا! وڻ بہ ساوا ٿيا،
ڏُٿ ڏيندا ڪندا، ڪرِڙ توڙي ڪبڙ.

•

ڏور ڍاڙا لاتئي ڪوڙ،
اڄ اڄ منهنجي من جا موڙ!

ڪنهن جي لاءِ ڪسيرو ناهه،
ڪنهن ڪنهن جي لئہ قرب ڪروڙ.

ڏينهن تتو آ، تورو تيز!
جاٽ يٽارا! باقي اوڙ،

ڏور ٻُجهي شينهن گجگوڙ،
ڏرِ تائين لومڙ جي ڊوڙ.

گهاٽن آهن پيڙيا گهوٽ،
هَئي هَئي کهڙا مڙس يلوڙ!

گدڙن کي تہ گمان بہ ناهه،
شينهن جي لئہ آ پنجوڙ.

رنگ لڳائيندي هي نيٺ،
راشد! پنهنجي رت وِلوڙ.

●

Scanned with CamScanner

جاني! تنهنجي اک مستاني جُرم سندي آ جَڙ.
دلبر! تنهنجي در تي دائم دل وارن جي دڙ.

چندُ نہ کاري هيٺان لڪندو، سچ نہ ڪُونديءَ هيٺ،
ڪاري بُرقعي ڪانہ لڪائي اکين جي اوگهڙ.

شايد ڪوئي ميڙ مچڻ تي آهي آڌيءَ رات،
سانجهيءَ ٽاٽي ويا تي سورهيہ، ڏئي ڪڙيي جي ڪَڙ!

مسجد جي منبر تان ملان وينو طعام تڪي،
سٽيا سٽيا مال تو ڪائي ڏئي اسلامي آڙ.

سرجا سودا ٽيندا، هوندا ڏار سرين کان ڏڙ،
هوش ۾ آيو آهي هرڪو، هاڻ ڦُرائي هڙ.

جِي آئين اي درد پلارا! جوڙ متارا، پَڙ!
راشد وٽ اڄ رات رهڻ جا، وڏا ڪيا تو وڙ.

ڪوڙا ڪاهڻ وارا ڪوڙ،
نينهن نڀائڻ وارا ڪوڙ.

سرمائي جي سوپ نہ آهہ،
سيني ساهڻ وارا ڪوڙ.

ڏرتي سرتي، سست نہ ٿيءُ!
توکي چاهڻ وارا ڪوڙ.

ٿج سندا اي سنڌو ماءُ!
ٿورن لاهڻ وارا ڪوڙ.

پنهنجا رازا ۽ مزدور،
ڏاهڻ، ٽاهڻ وارا ڪوڙ.

جاڳيا راشد شعرن ساڻ،
شهر ۽ واهڻ وارا ڪوڙ.

●

Scanned with CamScanner

مون جو آندو آهہ اُمڙ،
يڙڪي ٽيندو نيٺ پيڙ!

ساٽي ساٽا ساڻ ڪٽو،
ڪونہ بچي هڪڙو بہ مڪڙ.

اهڙي ڪر ڪا ڳالهہ اچي،
نڪري جنهن مان تيل ۽ ڪڙ.

ڏرتيءَ هِن تي ڏارين سان،
ٽيندو رهندو آهہ الڙ.

موٽين ٽو جي مادر زاد!
ڦريان پنهنجو لاهہ پڳڙ.

نوريءَ پاتي نيٺ فتح،
هيءُ تماچي ۽ هُو تڙ!

جيسين جاڳي شهر سجو،
راڄ اڳيان اي راشد! رڙ.

## رديف (ڙه)

ٻِرائي تي ٻُختو، گهڻو علم پڙهہ!
پڙهڻ ساڻ پيارا، چڱو ٿئي تہ ڪڙهہ.

نوازيندين، فقراءَ ڏيندا دعا،
يلي ڪر ترقي، يلي چوٽِ چڙهہ!

اُتي منهنجي محبوب سان پيٽ ڪر،
جتي سمجهين آهي حسينن جو ڳڙهہ.

علي شاه لڪياري هليو ويو هتان،*
اداس آ انهي لئہ سڄو ڳوٺ "ڏڙهہ"

انهي ۾ آ راشد خوشي روح جي،
ملي ماروي‌ءَ جو، جي مارُن کي مڙه.

●

* علي محمد شاهہ لڪاري، نواب شاهہ جو نامور صحافي، اصل ڳوٺ "ڪُن ڏڙهہ" تعلقي موري ضلعي نوشهري فيروز جو رهاڪو آهي.

## رديف (ز)

پاڻ بچي ويو آهي پورل يار، برهہ جا باز.
نياز اسان کي حاصل ٿيا، هُن کي ازلئون کي ناز.

ڪُهڻ جي لئہ چو آتا آهن، عشق ڪيمر يا ڏوهہ؟
آس اٿمر تہ شهيد ٿيان شل! پڙهندي نينهن نماز.

رمز اسان جي تون ڇا ڄاڻين، اي ناصح، آلَ ڪانوَ!
عشق عُقاب جا آهن بلڪل، بلند، پري پرواز.

جاڳيو جوش جنونُ اسان کي، محفل ۾ ٿي موج،
مئخاني- محبوب ۾ کُليا، جڏهين سِڪ جا ساز.

جن پيتو هو خوب، عشاقن کي نہ رهيو ڪو هوش،
ڪَن تي پيا جڏهين ڪي منڙا ڪوئل جا آواز.

پير- مُغان جي پيش ٿيان تو، حاصل ٿئي ڪو پيگ،
ساغر ڏيندو، مستي ايندي، کُلندا راشد راز!

●

ورد تنهنجو نام روز،
آھ صبح و شام روز.

تنهنجي در، ماڻي سُڪون،
تو ڪيان آرام روز.

باغ ۾ گڏ ٻاغ ٻاغ،
مون سان گل- اندام روز.

دل پئي چاهي تہ ڏينم،
ھڪ چمي، انعام روز.

ڪانہ گهرجي ڪابہ حُورَ،
گڏ هجي گلفام روز.

جي وِٽي وجهندين تہ پوءِ،
پهچندوءِ پيغام روز.

عاشقن ڪي برچشم،
ڪونڪو الزام روز.

راشدا! ساقي حسين،
تو ڏئي ھڪ جام، روز.

●

Scanned with CamScanner

## رديف (س)

مون کي آ ستمگر! سندءِ هر بات جو احساس،
توکي نہ منهنجي آهہ کو جذبات جو احساس.

اڌ رات منهنجي راند ۾ يا راڳ ۾ گذري،
اڇيو تو تپائي تنهنجو پرڀات جو احساس.

تي منهنجي جواني وئي پئمال ڏکن ۾،
سچ چئو تہ ڪڏهن تيو اتئي فڪرات جو احساس؟

مون تنهنجي اڳيان آهہ سدا مات پئي کاڌي،
ڪنهن بات کان آهئي کو انهيءَ مات جو احساس؟

توکي تہ پسند پئي نہ ڪڏهن شاعري منهنجي،
نقاد گهڻا ڪن تا پيا ڏات جو احساس.

رهجي جا وئي پنهنجي ملاقات اڌوري،
مون کي تو ستائي پيو ان رات جو احساس.

راشد تہ مري ويو، نہ مُئن سان ڪجي کاوڙ،
تون آءُ! قبر تي ڪري مرهيات جو احساس.

●

الائي چو وري اڄ يار جي ٿي بي رُخي محسوس،
بپا طوفان ٿيو غم جو، حياتي بار ٿي محسوس.

اسان ٿا پانهنجو سمجهون، مگر هو غير ٿو سمجهي،
ڪري پيو ٿو مون کي محبوب منهنجو اجنبي محسوس.

ڏهن رنگن ۾ جو منجي وڃين ٿو ڏينهن ۾ پيارا!
اوهان جي يَرَ ادائن کي، ڪَري ٿا دل چري محسوس.

نگاهن ناز وارين سان نهاري دل کسيئي دلبر!
نہ پهريان دل کسين ها جي ڪيئي گندي گري محسوس.

گهڙي گهارڻ ڏکي توريءَ، هِتي هفتو گذاريان ڪيئن؟
گذر سَت ڏينهن ٿيا ليڪن، ڪيان پيو ٿو صدي محسوس.

پنيان تنهنجي ڏسي راشد کي، دنيا پي ڪئي آهي،
اسان جي سادگي محسوس، تنهنجي دلڪشي محسوس.

●

تنهنجي سهنج سک لاءِ سامانُ ٿيندس.
پرين! تنهنجي قدمن تان قربان ٿيندس.

ڪيو واعدو آ تو سانجهيءَ اچڻ جو،
نہ ايندين تہ ڏاڍو پريشان ٿيندس.

سپيئي سور سائيھہ جا دور ٿيندا،
وڏي اي امڙ، مان جڏهن جوان ٿيندس!

ڪندس ملڪ جي سرحدن جي حفاظت،
ٻنين ۽ ونين جو نگهبان ٿيندس!

پکيڙين ٿا جي سماجي بُرايون،
انهن واسطي تيز طوفان ٿيندس.

پنهنجي ديس جي پورهيتن لاءِ راشد!
مان جنتُ جو داروغو رضوان ٿيندس.

●

Scanned with CamScanner

ڪو دوست دشمني جي ڪري ٿو تہ ڪرڻ ڏينس،
پارڻ ۾ ٻيائيءَ جي ٻري ٿو تہ ٻرڻ ڏينس.

داناءِ دل، نادان جو ڏک ڪونہ ڪبو آهہ،
خشڪيءَ ۾ لٽا لاهي تري ٿو تہ ترڻ ڏينس!

هي پنڌ اٺائو ٻہ تہ منزل ٻہ گهٽي ڏور،
اڌ واٽ تان ورچي جي وري ٿو تہ ورڻ ڏينس.

جو ڄاڻي چڱائيءَ کي برائي، سو ٻُرو آهہ،
انڌو ٿي ڪِري کڏ ۾، مري ٿو تہ مرڻ ڏينس.

جنهن بغض جي لاشي لئہ ڪيو دل کي قبر آهہ،
پنهنجي ئي حسد ۾ جي ڳري ٿو تہ ڳرڻ ڏينس.

ڏي راشدا! آهيون اسان، پئبو ڦٽي پيهار،
هو آهہ ڍڳو، گورَ چري ٿو تہ چرڻ ڏينس.

●

تنهنجي يادن سان مان پنهنجو ساهہ سلهاڙيو ويٺو هوندس،
جيسين تون ديدار ڪرائين، تيسين ٻاڙيو ويٺو هوندس.

کهڙي ڪَل صبح جو سوئي مون ڪي مارڻ لاءِ اچي ٿو،
رات سڄي مان در ڏي جنهن لئہ ديدون ڦاڙيو ويٺو هوندس.

پنهنجو مقدر پاڻ بنائڻ لئہ هٿ پير هلائي ڇاٽان،
ڇا تو سمجهيو آهہ تہ ٻاڳن تي ئي ٻاڙيو ويٺو هوندس؟

ساڳيو مرشد پيٽ گذر لئہ محنت ڪش تي پيو آ اڄڪلهہ،
جنهن تي ڄاتو صدين تائين ڏنُ اڳاڙيو ويٺو هوندس.

هيڏي ساري رات سياري جي تنهائيءَ ۾ ڪيئن ڪَٽبي،
سگريٽن جي ساٿ سان پنهنجون سوچون ساڙيو ويٺو هوندس.

راشد ڪي ريجهائڻ جي لئہ هڪڙي ئي شيءِ 'آزادي' آ،
مان ڪو ٻار تہ ناهيان جو ڇيگم ڪي ڇٻاڙيو ويٺو هوندس.

●

وري هڪ دفعو وک وَڌائي تہ ڏس!
پرين، پيچ پيهر تون پائي تہ ڏس!

نہ ڪيہائبو ۽ نہ بُت لرزندو،
آ خنجر ڪٽي، آزمائي تہ ڏس!

خطائون بہ انسان کان ئيون ٿين،
او ويندڙ! تون مُنهڙو ورائي تہ ڏس!

رڳو پاڻ کي ئي تون سگهندين پَسي،
اکين ۾ اسان جي چتائي تہ ڏس!

ڏسون ڪهڙا ڪهڙا اچي ٿا سگهن،
قتل گهہ ۾ عاشق گهُرائي تہ ڏس!

عُمر ساري غيرن سان گڏ گهاريئي،
تون راشد سان رُس ڪو رهائي تہ ڏس!

●

## رديف (ش)

شام جو ٿئي جام نوش.
آهُ ڳولي مئي فروش!

ساقيا! ٻيو جام ڏيج،
وڌ ڪري جذبات، جوش.

مست هاٿي رئيس آهه،
چؤ سين ڪي پوش پوش.

ڪين ڏر مون تي ميار،
هاڻ سالم نام هوش.

ٽورڙو هيڏهن ڏيانُ،
ڳالهه مُنهنجيءَ ڏانهن گوش.

مُنڊ تي وَسيو آ مينهن،
پاءِ! ڌرتي سبز پوش.

راشدا! نعرو لڳاءِ،
ڪيترو رهندين خموش.

●

آهه دل بيتاب کي ڪِنِ خير خواهن جي تلاش.
تو ڪري هر نفس پيو هم نفس ماڻهن جي تلاش.

خط لکڻ جي واسطي پوڳيو اتم ڪيڏو عذاب،
ڪالهه کان ڪريان پيو موزون لفظن جي تلاش.

تنهنجي زلفن تي اچي تنهن دم پٽيو تي با مراد،
جنهن بہ جوڳيءَ کي هئي واسينگ نانگن جي تلاش.

سونهن وارن کي ائين ئي عاشقن جي گهرج آ،
جيئن سخي ماڻهوءَ کي هوندي آ غريبن جي تلاش.

ٺوڪرون هڻندي بڻايئي دل کي چڪنا چُور چُور،
هاڻ تون ڇو ٿو ڪرين شيشي جي ٽُڪرن جي تلاش.

خط پڙهڻ کان اڳ ڪري پُرزا، ڪيئين پڇتاءُ پوءِ،
هاڻ پَٽ تان پيو ڪري ٿو ذرن پرزن جي تلاش.

جو هجي هم خيال بيشڪ سات سان بنجي شريڪ،
آهه راشد کي سدائين پاڻ جهڙن جي تلاش.

●

Scanned with CamScanner

گذران تنهنجي يار جي پيو تو ڳليءَ ۾ خوش،
راضي ٿا رهون پيار جي پنهنجي پٽيءَ ۾ خوش.

گڏجي رهڻ جو شرف جو دلبر سان مليو آ،
مون وانگي ٿيندو ڪونه ڪوئي زندگيءَ ۾ خوش.

پنهنجن سان وڙهي غير جي چمچاگري ڪن ٿا،
هن شهر ۾ آ ڪوبه نه ڪنهن جي سڄيءَ ۾ خوش.

توڙ تو ڪيي مون ڪي، گهڻو ڪونه تو گهرجي،
ياڪر ۾ ڪو آهي ته ڪو آهي پريءَ ۾ خوش.

وسري ٿا وڃن يار سان سڀ ڏينهن جا صدما،
ٿي تو وڃان مان شام جو هڪڙي گهڙيءَ ۾ خوش.

بهتر ٿي اڳياڙي، تنهنجي شل سرهي پڇاڙي،
گذران تنهنجي شال! عُمر آخريءَ ۾ خوش.

ڪي چار چڱو چون، ڪي بُڇڙو به چون پر،
هر مهل مان مُرڪان پيو نيڪي بديءَ ۾ خوش.

لالچ يا لوڀ ڪونه آ سنگت سان اسان جو،
راشد آ فقط قرب جي هڪڙي رتيءَ ۾ خوش.

●

# رديف (ص)

منهنجو يار ڇڻ ٻارڙو حرڪتي خاص،
دلين جي ڦاسائڻ ۾ آ حرفتي خاص.

ڏنم ڏس ٻين کي تي، ڦاتس اچي،
اهو ڪم سچو آهه ڪو قدرتي خاص.

اسان آهه دل توکي ڏيئي ڇڏي،
پرين، آءٌ! تنهنجي آ مون ۾ پَتي خاص.

اي محبوب! مون کي وساري نہ ڇڏ،
اوهان جو تہ آهيان اصل دعوتي خاص.

ڪڏان ڪاڻ ڪم ظرف جي تو پيو،
پئي آ گڏهہ ۾ تہ پنهنجي گتي خاص.

خدا جو آ گهر دل، سي ڪافر ٿيا
ڪئي جن آ ڪعبي جي بيحرمتي خاص.

سُخن جو سچو، دل گهُريو دوستڙو،
’ميان داد چانديو‘ اٿم، صحبتي خاص.

رکي شاعريءَ ۾ تو حيثيت جدا،
سدائين آ راشد رهيو محنتي خاص.

●

* مياںداد چانديو، قاضي احمد جو سگهڙ شاعر.

ڏسان جيترو تو خطن ۾ خلوص،
هجي روبرو شل! هُنن ۾ خلوص.

وڙهنِ طعام تي پاڻ ۾ چو اُهي،
هجي جيڪڏهن ڪو مُلن ۾ خلوص.

سهان خار جا وار سر تي پيو،
ڏنو جو اٿم گلبدن ۾ خلوص.

پسند پيو آ موري جو ماحول، جو،
هتي آ ننڍين ۽ وڏن ۾ خلوص.

بنا ساز، آواز آ بي مزي،
ڪجي ڇا، نه آ سازندن ۾ خلوص.

منجهند ٺاڪ گرميءَ ۾ رڃڻو پيو،
سڙي تو پيو آسرن ۾ خلوص.

نه ڪُوڙن جي ڳالهين تي ڪر پروسو،
وڃين جاچ راشد! سچن ۾ خلوص.

●

Scanned with CamScanner

## رديف (ض)

آهه قتيل دل سندو دلبر سنديءَ ديدار فيض،
تي ڇڏي بخشي نظر نرمل سنديءَ نروار فيض.

فيض تنهنجو آهه جاري، تون سدا آهين فياض،
تو وٺان وٺندو رهيو نوجوان، ٻُڍڙو، ٻار، فيض.

فيض، رڪندو واسطو آهي عقيدت سان ئي،
معرفت ميدان ۾ آ گل بہ فيض ۽ خار فيض.

فيض منهنجي لاءِ آهن يار تنهنجون گارِيون،
آ رهيو وٺندو دوا ڪؤڙيءَ منجهان بيمار فيض.

دل جي آئيني جيان ٿئي صاف، پو اُن ۾ ڏسو،
ڪٿين نہ تو بخشي اوهان کي پنهنجو ئي ديدار فيض!

اک اگر ڏسندڙ ٿئي تا هر جڳهہ جلوو پَسي،
جا بجا جڳ ۾ ڏسو آهي پرينءَ جو پيار فيض.

آ حقيقت جي سدا تصوير ڪو جاچي ڏسي،
راشدا! پوين جي لئہ آهي سندم اشعار فيض.

●

ويج! ڪو حيلو هَلائج، دم نه ڏئي تو در مريض،
ساک تي ويندئي متاثر، چاق جلدي ڪر مريض!

فائدو آ چار آنا ڊاڪٽر پهچڻ کان پوءِ،
اڄ مڙئي ڏسجي پيو تو ڪالهه کان بهتر مريض.

لک جڏا تنهنجي هٿان تي ويا مسيحا فيضياب،
توکي ڏيندو ويو دعائون چاق ٿئجي هر مريض.

لا دوا فرزند تنهنجو آهه، فرمايو حڪيم،
ماءُ بيوس کي چيائين، وڃ ڪٽائي گهر مريض.

پير صاحب، تنهنجي ڦيٽڻ ۽ چنڊڻ ۾ ڪجهه نه آه،
ٻي ويو پاڻيءَ پڙهيل جي آ سڄي گهاگهر مريض.

تيئن ڪري بيمار، جيڪي ڪيس ڇئي سندس طبيب،
جلد ٿئي حاصل شفا راشد جي پاري پَرِ مريض.

●

Scanned with CamScanner

لهڻو ليکو ناهي ڪنهن جو، محبت ۾ مقروض،
انساني اخلاق آ، آهيون الفت ۾ مقروض.

ليکو آهي چوکو پيارا! چوکي آهه پريت،
کهڙو ڪنڌ ڪٽي هلندو ڪو سنگت ۾ مقروض.

جاتي لهڻيدار، اچن اُت مان ڪيئن ايندس يار!
دلبر! تنهنجي ڪيئن ايندو ڪو دعوت ۾ مقروض.

’قرض ادا ڪر‘ چون پيا، جي بابا کي لهڻن،
سک سان ڪونہ سُمهي سگهندو نہ تہ تربت ۾ مقروض.

شوق نہ هو قرضي بنجڻ جو ۽ نہ هُئي ڪا لوڙ،
سهڻن ماڻهن جي تي وياسين صحبت ۾ مقروض.

پاڻ کي مارڻ لئہ سوچيندو، جڏهين وڌندو وياج،
تنگ حياتيءَ مان ٿيندو آ غربت ۾ مقروض.

ڏيئي پهچي ڪونہ تو راشدُ، معاف ڪري ڇڏ يار!
عرض ڪرڻ آيو آ تنهنجي خدمت ۾ مقروض.

●

## رديف (ط)

اي يار، اچي ڪاش! ڪرين منهنجو غم غلط،
تون جي اچين ته ٿي وڃي، درد زخم غلط.

تنهنجي ته اچڻ ساڻ ڇُٽن ڦٽ هجر سندا،
جن تي حڪيم تا رکن هاڻي ملم غلط.

ڪريان جي سنئين ٿو ته پي اونڌي ٿيو پوي،
تون ساڻ جي هجين ته، نه ٿئي ڪوبه ڪم غلط.

مان عشق ۾ مجنونُ سدائين رهان پيو،
ماڻهو پيا ٺوڪين ته ’جيڪي چيم، غلط‘.

پنهنجن جي طرف ڪجهه ته نِگهه ڦير، اي پرين!
ڇا لاءِ رهي غير تي جاري ڪرم غلط.

دلڙي نه دنيا ساڻ لڳي عاشقن سندي،
دنيا جي ڏسان هاڻ ٿو راهه و رسم غلط.

مسڪين ۽ اشراف فقيري مزاج جو،
ڪڇندو نه ڏنم راشدا! تنهنجو قدم غلط.

●

Scanned with CamScanner

ڏيوانن جي دَرُ ڪان تي ويا، دنيا جا دلبر محتاط،
پُورِن ياڪ پٽن تا پيارا، دريون توڙي در محتاط.

سوڙهي آهه گهٽي ڪيئن گذري، پهچان تنهنجي آءُ حضور؟
منهن جا رقيب ڏسان ٿو تنهنجي پاڙي وارا گهر محتاط.

تنهنجي حويليءَ تي پهرو آ، منهنجي جُهپُر تي به چڪاس،
گهر ياتي محتاط اوهان جا نوڪر ۽ چاڪر، محتاط.

مارشل لا جو دؤر اچي ويو، سياستدان ٿيا محتاط،
تنظيمي ليڊر محتاط ۽ تحريڪي ورڪر محتاط.

ڏيهه ڏڪر جي ور چڙهيو آ، خرچ ڪرڻ ۾ ڪريو خيال،
لوهر، واڍا، ڪوري، موچي، ڪنير، ڪاشيگر محتاط.

سوچي سمجهي پير ڪٽو، آ حاڪم راڄ سندو سردار،
ڇوڪرِيون ڇوڪر محتاط، ناريون توڙي نر محتاط.

هند و پاڪ ڏسو هڪ ٻي ڪي ڪن تا پيا ڳالهين جي آڇ،
مومن پڻ محتاط ٿيا هِن، ڇو ته ٿيا ڪافر محتاط.

تنهنجي پير ڪي ضرب لڳي تا مون ڪي دُڪ ٿيندو محسوس،
هٽندو رهه محبوب سدائين راشد ڪي نوڪر، محتاط!

●

# رديف (ظ)

اسان کي آهه گهڻو دلربا جي در جو لحاظ،
ٻهاري ٿا ڏيون رکندي درِ دلبر جو لحاظ.

منهنجو محبوب مهربان گهڻو آ مون تي،
کري کافي ٿو قربدار هُو نوکر جو لحاظ.

کڏهن مسجد ڏي وڃان ٿو، کڏهن بت خاني ڏي،
پنيان پنيان ٿو ملان ڇو ته آ رهبر جو لحاظ.

شکستو ڪنهن جي بہ دل کي نہ کريان مان صوفي،
خدا سان گڏ ئي کريان ٿو خدا جي گهر جو لحاظ.

سڄڻ جي سُرخ ڳل تي جيکو سيه خال ٿيو،
کريون ٿا کيترو کاري انهيءَ کافر جو لحاظ.

عزت ۽ خانداني خيال تي هوندي آ مگر،
کري هرکوئي زماني ۾ پيو زر جو لحاظ.

عشق ان موٽ آ راشد! نہ ڪنهن جو خيال کري،
نہ آهه نينهن کي ٻُڍڙي ۽ َيا نينگر جو لحاظ.

يلي کين کن عاشقن جو لحاظ،
اسان کي آ سهڻن سين جو لحاظ.

کنڌن واريون ٽاريون ڪپي ساڙجن،
کيون ٽا پيا پر گلن جو لحاظ.

اندس هاءِ وي تي جي ساهي پَٽيو،
کجو ساٿي 'سيوهڻ' ۽ 'سن' جو لحاظ.

پوي ڇو ها مانگر سندي پيٽ ۾،
هئو مورڙي کي آدن جو لحاظ.

نہ راشيءَ کي پنجن تنن جو لحاظ.
انهيءَ کي آ پنجن سَون جو لحاظ.

وڏيرن سان راضي نہ ٿيو روح پر،
وڏن جي کيم واسطن جو لحاظ.

ڏِلن سان بہ ناتو ڏِلو کونہ ٿيو،
سندن آ يلن يائرن جو لحاظ.

يلي جڳ ۾ ارڏو ٿي رهہ راشدا!
کجان پو بہ ماٺهن سُٺن جو لحاظ.

●

Scanned with CamScanner

## رديف (ع)

ڪين روءِ اي دل! هتي ڳوڙهن وهائڻ جي منع،
جي ڪُهن ته به آهه پير ۽ هٿ هلائڻ جي منع.

سمجهه رک اي مرغِ دل! هت آسيانو ڪونه آ،
آ قفس ۾ قيدين کي راڳ ڳائڻ جي منع.

ڪونه آ تيار ڪو حق جي ته گفتي ٻڌڻ لئه،
سوچ سان هل، آ سَراسر سچ ٻڌائڻ جي منع.

آهه بيدردي رڳو، ڪو درد وارو ڪونه آ،
ديس هن ۾ چون ٿا آ دل لڳائڻ جي منع.

خيال ڪر! بيدرد ڪنهن کي، دل متان ڏيئي ڇڏين،
دل ڏني ڪان پوءِ آ واپس ورائڻ جي منع.

چشم پنهنجا چوطرف ڦيري نه ڏسُ، ڪنڌ هيٺ ڪر،
شهر هن ۾ آهه من! اکين ملائڻ جي منع.

ڪين ڪُڇ واتان، ستم سَهه ۽ سدا خاموش رهه!
آ متي رنديءَ ۾ راشد! خار ڪائڻ جي منع.

Scanned with CamScanner

دوستن جو آهہ ٽيٽو دلربا در اجتماع،
گهورَ مان انَ گهر مٿان، اڄ آهہ جنهن گهر اجتماع.

’مارشل لا کي هٽايو ۽ جمهوريت آڻيو،‘
ڳالهہ ساڳي ئي ڪري ٿو هت هُتي هر اجتماع.

دشمنيءَ حق جيءَ ۾ جيڪو گڏ ٿيو، آهي غلط،
ڪيترو هوندو وڏو، تہ بہ لعنتون بر اجتماع.

تورڙن ماڻهن تي جيڪو مشتمل آهي، چڱو،
سچ تي ثابت قدم آهي سراسر اجتماع.

ليڪچر ’حافظ‘ ڏنو هو ’شاهہ‘، تي سو ياد آ،
جو ’پڊعيدن‘ ۾ ٿيو هو واهہَ جي پَر اجتماع.

جو ڏئي لولي، ضميرن کي سُمهارڻ ٿو گهري،
ڪونہ ٿو راشد ڪپي ڪو خواب آ وَرَ اجتماع.

●

---

حافظ محمد بخش خاصخيلي، پڊعيدن، ضلعي نوشهري فيروز شهر ۾ شاهہ تي ليڪچر ڏنو هو.

# رديف (غ)

ويو ڇڪي آ روح منهنجو پڻ سندم دل ناز باغ،
ڪيئن ڇڏي هي منهنجي دل جي هاڻ بلبل ناز باغ.

صحبت - خوبان جا شائق ڏس اچي ميلا متل،
محبت - گِل ڏي ڪري من مست مائل ناز باغ.

ڪيترا ماڻهو ڪتان جو ڪٿ ڪَهي آيا ڏسڻ،
هر قسم جو تو پسائي وڻ ۽ گل ناز باغ.

اي دل - مجروح هل جو باغ ۾ آئي بهار،
تو ڪري آراستہ گلزن جي محفل ناز باغ.

عشق جي درياهہ ۾ تي دل سندي ٻيڙي لُڏي،
ڪشتيءَ دل کي ملي ويو چڻ تہ ساحل ناز باغ.

’قاضي احمد‘ شهر ۾ آ ڇهچٽو هن جي ڪري،
آ عجب پيدا ڪئي وهواه هلچل ناز باغ!

درد وندن جي دلين لئہ پُرسڪون ماحول آ،
آ دعا هر دم رهي سرسبز هي شل ناز باغ!

راشدا! آخر ۾ آ منهنجي مبارڪ ’رئيس‘ کي،
جو نہ مَرڪي مرد سو جنهن کي آ حاصل ناز باغ.*

●

---

ناز باغ: قاضي احمد شهر، ضلعي نوابشاهہ ۾ رئيس علينواز انڙ جو باغ

Scanned with CamScanner

هوش آ مظروف ان جو ظرف تا سمجهن دماغ.
هارجي ويو هوش منهنجو آ پڳل برتن دماغ.

اندران ئي اندران ڇڻ ڪا اڏوهي آ لڳل،
آ صفا پورو ڪري ڇڏيو پرين! پنهنجن دماغ.

قيد مان نڪري ڪيون ڪيئن آ جيڇي ڪي اختيار،
دوستو! ڏاڍو هلايو آهہ مرد و زن دماغ.

دؤر ڪمپيوٽر ۾ ڪونهي ڪوبہ مرشد جو ضرور،
سادڙن ماڻهن ڪان اٽڪل سان وٺي ٿو ڏن، دماغ.

روز نئين ايجاد ٿئي ٿي، روز پيدا ڪن نوان،
جو تہ سائنسدان استعمال پيا تا ڪن دماغ.

ڪنهن بہ ڪم جو ڪونہ هو، پر پو بہ پنجي ويو قبول،
رحم راشد تي ڪيو هن جو ڏسي سهڻن دماغ.

●

## رديف (ف)

مَران تو جُدائيءَ ۾ اي يار، انصاف!
کيو تو سبب ريءَ ڏکي ڏار، انصاف!

اوهان جي غمن جو تہ انداز ناهہ،
ڪديا تنهنجي آهن ڏکن ڏار، انصاف!

پرين! پنهنجا خادم نہ در تان ڌڪار،
اسان َتنهنجا ئي ناز بردار، انصاف!

مِلان ڪيئن گل جهڙي محبوب سان،
جو وچ ۾ وري ٿيا سوين خار، انصاف!

اچان تو مان ڇڪجي جو پيا ٿا رکن،
ڪشش مقناطيسي هي رخسار، انصاف!

وئين تون صفا مون کان مُنهڙو مَٽي،
وڏي وڻ ٿيا ڏس تہ اغيار، انصاف!

سوا تنهنجي ڪو آسرو ئي نہ آهہ،
ڏني دانهن مون توکي دلدار، انصاف!

ڪيو قيد اڻئي، تشدد نہ ڪر!
کلي ڪر گهڙي کن تہ گفتار، انصاف!

غزل ناهہ آ دانهن مظلوم جي،
گُهرن راشدا روز اشعار، انصاف!

●

قسمت جي ڪم نصيبي تيو آسمان مخالف،
دورِ وصل نہ راس آ، دورِ جهان مخالف.

گر اضطراب آهي، آهي صرف اهوئي،
جنهن سان رڪان ٿو ناتو سو ٿو ڏسان مخالف.

هاڻي قفس ۾ خوش ٿي رهڻو پوي ٿو ڇو، جو
آزاد آستان تيو اڄ آشيان مخالف.

بادِ بهار آئي ڪل ناهہ ڪنهن چمن ۾،
منهنجي بهار دشمن، گل گلستان مخالف.

جنهن سان راهہ منزل طئہ ٿي ڪئي مون گڏجي،
سو پاسبان مخالف، سو ڪاروان مخالف.

ڪهڙو قصور مون کان واقع تيو آ آخر،
ڪهڙو آ ڏوهہ منهنجو، ڏس اي ميان مخالف!

تُنهنجي گلا نہ ٿيندي منهنجي مُنهان مخالف!
ڇو خار ٿِي ٿو تنهنجي دل ۾ چُپان، مخالف؟

منهنجو حبيب مون سان جلدي اچي ملي، ۽،
پرچي پوي، وڃي جي نڪري وچان، مخالف.

دورِ خزان ۾ راشد! اڪ ئي ڪلي وئي آ،
جو دوست سڀ دنيا جا ٿيا ناگهان مخالف.

●

مون ڪيو آ اعتراف.
ڪر ڪٿي تون هاڻ معاف!

محب! ماضيءَ ڪي ڀُلاءِ،
ڇڏ وساري اختلاف.

ڪانہ ٻُڌبي ڪا بہ ڳالھہ،
جا هُجي من جي خلاف.

جيئن وٺئي وت ٻُرڪندو،
چؤ نہ، حق جي برخلاف!

ڪا بُري نيّت نہ آهہ،
پنهنجو سينو آهہ صاف.

راشدا هوشيار باش!
تو سُجهي آڏو صراف.

●

Scanned with CamScanner

## رديف (ق)

مان مران تو تون ملڻ جو، هاڻ تورو ڪين ٿڦ!
دائمي گڏجي رهڻ جو، هاڻ تورو ڪين ٿڦ.

زندگانيءَ ۾ مزا تو جي چکايا ياد ڪر،
ڳالھہ هر ڪنهن جي مڃڻ جو، هاڻ تورو ڪين ٿڦ.

دربدر ڪيڏو ڪيئي، ڪوڙا دلاسا ڏئي مون کي،
واعدن پورن ڪرڻ جو، هاڻ تورو ڪين ٿڦ.

هٿ ڏئي هٿ ۾ نہ هلئين ٻن وکن جو فاصلو،
دوست ڪانڌي ٿي هلڻ جو، هاڻ تورو ڪين ٿڦ.

ڇا لطف بوسي منجهان بيجان بوتي کي اچي،
لب لبن تي تون رکڻ جو، هاڻ تورو ڪين ٿڦ.

زلف معطر جي مون ڪانِ سرهاڻ کي پاسي رکيئي،
لاش کي خوشبو مکڻ جو، هاڻ تورو ڪين ٿڦ.

زندگي ڀر ڪانہ ڪيئي خوش ٿي مون سان گفتگو،
فاتحہ جاني پڙهڻ جو، هاڻ تورو ڪين ٿڦ!

تي ڪلئين ساري عمر جنهن جي فقيري حال تي،
حالِ راشد تي رئڻ جو، هاڻ تورو ڪين ٿڦ.

●

Scanned with CamScanner

جُتيءَ آ پيرَ ۾ گسندي ڪئي لِڦَ،
وڏي ڪيڏي نہ تي آهي وڏي لَڦَ.

جڏهن هي پير جو ڦوڦيندو ڦسندو،
ڪڍي ٻاهر ڪندي سڀ گندگي لڦ.

وَهي پاٿيٽ پُسايو پيرُ منهنجو،
ٻتن ڏينهنِ ڪان پو آخر ڦِتي لڦ.

جوابي خط نتو دلبر! اُماڻين،
هتن تُنهنجن ۾ شايد آهہ تي لڦ.

پريشانُ چو ٿئين پيارا پَسي لڦ،
ڪٽي اڳڙي چڏي آ مون ٻَڌي لڦ.

رُتل دلبر پچڻ آيو آ راشد!
تي آٽي حالتن ۾ بهتري لڦ.

●

---

ڦوڦيندو: ڦلڙو.

## رديف (ق)

ننڍڙي لاڪون هوندو هو جو خطرن سان کيڏڻ جو شوق،
پيريءَ ۾ پڻ آهه اهوئي ينيت تي پڙڪڻ جو شوق.

بي خبرا، اڻ واقف آهن وڻ جي مضبوطيءَ کان هُو،
پو بہ پکين کي هوندو آهي، لامن کي لوڏڻ جو شوق.

منهنجي قاتل جي ڏاڍائي، چالاڪي پڻ آهه عجيب،
سِير وهائي مون تي چئي ٿو: ’هِن کي آ ڦٿڪڻ جو شوق.‘

ڪيسيتائين آکيري ۾ ويهي مان آرام ڪيان؟
گازين جي آڏو آٽي تو اچلائي اُڏرڻ جو شوق.*

مجبوري آ سچ سان ناتي نينهن نيائڻ جو لاچار،
هوننئن نہ تہ هوندو ڪنهن کي آخر سوريءَ تي لٽڪڻ جو شوق.

ڪوشش ۾ آهيان جيئن منهنجو لوح قلم کي هٿ پهچي،
مارن ماٺهن سادن جي آ تقديرن ميٽڻ جو شوق.

راهہ نہ منهنجي روڪي سگهندو، ڪيڏو ڪوبہ لڳائي زور،
آنءُ تہ بادل آهيان راشد! مون کي آ برسڻ جو شوق.

●

---

گازي: گز هڻند

هاءِ فرقت! واءِ فرقت! ٿيو مون کي حاصل، فراق،
چئن ويو آهي رُسي دل ۾ ٿيو داخل، فراق.

اي مٺا محبوب منهنجو جلد ڪر جاني علاج!
هانوَ ۾ وَڍِ ٿا پَون هي زهر آ قاتل، فراق.

هجرتِ جانان ڪري آ هاءِ هي بدحال ٿيو،
ويو عجب سيني اندر پيدا ڪري هلچل، فراق.

ڪونہ تو بازار مان گُذران اڪيون آليون ڪري،
ڪو مٿان چئي ڏئي تہ هن کي ويو ڪري پاڳل، فراق.

دل سچي ناهي، ڪچهري ڪيئن ڪيان، ڪنهن سان مِلي،
ويو ٽُڪر منهنجي ڪري آ درد سان هي دل، فراق.

هاءِ! ڪُن چڪيو، وري اُجلائي تو غم، بحر ۾،
ڪين تو خوشين سندو مون کي ڏئي ساحل، فراق!

دل اسان جي آهہ جنهن هيءَ درد جي نوڪر سَٺي،
ڇا سَهي سگهندو ڪوئي نااهل ۽ جاهل، فراق.

سونَ کي جيئن باهہ آئي، تيئن اُجري ٿيو سُنو،
راشدا! توکي ڪندو هي وصل جي قابل، فراق.

●

ايترو ڏسجي پيو اڄ ڪالهه يارن ۾ فرق،
ڪونہ تو ڪريو سگهان پنهنجن ۽ غيرن ۾ فرق.

سينڍجي ۽ شُوڪجي، ڦُوڪي مِٽون، ڦاڙي اکيون،
اِن طرح وينا جو آيو آ مُهاندڻ ۾ فرق.

اي زمانا! چالبازيون تُنهنجون چاٽون تا اسين،
ياد رک، ايندو نہ ڪو يڪ- سخن مردن ۾ فرق!

ميٺ محبت جي اڳوٽي گفتگو ويندي رهي،
ڪيترو آهي اڳين ۽ هِنن حرفن ۾ فرق.

اڄ اسان تدبير سان تقدير کي ميٽي ڇڏيو،
ڏس تہ آيو آهہ ڇا هاڻي نصيبن ۾ فرق!

ڪيستائين تون ائين پيو رهندين سوچن ۾ غرق،
راشدا! اڄ ڪلهہ ڏسون ٿا تنهنجي شعرن ۾ فرق.

●

بٽيس مان لوهہَ جو ٽُڪرو، چپن تنهنجن ۾ آ چقمق،
اڃان بيوس پيو ڇڪجي ڳٽن تنهنجن ۾ آ چقمق.

ٻُڌڻ سان ٻول ٻاجهارا، ويس گفتار ۾ گم ٿي،
ڪيو تو قيد آ، گفتن مِٺن تَنهنجن ۾ آ چقمق.

پري تو جام آڇيو، هٿ سندم ازخود وڌي آيا،
نہ آهيان پياڪُ اي پيارا! هٿن تنهنجن ۾ آ چقمق،

اها ڪهڙي ڪشش آهي، وڃان تو ويجهڙو ٿيندو!
لِڪل محبوب سمجهان تو، لڱن تنهنجن ۾ آ چقمق.

مٺو آ ساهُ، سُوريءَ تي چڙهڻ سوکو نہ آهي پر،
لَنوائي ڪونہ تو سگهجي، سڏن تُنهنجن ۾ آ چقمق.

وَرائي تو پڙهان ٻيهر ۽ ٿيهر ڇا ڪيان راشدَ!
نظرئي ڪانہ ٿي نڪري، خطن تُنهنجن ۾ آ چقمق.

●

Scanned with CamScanner

## رديف (ڪ)

آه دنيا ۾ دلبر جاني! تنهنجي حُسنِ جي هاڪ،
عيب اسان جي ذات، مگر آ ذات اوهان جي پاڪ.

سيڪاري هن قوم ڪي آهي، تو الفت، تهذيب،
غيرن ۾ پڻ مڙسيءَ سان تو آهه ڄمائي ڌاڪ.

راتيان ڏينهان محنت محنت، الفت محبت ساڻ،
آهه پگهر مُنهن تنهنجي تي ڄڻ آهه گلن تي ماڪ.

جاري رکندو آئين جاني! محبت جو پرچار،
ڏينهن هجي يا رات، هجي اڌ رات يا منجهند ٽاڪ.

تو سان جن تي وير رکيو، اڄ تن جا لڳي ويا ٽاڪ،
تنهنجي همت نيٺ ته ڍانا غير جا ٽالا ٽاڪ.

تنهنجي اڇڻ سان تنهنجي برهه ۾ سيئي ٿيا بيباڪ،
روح جنين جا رهبر سائين! اڳ ۾ ها رولاڪ.

سادو سودو سنڌي هو درويش صفت انسان،
راشد! رات جو پهري آيو پاڻ اڇي پوشاڪ.

سُونهن سنڌ جي آهه سائين، هنڌين ماڳين هاڪ،
عشق اسان واري جي آ پڻ ڌرتيءَ ۾ن تي ڌاڪ.

مال ڦرايو ماروئڙن ڪان آهي ننڍ نياڳ،
ياڳيا منهنجي پونءِ جا پورا، چور ٺيا چالاڪ.

ميريءَ اک ۾ آهه مدائي، صوفيءَ جي دل صاف،
ڪنهن جي لاءِ بُرو ڇو سوچي، جنهن جا جذبا پاڪ!

پاڻ وڏي ملڪيت جا مالڪ، محبت جا انبار،
پيار اسان جي پونجي آهي، الفت آ املاڪ.

ساقي! اڄ اسان جي لاهي سگهندو ڪونه شراب،
وِهُ جا آڻ وٺا جو آهيون، عاشق زهر پياڪ!

جيسين سونهن سهارو بخشي، بيوس ۽ مجبور،
گُهٽبو رهندو ساهه اسان جو، ڇِڪندا رهندا چاڪ.

ڪيڏا غربت گهاءَ ڏئي تي، هاءِ سُڃائي تاڪ!
پنجن ٻارن جون نظرون ۽ گدري جي هِڪ ڦاڪَ!

هڪڙي جاءِ رهي ڪيئن راشد، جوڳين جو هي جوڙ،
وستيءَ وستيءَ پٽڪون پيا ٽا، راتين جا رولاڪ.

●

راهون سڀ آزاد اسان لئہ، ناهي رنڊ نہ روڪ،
ساڙ سڙيا محبت جا دشمن، نيٺ سڙي ٿيا سوڪ.

وڏجي وڏجي، گهٽجي گهٽجي ٿي ويا غير تباهہ،
آهہ تکي تلوار کان يارو! پنهنجي قلمہ جي نوڪ.

ٻن کي ويڙهائڻ جو شيوو هوس ڪيو اختيار،
شيطاني ڪردار تي ڪئي اڄ ٿڪ لعنت آ لوڪ.

برهہَ ٻڌايو بزدل ماڻهن کي آ بيپرواهہ،
شوق انهن کي شينهن ڪيو جي ڊڄندا ها ڊرپوڪ.

فاتح هاڻ 'اصيل' ٿيا هِن، پئي ٻجڙن ۾ ياڄ،
نيٺ ختمہ ٿي ويئي آخر ٽرڙن جي هر ٽوڪ.

شاهہ عنايت سائي آهي ماڻينداسين مؤج،
ڏاڍ نہ وڻندو ڏن اي راشد! جاڳي پئي آ جهوڪ.

●

Scanned with CamScanner

## رديف (ک)

وڏو پيار مان جو پري يار ٻک،
مليو جڻ تہ مون کي مُرادن جو لک.

جوانيءَ ۾ هر شيءِ ڪَدي تي حُسن،
اڙي ڪوئلا! تون گهڙي کن تہ بَکُ.

خبر دوستن جي پَوئي اي ادا!
مزو مون جيان تون سُڃائيءَ جو چک.

نہ ڪنهن يار کي ڪي ميارون ڏبيون،
اهي سُور دل جا سيئي دل ۾ رک.

پيا راشدا! پاڻ بيهوش هون،
سِنگهي عشق وارو ويو آهي ڪَک.

●

ڏيهہ ڇڏي پرڏيهہ وسايم، ٻيو تہ نہ آهي ڏک"
پر پيارا پرديس ۾ ڪونهي، تنهنجي ٻک جو سُک.

جان جلائي جوانُ هجي ڪو جوت پَسي سڀ جڳ،
جوڙ جهانَ جي جوڙڻ خاطر منهنجا جيئڙا جُک!

چوندا دنيا جون سهڻيون چيزون تو تان سڀ قربان،
مور مٿا ماٺهو تون آهين، محبوبن جو مُک!

ظاهر ڀل تہ ذرو نہ ڪري شل مَنَ ۾ ڪري محسوس!
دل ۾ دلبر جي تہ گهڙي ڪن، خيال اسان جا ڪُکُ.

ٻنهي آخر ٻنهي آهي، هجرن جو ٻہ تہ موتُ،
درد پريتَ جا، راشد جي دل ۾ تون دمر دمر دُکُ.

●

آئين نہ چو انجام تي، هڪڙو ٻہ اکر لک،
پرديس ڏي احوال ڪو منظورِ نظر لک!

بلبل جيئي گل لاءِ تہ مان تنهنجي خطن لئہ،
آ انتظار يار! ڪو احوال اپر لک.

پرديس ۾ آهيم رڳو تانگهہ توهان جي،
ڪو ديس جو احوال مٺا زير و زبر لک!

خوش باش هجين شال! خوشيءَ خير خبر لک،
ڪيئن ٿو مٺا تنهنجو ٿئي اوقات بسر لک!

اڌ آهہ ملاقات، سڄڻ خط ٻہ چون ٿا،
ڏکيا ٿو گذارين يا پرين ڏينهن سکر، لک.

مون کان جي خطا ٿي تہ اها معاف ڪري ڇڏ،
احوال اگر مان نہ لکان تون تہ مگر لک!

خط تنهنجو قربدار آ راشد جي حياتي،
دم ٿو وڃي دلدار تون دم دير نہ ڪر، لک!

●

وٺي ڪاڏو مون کي ڪاٿي، مون کي ديدار جي آ بُکَ،
نہ مانيءَ جي نہ پاڻيءَ جي، رڳو ٿي پيار جي آ بک.

نہ طعامن جي تراوت ساڻ آهي چاهہ ڪو منهنجو،
اسان پارن فقيرن کي تنهنجي اقرار جي آ بُک.

سَوا لاليءَ جي لب ڳاڙها، ڪجل ريءَ ٿي اکيون ڪاريون،
چوي ٿو ڪير، منهنجي يار کي سينگارجي آ بک.

مکر ڪؤنروءَ کي ڪم آيو، ڦُريائين ڪانڌ ليلان کان،
هوندئن تہ ليلان کي ريءَ ور جي، نہ ڪائي هار جي آ بک.

نہ آڇيو طعام راشد کي نہ ڪائيندو سوا هُن جي،
سڄڻ جي مُنهن ڏسڻ تائين دل بِيمار جي آ بک.

●

Scanned with CamScanner

مان توبهہ زاري ڪونہ ڪندس، تون زور ظلم کي زنده رک!
مان قيدي تنهنجي قيد سندو، صياد، ستم کي زنده رک!

ڪيڏو بہ اچي دل ۾ ڦيرو، پر ظاهر ۾ پيرو نہ پيو،
جي راز نہ آهي روح سندو، تہ بہ راڄ رسم کي زنده رک.

اڄ انسانيت اجارڻ ڪارڻ، سوچون، ٿي ساٿي گڏجي،
مان پنهنجي عقيدي تي پورو، تون پنهنجي ڌرم کي زنده رک.

آ پرت وڏائڻ سان وڌندي، ڪُٽندي تہ نڪرندو ڏيوالو،
جا سيڙايئي سِڪ جي مُوڙي، تنهن پنهنجي رقم کي زنده رک.

ڪجهہ ياد ڪرين تہ چڱو آهي، الفت نہ سهي، نفرت سان ئي،
پِٽَ پاراتو، غربت جي گلا، اِن قرب ڪرم کي زنده رک.

هونئن تون تہ گهٽو ئي هيٺو، پر سچ لکڻ ۾ ٻيٺو ٽيٺو آن،
جو قوم جي ڪم جو آ راشد! ان پنهنجي قلم کي زنده رک.

●

# رديف (گ)

هاءِ زمانا! تنهنجا ڦيرا، واه زمانا تنهنجا ڍنگ!
ڪڏهن گدا کي شاهہ ڪرين ٿو، ڪڏهن ڪرين ٿو شاهہ، ملنگ.

تات ادب جي جاتي هئي، اُت ڳالهہ آ ڪات ڪهاڙي جي،
شرفاءِ شهر جي جاين تي ڏس! پيدا ٿي پيا اڄ اڙٻنگ.

محبت ويئي ماڻهن مان، اڄ ڪلفت، وير، ڪروڌ گهڻو،
ذڪر فڪر جي ڳالهہ جتي هئي، اُتي آ ڏنڊو ڪونڊو ۽ پنگ.

چوريءَ کي ناموس ٿا سمجهن، رات نہ خالي ڪڏهن ٿئي،
اڄيون ڪُهاڙيون، شهپر وٽيل، ڇڏيو وتن گهر گهاٽ ۽ ننگ.

هيٺي تي ڪاوڙ آ سڀ جي، ڏاڍي سان ڪو ڪُڇندو ڪونہ،
شاعر جي دل منجهہ لڳن ٿا، ظلم ڏسي پيا ڏک جا ڏنگ.

اهڙو ڪوئي واءُ وري، جو آمر جابر ٿئي برباد،
ڏاڍ غريبن سان ڏسي پيا اُيرن ٿا غم، درد، امنگ.

گهوڙن کي گهر ڏور نہ آهن، چاڻ رسيا جي ڪشيا تنگ،
رات نہ رهبي يارن وٽ جو پوک چڏيءَ جا دنبا سنگ.

هيئن چو ٿيو آ، هونئن چو ٿيو آ، هر ڪنهن مان ٿو عيب ڪڍين،
ڪجھ پچڻ جي ڪار نہ آ، چپ چاپ ڪري ڏِسُ راشد! رنگ.

●

”سنڌڙيءَ تي ڪو سرڙو ڏيندو؟“ چارڻ چوريو چنگ.
ڪوئي آهي سِرُ ڏئي لاهي، ٿي نروار نسنگ!

مُلڪ سڄو منصور ٿيو آ، ڪُهندين ڪهڙا جوان،
هر ڪنهن سنڌيءَ جي دل ۾ آ اُڀريو هاڻ امنگ.

هرڪو سِر هوشو ٿي پيو آ، هرڪو آ هوشيار،
دودو، دريا خان ڏسي ٿيا دنيا وارا دنگ.

جوش پريا طوفان اُٿي پيا، ايندو آڏو ڪير؟
باز ڪري پرواز جتي، ات ڪيئن ڪو ايندو ڪنگ.

جي ٿيندا بدخواه اسان جا، تن جا ڪيبا لاهه،
سنڌين جي تہ سڄاڳيءَ سان جي ظالم رکندا زنگ.

مُلڪ اسان جو ننڍڙو آ، پر ننڍڙو آهہ وڇُون،
نيٺ پَتو پوندو توکي جو هِن جو لڳندءِ ڏنگ.

توسان ياري خوب نڀايم، پر تو رکيو غير،
سُنگ اوهان جو ڇڏي ڏنو مون، هي آ سنگ، ڪُسنگ.

جُهولي جهنڊو سنڌ سندو جيئن، جهومي ٿيئن انگ انگ،
ڪوڙيو اٿئون راشد! ريٽي رت جو ڏيئي رنگ.

●

Scanned with CamScanner

ڪاڏي وئي چيلن جي چانگ؟
مارئيءَ ڪان پوءِ تر پڙيانگ.

ناس هڙيئي ٿيندا نانگ،
ڏاڏا! ڦيري ڏس تون ڏانگ.

گهورن پيا سنڌ دشمن جي،
لاشي ڏانهن ڳجهون ۽ ڪانگ.

ساهيءَ ڪان پَو هلڻو آهه،
ٻُڌندي يارَ ڀڀهريءَ ٻانگ.

مقصد پنهنجو آهه عظيم،
سَٽڻا پوندا سيئي سانگ.

سات سڏي تو راشد! تيءُ،
بورَ تي سُوار وَرائي لانگ.

●

## رديف (ڳ)

ڀاڳ ڀريا آهيون اي يارو، واھ اسان جا ڀاڳ!
ڪاڄ ڪچي ۾ روز ٽين تا، در در ديڳيون، داڳ.

لاڙ ڪان پيهون آيا، چانور پار ڪان آيا جام،
اڏ مڻ وَهَہ جو چڙي رهي آ، هر هڪ قنڌر لاڳ.

صد شڪرانا! شاعر جي دل ڪي اڄ آھ سڪون،
ڀائر ڀائن ساڻ نهي ويا ڏور ٿيا ڪٽراڳ.

اڄ ٿيا مڱڻا، سياڻ پرڻا، نيٺ ٿين اولاد،
ڇمندا پٽڙا، سهڻا منڙا، وٺندا ڪدڙا لاڳ.

پاڻي چڙهيو، ٻوڏون ٽيون، ٿيا خوش مارو ۽ مال،
آبادي ٿي چئني پاسي، ڏُور ڏسڙ ۽ ڏاڳ.

غفلت جي آغوش مان اٿيا، ڳوٺ جا هاري هاڻ،
’جُوڻالي‘ جا جانب جاڳي ٿيا سڀ فرد سجاڳ.

دعوت آهي دل وارن جي آيا دلبر يار،
دريا شاھ جي ڪپ تي ويهي ڳايون وڻا راڳ.

جهانگي جهومي جهومي راشد! وڻا پيار ونڊينِ،
محبوبن سان ميلا ٿي ويا، وسيا منهنجا ماڳ.

●

---

جُوڻالو: راشد مورائيءَ جي جنم يومي، ڳوٺ

موٽي آءُ وطن تي مٺڙا! موسم جي منجهه ڪان اڳ!
آءُ تہ جسمن کي گرمايون، سرديءَ ۾ سنجهه ڪان اڳ!

ڏيهي جي پرڏيهہ ويا هِن، ڪاش سندن ديدار ٿئي!
شال نہ پوري ٿيمِ، حياتي، درد هجر گهٽجهه ڪان اڳ!

جانب لاءِ جنازو منهنجو، ترسائي رکجو اي يار!
من ڪو ڪيس ميت تي آڻي، لاش منهنجو لٽجهه ڪان اڳ.

سُست نہ ڪو سڏ ورنائين ٿو، نينڊي توکي ننڊ وتو!
ڇا مان ڇا تي ويندي دنيا، تُنهنجي اک پٽجهه ڪان اڳ.

سونهن سندءِ تي سرس وئي آ، ايڏو تون ناراض نہ ٿي!
ڌاڙهونءَ ڪڻ جهڙا ڪاتي ها، چپ تنهنجا چٽجهه ڪان اڳ؟

ڪيڏا ڪيس ڪيا تو هوندا، تيز نظر جا وار ڪري،
ٻڙڇي هيءَ ڪاتي هئي منهنجي سيني تي سٽجهه ڪان اڳ.

شدت پيدا ٿيندي آهي، زخمي شينهن جي حملن ۾،
ايڏو تيز ڪٽي تي لڙيو، شير ببر ڦٽجهه ڪان اڳ.

راشد جي سر اُوچي بابت نيٺ نجومين ڪان پڇيئون،
ڪاٽي جهڪندو ڪونہ، چيائون ڪنڌ اهو ڪٽجهه ڪان اڳ.

●

Scanned with CamScanner

پاڇي جيان تُنهنجي پٺيان آ ڪير لڳو لڳ،
ڏئي پير تيَ هُو پيو تو هلي پير لڳو لڳ.

بدنظر ڪان محفوظ هجين شال هميشه!
مان دُعاڳو ڪيان تو سان هُجي خير لڳو لڳ.

انجام تي اڌ رات وڃي تي پئي چوهِي،
پر آهه ڪُهاڙيءَ سان پٺيان ڏير لڳو لڳ.

سو ياڻ ڪَتو، جو هئو ديدار جو رستو،
گهرَ ساڻ تہ گوريءَ جي هئو ڍيرُ لڳو لڳ.

ڊڄ ڪين وڏيرا! توکي پهچي نہ سگهي تو،
خنزيرَ پٺيان آهہ جو ڏقير لڳو لڳ.

محبوب هوا باز کي پيغام ڏيڻ لئہ،
تَرندو تو هوا ۾ هُو وڃي طيرُ لڳو لڳ.*

رفتار ۾ آ فيل تہ منجهہ چيلهہ اسد آ،
هاٿيءَ سان هڪ ئي جاءِ تي آ شير لڳو لڳ.

مَن مان جي ڪڏين ميرُ تہ راشد ڏي هلي آ،
دل صاف سان ڪيئن تي تو سگهي غير لڳو لڳ.

●

* طيرُ: پکي.

## رديف (گهہ)

ڪيو بند منهنجو تہ اغيار لنگهہُ،
منهنجي در جي آڏو تون دلدار لنگهہ!

اسان جو اوهان وٽ اچڻ بند ٿيو،
اچان ڪئن ٻڌائج ڳجهو يار لنگهہ!

ڏسي توکي خوش ٿي ڪيان ڪم وڃي،
اڳيان منهنجي محبوب منٺار، لنگهہ!

اوهان جي گهٽيءَ ۾ اچان جي نہ تو،
تون منهنجي ڳليءَ مان تہ هر بار لنگهہ.

ٺري سينو توکي ڏسي دلربا!
ڪري سرس سهڻا، تون سينگار، لنگهہ!

قدم وڃ گهُمائي منهنجي در اڳيان،
ٺرن دل اسان جيءَ تان اوٺار، لنگهہ.

سڏي راهہ راشد! اهائي اٿئي،
وٺايو جو توکي پرينِ پيار، لنگهہ.

●

ڪري نيڻ ڪيرا، نظارن جي سگهہ،
ڏني آ اسان، سونهن وارن جي سگهہ.

ستارن جي ٿي وئي، جَهڪي روشني،
اڳيان چنڊ جي کهڙي تارن جي سگهہ.

وجي روح ڇڪجي تو رخسار ڏي،
ڪشش تي ڪري گلعذارن جي سگهہ.

ٻُڌا سگهہ ۾ ڪيترا ڳوٺ ها،
ڏٺم واهَہ جي واهُہ گهارن جي سگهہ.

دريا ڀيرون ڏيندو، ڪيرائي ڀِڪون،
نہ ٿي ڪاڏِ روڪي، ڪنارن جي سگهہ.

ڀِڄائي رڪج رات جو ڪير ۾،
صبح ڪاءِ، ڏس! نر ڇُهارن جي سگهہ.

سوين مَتَ سَڪٽا ٿيا مئي سندا،
ڏسي ويئي موڪي، متارن جي سگهہ.

ڇڪيندا هي مَڇ ڪي، ڇيو مورڙي،
سُجهيس ٿي پئي سانن ڀٽارن جي سگهہ.

سڄي سنڌ ذهني طرح ٿي سجاڳ،
ڏٺي راشدا! ’شاهہ‘ پارن جي سگهہ.

●

## رديف (گ)

ڏاڍا وٺن ٿا مون کي تنھنجا قربدار لگ،
کاندارجي وجن ٿا ڏسڻ ساڻ وار، لگ.

لگ يار جا عجيب ڏسڻ ۾ اچن پيا،
ھوندا ڏٺا دنيا ۾ اسان ٻي ھزار لگ.

آئين جو روبرو تون پرين! رعب تاب سان،
وھواھ وٺي ويا ھي سنڌءِ پُروقار لگ!

ويجھو نہ ٿو وھين متا! ڪنڊا لڳن ٿا ڇا؟
توکي نتا وٺن جو منھنجا خاردار لگ.

ھن عشق جي تپش سندو ڪھڙو ڪجي بيان؟
ڪمزور جڏھن ڪري ڇڏيا منھنجا بخار، لگ.

پوري طرح باقاعدي ٻت کي ڏکي ھلو،
دلبر! ھي بد نظر نہ ڏسن نابڪار، لگ.

ناپائدار ڪيئن سھن ستم، سختيون،
راشد جا اي سڄڻ! ھي اٿئي پائدار لگ.

●

Scanned with CamScanner

ڳنديم جو خوشيءَ سان هلي هاڻ سگ،
ڇني سو ڇڏيان ڇو ۽ ڇاڪاڻ سگ!

ڀلاري اها ڀونءِ آهي ڀلي،
ڇگو تيو ڀنائيءَ سندي ڀاڻ سگ.

تڪو واءُ ڇولين کي ڇوهو ڪري،
ڇني شل نه موجن ڪان مهراڻ سگ.

ڇيو راڄ وارن پرينءَ کي ڏسي،
اهو آهه خوبين سندي کاڻ، سگ.

گلن ساڻ سنگ تيو سنو تيو سنو،
ڪري مون ۾ پيدا ويو سرهاڻ، سگ.

عُمر ڀر جو رشتو آ راشد، نباهه!
ڪيو توئي ڀهريان ڪدي ڪاڻ، سگ.

●

## رديف (ل)

مون تہ ناهي رکيو تو لئہ آهي محل،
تي نہ منهنجي پرين دل منجهان بيدخل!

چال هرڻيءَ جيان ڏئي اچي تو پرين،
نيڻ هن جا ڏسي مان لکان تو غزل،

چو نہ ڏسندڙ سَندو وات پاڻي ٿئي،
ڳلُ تنهنجو پرين انبُ پالي پکل.

سونهن سيکارِيو آ علم ۽ عمل،
عشق ان جي منجهان روح آهي رتل.

ماڳ رسندو وجي آ ارادو اٽل،
او مسافر! اجا پنڌ آهي ڳپل.

ڪين سڌڙيا لتاڙي سگهن ٿا ٽَڪَرُ،
سوچَ سگهي ڪُني، ذهن جن جو ٽڪل.

آنءُ ويندس اڳي، جاءِ ڏيندو جبل.
جوش ڏياري پيو جنگ جو تو طبل.

سات ڏيئي هُو راشد! وتيو ٿا هلن.
هڪ هٿ ڪان پٽائي، ٻئي ڪان سچل.

●

Scanned with CamScanner

تنهنجو پيار تي ويو عقيدن ۾ شامل،
ڪري ڇڏ اسان کي مُريدن ۾ شامل.

سندس شانَ ۾ تي تئي شعر گوئي،
ذڪر يار جو تيو قصيدن ۾ شامل.

جنهن جي عشق ۾ آنءُ ڪافر تيس تي،
ڪيو تنهن ئي مون کي شهيدن ۾ شامل.

غلاظت ڀريون هِن غليظن جون ڳالهيون،
تئين چو تو اهڙن پليدن ۾ شامل؟

ٿيون ڪيئن تا مالن مليدن ۾ شامل،
اسان ناهيون اشخاص چيدن ۾ شامل.

سدا ڳاٽ اوچو رکيو آهه راشد،
نہ ٿياسين ڪڏهن سرَ خميدن ۾ شامل.

●

Scanned with CamScanner

بحث آ بيواجبي، هي بحث آهي بي حصول،
ڪر ڪٿي هڪوار دلبر منهنجي محبت کي قبول!

پئونر جي الفت کان ڪڏهين گل ڪيو انڪار ناهه،
آ پتنگن لئہ جلڻ، ناهيو شمع پنهنجو اصول.

گل سٺا، ميوا مٺا ڏئي باغبان کي باغ نيٺ،
وڻ بہ ڏس ڪنهن جي وڃائن ڪين ٿا محنت فضول!

ساٿ ڏي مون سان تہ ڪريون مُلڪ ۾ ميئاج عام،
رَسُ ملي مکِ کي تہ تيندي راڄ کي ماکي وصول.

دل جو آئينو پچين تو، پاڻ کي ڏسندين بہ ڪيئن؟
مان بہ ٿي بيچئن ويندس، تون بہ ٿي ويندين مَلول.

فرشتا ناهيون جو غلطين کان هُجون بئي پاڪ صاف،
تون بہ ڪجهہ ضد تان لهي پئہ! مان بہ بدلايان اصول.

●

سجڻ سُورن ۾ ويو آهي سَٽي دل،
دلربا درد ڏئي ويو آ ڦٽي دل.

پيارل پيار پهريان ڏئي وري پو،
محب مون کان ويو آهي مَٽي دل.

لڳائي بِرهه جي مون سان بازي،
ويو مون کان خوشيءَ سان هُو کٽي دل.

سنم صدما ۽ سختيون، سُور ليڪن،
محبّت کان نٽي هرگز هٽي دل.

دلربا درد سان پرپور آهي،
پرين پڪ لئه اچي ڏس! تون پٽي دل.

روئي راشد پيو تو رحم ڪريو،
جڏهن جانب وتي آ تو جهٽي دل.

●

Scanned with CamScanner

هٿ منجهہ اُگهاڙي ڪري تلوار اُٿي هل!
اي نوجوان! مُلڪ جا معمار اُٿي هل!

دم دوست نہ ڪر دير، جي دشمن تو دٻائي،
غالب تي مٿان غير جي غمٿار اُٿي هل!

سُورهيہ تون سچو سنڌ جو، ڏيکارِ سچائي،
تي ننڊ مان غفلت سندي، بيدار اٿي هل!

ڪم فهم ڪميڻو پيو ڪمزور تو سمجهي،
تون سنڌ جو نعرو هڻي نروار اُٿي هل!

هوشوءَ جيان ڪر هوش، مرين، مُلڪ نہ ڇڏجان،
ڪَرُ هيٺ نہ ڪر حق جا طلبگار اُٿي هل!

تو جيڏا تنهنجا يار تنهنجي راھہ نهارن،
هُو جنگ ۾ جهيڙينِ ٿا جُهونجار اُٿي هل!

دودي ۽ دريا خان جي هِن ديس جا دودا!
ڏِسُ! وڻ تي وڌي ويا وري اغيار اٿي هل!

هِن پونءِ تي قربان ٿين ياڳ پليرا،
اي راشدا! سڏيو اٿئي سالار اٿي هل!

●

ڪونہ پوندو پرت ۾ پنهنجي خلل،
اي پرين پيارا! ارادو آ اٽل.

جيڪڏهن فرهاد هٿ ٽيڪم هجي،
ڪيئن ڀلا پوراهہ روڪيندو جبل!

آنءُ مومن ڪيئن سهان جُٺ هيتري،
ڪافرن جو وات، تنهنجو پاڪ ڳل.

ڪو مسئلو ناهہ جنهن جو ناهہ حل،
علم وارو جي نہ آهي بي عمل.

ڍنڍ دل جي اڄ اگر ويران آهہ،
هٿ سياڻي ئي ٽڙي پوندو ڪنول.

جيڪڏهن نقصان ٿيو رڱٿو نہ آ،
محنتن سان ٿو ملي نعم البدل.

آهہ دانائي انهيءَ ۾ دوستو!
راشدا! ڇڏجي ڪٿي ميڙو مٿل.

●

جُدائيءَ جو ستم مون جيئن سهي ڪائي نہ ٻي دل،
ڪٿون ٿا بار هي سِر تي اسان جي آ وڏي دل.

ڪري آزاد ڇڏ صيّاد، هي دل جي تہ بلبل،
ستمگر! قيد تو قابو ڪري ڇڏيو پڪي دل.

هتي تنها ٿيو برباد آهي حال دل جو،
وري موٽي ڪري ڦيرو مٺا! تون ڏسُ اچي دل.

سوالي آهيان مان در سمنڊ جو خير گهُرجي،
وٺڻ آيس اگر ڏين تا ڪٿي ڏي اي سخي، دل!

منهنجي هن حال تي جن غور فرمايو چون سي،
اوهان جي آهہ سيني ۾ اي راشد! شير جي دل.

●

ٻاٻاڻن کي گھرجي پل،
اڄ اڄ، ساٿي گڏجي هل!

تون بہ ڪُميت ڪُڏائي آءُ!
مون بہ رکيو سُرخي تي تَلُ.

ڪجھہ تہ ڇڏي وڃ نيڪي ناءُ،
آيو آيو چاڻ اجل.

هي ڌرتي آ جيجل ماءُ،
غيرن جو سھبو نہ دخل.

چاڻ هِتي آيو طوفان،
تيز عملَ ڙي تيز عمل!

هلڻو آھہ تہ هاڻي هل!
توڙي آهي ڏينھن تتل.

هر حالت ۾ تون پَڪ چاڻ،
راشد کي ڏسندين نہ ٽڪل.

●

ڏس تہ گھٽيءَ ۾ ڪيڏو ٿي ويو آ گھمسانُ ڪلال!
ديوانا ٿئي در تي آيا، کول دڪان ڪلال!

پرھ جي پياڪن کي ڪو در کان روڪي سگھندو ڏُور،
ڇو بيھاريو اٿئي در تي ھي دربان، ڪلال!

دروازي کي کولي اندر ڪر ھڙئي ھمراھ،
پيار ڪرڻ جي ڏوھ ۾ سيئي ڪر چالان، ڪلال!

گند گرا ھونداسون پوءِ بہ تنھنجي گس تي گام،
عيب اسان جا ڦول نہ، ڏس تون پنھنجو شان ڪلال!

ھرڪو جوان پيو واجھائي، پر پٺمان ڪلال!
مئخاني ۾ مھمانن کي ڏي تون مان، ڪلال!

راشد پارن يارن کي تون ڪين ڪجان مايوس،
ماريو بيٺا آھن جيڪي ھر ميدان، ڪلال!

●

# رديف (لهہ)

آنءَ ڪيان تو اُتندي وهندي، انساني قدرن جي ڳالهہ،
تو وٽ آهي وحشي ماڻهو! حيواني جذبن جي ڳالهہ.

سُونهن پکيڙڻ آيا آهيون، سونهن پکيڙي وڃڻو آهہ،
اُن جي لاءِ اسان وٽ آهي، سونهن پرين سهڻن جي ڳالهہ.

دهل پرائي احمق نچندو، ڊينگهر تي نہ اٿو اُڇلاءِ!
تون ڌارين جي دَلبي تي آن، مون وٽ آ پنهنجن جي ڳالهہ!

تو وٽ پيڙيندڙ طبقي جي، ميرن ۽ پيرن جي ڳالهہ،
مون وٽ پيڙيل پنگين، موچين، حجمن ۽ لُهرن جي ڳالهہ.

هاءِ وڏيرا! واچون تيزيئي جي نِڪتي جسمن جي ڳالهہ.
اُلٽي آيئي مون ڪٺي جذهين، رُوحن ۽ ذهنن جي ڳالهہ!

درد ٻُڌايان دل وارن کي بيدردن کي ڪهڙي ڄاڻ!
اڄ تہ پرين مان تو سان اوريان، ڪا دل جي زخمن جي ڳالهہ!

تو وٽ ليمن، انبن، صوفن، زيتونن، ڪيلن جي ڳالهہ،
مون وٽ ڪبڙن، پيرن جي ۽ ڏيلهن ۽ ڏئونرن جي ڳالهہ.

جڏهن بہ نڪتي ڪنهن محفل ۾ ڪا سهڻن سخنن جي ڳالهہ،
شعر شمار اسان جا هوندا، شاعر جي غزلن جي ڳالهہ.

راشد جي روئڻ جو ذڪر پُلجي بہ ڪنديءَ تي ڪين ڪجانءِ!
شرم ڪان دريا سُڪندو ويندو، جي نڪتي لڙڪن جي ڳالهہ.

●

•

آزادي آئي ٻي ڳالهہ،
سنڌ جي سرهائي ٻي ڳالهہ!

ڳالهير هِت تي هڪڙي ڳالهہ،
هُت تو پهچائي ٻي ڳالهہ.

هونٺن تہ گلابي گل ٻہ حسين،
لب جي لالائي ٻي ڳالهہ!

ماٺ نہ تي، گهٻراهٽ لاهہ!
چئي ڏي، چؤ! ڪائي ٻي ڳالهہ.

پيار سوا سيئي بڪواس،
ڏُوڙ، مٽي، ڇائي ٻي ڳالهہ.

شعر لکڻ کو اوکو ناهہ،
خيال جي گهرائي ٻي ڳالهہ.

مارئي ٻي ڪا تيندي ڪانہ،
ترواسي مائي ٻي ڳالهہ!

چاق نہ آهيان سچ پچ آنءُ،
تو دل پرپائي ٻي ڳالهہ.

عاشق موري ۾ هِن ڪوڙ،
راشد مورائي ٻي ڳالهہ!

●

Scanned with CamScanner

## رديف (م)

پيٽ پنهنجي لئہ ڳيي جي ڪانہ تي ڳولا ڪيم،
پنهنجي مقصد لاءِ ڪوشش ڏوَ بنا ڏولا ڪيم!

جيئن لڳي لُڪ تئن وڌي وڪ، پير ڪو پٺتي نہ پيو،
ديس جي سُک لاءِ ئي برسر جَهڪون، جهولا ڪيم.

سُرت جي سبقن پڙهڻ سان ذهن ساماڻا سوين،
انقلابي سوچ ڏيئي تيار ڪئين ٽولا ڪيم.

آڙ ۾ اسلام جي پيرن، ملن پئي تي ٺريا،
پائرن ڪان هڙ پيجي، سڀ ڏور پوَ پولا ڪيم.

موت مارڻ لئہ وڌيو هو، موت کي ماري چڙيم،
سورهين ساٿين سنڌين لئہ سڀ سبب سولا ڪيم.

حُسن کي هنج تي کڻي مون عشق جي آندو اڳيان،
پيار ٿيو پڌرو جو پاسي عام تان اولا ڪيم.

قرب جا ڪارب گهڙي، سيرت جي سانچي ۾ وجهي،
ڊول ۾ ڊولائتا ڪئين ذهن بي ڊولا ڪيم.

راشدا! منصور ڪان هِن دؤر تائين اي ادا،
جيترين صديون ختم ٿيون، اوترا چولا ڪيم.

●

موٽي مُند بهار جي آئي، مست ٿيون دليون مغموم،
واهِ وصل جو وريو دلڙي! تون بہ خوشين ۾ خوش ٿي جهُوم!

پيار جي نظرن ساڻ ڏسن ٿا يار، عجيب متو آ ميل،
هنج ۾ هڪڙو آهہ حسين ۽ پر ۾ محبوبن جو هُجوم.

ڏُور ڏکاري غيرن کي هُو قرب مان آيو آهہ قريب،
جن کي اڳ ۾ ويجهو هو سي هاڻ رقيب رهيا محروم.

مُنجهيل جو محبوب ڏٺو، لب لال چُريا، فرمايو يار،
پاڻ ڪڏون چو ڪاڻ ڪنهين جي، پنهنجي محبت آ معصوم.

سال نئون، احوال نئون، هت حال نئون، نت نئون آ خيال،
ميڻ ٿيو محبوب اُهو جو هوندو، هو اڳ شوخ ۽ شوم.

راشد راز ۾ آهيون ٻيئي، هُو ۽ مان لازم ملزوم،
مان بيمارُ تہ هُو آ حڪيم ۽ هُو آ حاڪم مان محڪوم.

●

Scanned with CamScanner

مون وقت سجايو گهاريو آهي، نيڪ دلي جذبن جو قسم!
آ سُونهن سان روح وِرونهن رڳو، دنيا جي سين سهڻن جو قسم!

ڀرپور سهارو حاصل آهي، سِڪڻو تيندس ڇا جي لئہ،
مون چيز پرائي ڪانہ تڪي آ، مون کي تنهنجي نيڻن جو قسم!

ماٺهن تہ الائي ڇا سمجهيو، پر تون بہ ميار ڏئي وينين،
مان مقصد کان تِرُ يي نہ هٽيس، محبوب سنڌءِ مهڻن جو قسم!

جي مون کي شڪار ڪرڻ آيا، مون تن کي شڪار ڪيو آهي،
مان آهيان زخمي شينهن ڀرين! آ تنهنجي پرُن پالن جو قسم.

تو جو بہ ڏنو، مون جهول جهلي، مون سيني تي سَوَ تير سَنا،
جي گز اجلايا گفتن جا تو گازي! انهن گلڙن جو قسم!

ڪن پنهنجن پيڪڙ پاتا هِن، نہ تہ راشد! پختا ناتا هِن،
مان زنجيرن کان ڪونہ ڊنس، سچ پچ تہ سنڌءِ زلفن جو قسم.

●

Scanned with CamScanner

چا لئہ تون آهين گمر سمر؟
اٽ ۽ مون سان گڏجي گهمر!

تيسين پنهنجي چاڻ هلاءِ!
جيسين خبرون ڏِئي معلمر.

انسانيت زنده باد،
فرق مٽايو همر ۽ تمر.

ڏوهن کان انڪار نہ ڪر،
پيار ڪرڻ، جي آهہ جرمر.

مسجد يا مندر نہ ڏنمر،
سونهن کي سجدو روز ڪيمر.

جنهن جنهن ۾ ڪا سمجهہ هئي،
تنهن تنهن سان پئي سات ڏنمر.

جيڪو مصريءَ جهڙو هو،
سو اڄ جهڙو لوڻ لڳمر.

جنهن دلبر کان درد مليمر،
شان ۾ ان جي شعر چيمر.

باک ڦٽي، جنهن برڪت سان،
راشد، روشن رخ کي چُمر!

●

پاڻ کي هلڪو ڪُيم ۽ يار کي ڳورو ڪيم،
عشق ۾ مون کان پڇو: ڇا ڇا ڪيم ۽ ڇو ڪيم!

دل پکيءَ جي چوڻ تي تا، تر سندو داڻو چڳان،
زلفْ جي ڦاهيءَ ۾ پاڻهئي پاڻ کي سوگهو ڪيم.

ڪيس ڇاهي، ڇو ته مون پنهنجي عزت نيلام ڪئي،
بار بَديُن جو ڳرو برسر بجا بوجو ڪيم.

دل ڏني مون بي بها ۽ درد مليو لا دوا،
سور سوِ صدما سنم، تي سرن جو سودو ڪيم.

ساڻ سک ڏئي ڪين سگهيا، سيگهه ۾ تي ويا جدا،
سور تي ويا سنگتي جو نينهن سان ناتو ڪيم.

هوڏ ڪئي دل جي حڪومت تي اچي جو ٻن ڄڻن،
عقل کي تيلها ڏنم ۽ عشق البيلو ڪيم.

راشدا، سمجهيم نتي اگ ۾، ته سِک سُتري نه آ،
عُمر جو رستو هئو، سوکو ڪٽي اوکو ڪيم.

●

ڪهڙا ڦاهيءَ چاڙهيندين ۽ ڪهڙا ڪندين ڦتلام،
مان هڪ ڏوهي ناهيان هِت آ هر ڪنهن تي الزام!

قيامت ايندي، دنيا ٿيندي هڪ ئي وقت تباه،
اهڙي وائي ڪڍ نہ واتان دوست نماءِ شام.

توکي ٿئي تڪليف، تہ ٿيندي مُنهنجي ننڊ حرام،
چاهيان ٿو تہ هُجي من! تُنهنجي منهن تي مُرڪ مدام.

هونئن تہ هوندو آهي تنهنجي گفتن ۾ گلقند،
مٺڙا ماڻهو، اڄ ڇو آهين ايڏو تيز ڪلام!

جنهن جنهن ماڻهوءَ آهِ بنايو پنهنجو عشق امام،
تنهن تنهن خام خوديءَ کي ٽِڏيو، هستي هوڏ حرام.

راشد رات لکيو آ ويهي پيار سندو پيغام،
صبح ٿيو آ هاڻ ڪبوتر، ڪڻ هي خط، اُڏام!

●

## رديف (ڻ)

گذر تيا زندگيءَ جا ڏاڍا حسين لمحا ٽڪڙ ٽڪڙ ٿي.
ڪيان تو توکان نہ موڪلائي سميٽي جذبا ٽڪڙ ٽڪڙ ٿي!

پرين پريشان ڪن ٿا مون کي، انيڪ خدشا ءِ وهم دل جا،
وري الائي ڪڏهن ملڻ ٿئي، ٻہ چار بوسا ٽڪڙ ٽڪڙ ٿي!

ڏئي نہ ويساند وقت ظالم، گهڙي ٻہ ضايع نہ ڪر اجائي!
ٻہ ٻول پنهنجا ٻڌاءِ ۽ ٻُڌ ٻہ گفتا منهنجا ٽڪڙ ٽڪڙ ٿي!

سفر جو توشو ڪيئن سائين! سهارو مرڪن جي ياد هوندي،
سگهو ٽون مرڪي نهار مون ڏنهن، ڏي ٿهڪ ملڪا ٽڪڙ ٽڪڙ ٿي!

هلي آ مون ساڻ پاءِ پاڪر، ملاءِ سيني سان ماڻ سينو!
ٻڌي وڃون هڪ ٻئي جي جاني! دلين جا ڌڪا ٽڪڙ ٽڪڙ ٿي.

ٻڌين نہ ٻڌ غور سان هي جملا، وري پو ورجاءِ آهہ مشڪل،
متان پو سوچين نہ يار راشدُ، چئي ويو ڇا ٽڪڙ ٽڪڙ ٿي!

●

فضيلت فهم آ فڪر آشنا ۾،
محبت ۾ گُم آ، سو گم آ خدا ۾.

ڏسڻ ۾ تہ ڪيڏو صفا سادڙو آ،
وڏي ذات آ 'خاصخيلي گدا' ۾.*

خوشيون خاڪ تي ويون متو آهہ ماتم،
اسان جڻ تہ ويٺا هُون مجلس عزا ۾.

دوا ڪوڙِي سمجهي ڏئي ڳيت وياسين،
مليل زهر هو ڪوئي شايد دوا ۾!

اسان پيار ريءَ ڪا نہ ٿا ڪار ڄاڻون،
اوهان کي مزو ايندو آهي گلا ۾.

سدا رهندو ثابت قدم يار راشدُ،
ڪڏهن پير ٿڙندو نہ راهہِ وفا ۾.

●

---

گدا خاصخيلي: ڳوٺ نوان جتوئيءَ جو يلوڙ شاعر.

وهندو وڃان تو واقعي جذبن جي وهڪري ۾،
جلدي وٺي هلو ها اي دوست! مٺڪدي ۾.

هڪڙو ئي فرد هو جو آتت ڏئي سگهيو ٿي،
سو ٻي اڇي ويو آ غيرن جي اشڪنجي ۾.

نازان آهه زر تي ناحق رئيس زادو،
پرجي هوا وئي آ منحوس جي مٺي ۾.

ڪيڏا ابوجهه آهيو، ان سان عقل جون ڳالهيون،
اڙجي ويو جو آهي محبت جي مامري ۾!

خوش تي ڪٽي قبولي، جنهن عشق جي غلامي،
راضي رهي نه سگهندو، ڇڙواڳ آجپي ۾.

ان ڪي مزو ڪڏهن پيو، ايندو نه توبري ۾،
ڪاٺي هِريو جو هوندو، هر روز هاڏري ۾.

اي سونهن ور سراپا! راشد سان ساٿ ۾ رهه،
هلندو هلان تو تنهنجي صورت جي سوجهري ۾.

●

ڏسون ڇا تو ٿئي آهي محبت مات جي ضد ۾،
اسان جو عشق آيو آ پرين! حالات جي ضد ۾.

اها ڪاريگري قابل ستائش آ مصوّر جي،
بيهاريو جُهوپڙيءَ کي آهہ جنهن محلات جي ضد ۾.

وزن ۽ بحر موجب خيال پنهنجو شال ٿئي پورو!
اچي وئي شاعري آ فاعلن فعلات جي ضد ۾.

ٽين ڳالهين سان ڳالهوڙا، پون راڄن ۾ ڦيٿهڙا،
پُڄي ٿو پيار پيارن جو جڏهن شبهات جي ضد ۾.

پهاڙي پئي ٿئي پرزا، ڪنيو فرهاد هٿ تيشو،
ڏکي ٿو ڏاڍ، ڏاڍائي اچي وئي ڏات جي ضد ۾.

آسر جا چار ٿيا آهن، نہ آئي ننڊ آ ليڪن،
اسان جي رات هرڪا ٿي رهي فڪرات جي ضد ۾.

ڪٽي هٿيار سائنس جو ٿپي ميدان ۾ پيو آ،
اچي انسان بيٺو آ خدا جي ذات جي ضد ۾.

چيو سُرياٽ ۾ سيني: اسان کي روشني گهرجي،
رکي ٻاري شمع مون راشدا، ظلمات جي ضد ۾!

●

ٿيو ڪُوڙو يارو، وچن ۾،
وئي رهجي من جي من ۾.

طوفان لڳو ته اُڏاڻا،
مون آس رکي ڪک پن ۾.

بنواس گذاريان ڪيئن مان،
هِت ڪونه مزو آ بن ۾.

تنهن دل کي حيف سدائين،
جا دل نه لڳي ٿي وطن ۾!

مُنهن هيٺو نيڻ نماڻا،
ڪا طاقت ڪانهي تن ۾.

سڀ هار سينگار ئي وسريا،
غم دل ۾، سوز بدن ۾.

مان هيٺائيءَ ڪان آهيان،
ٿيو پوڙهو چوٿي سَن ۾.

ٿو ماٺهو اکرين اڙجي،
۽ ڏور ٻجهن ٿا رسن ۾.

اڄ قاصد آيو راشد!
ڪا ڳالهه ڪري ويو ڪن ۾.

●

اڄا ڪاهي پيا وارَ ڪارن ۾،
عُمر گذري ٿي انتظارن ۾.

اسان کي عشق جو ڪري ڪافر،
وڃي وينين تون ديندارن ۾!

عشق انگورجي پيو آهي،
ڦٽَ اُٿلي پيا بهارن ۾.

شهر آباد ڇڻ ته بر پٽ آ،
دل لڳي ئي نه ٿي نظارن ۾.

هل ته اونهي ڏي ڪشتيون ڪاهيون!
ڪو مزو ڪونه آ ڪنارن ۾.

راز راشد! رَقيب جي آڏو،
ڪاش، سمجهي سگهين اشارن ۾!

●

Scanned with CamScanner

مان هتي مجبور آهيان عاشقيءَ جي قيد ۾،
تون هُتي مسرور آهين بي رُخيءَ جي قيد ۾.

هاءِ! هيءَ اٿهوند، جو اشراف، لڄ بنجي ويا،
ماڻهپو ماڻهن وڃايو، مفلسيءَ جي قيد ۾.

هر نشي کان هي اٿائو آهه طاقت جو نشو،
جن چوايو نيڪ تي، ڦاٿا بَديءَ جي قيد ۾.

مان سٺي سيرت جي خادم جو به خادم آهيان،
لوڪ آهي لالچي، چمڙيءَ اڇيءَ جي قيد ۾.

چوءُ نه گڏهن کي ابو ڪوئي تي دل ڪنهن جي چوي،
شل نه ڪو ماڻهو پوي يارو گتيءَ جي قيد ۾!

ڪاٻه طاقت قيد•توکي ڪانه رکندي اُت رڳو!
ڪيترو رهندين اي راشدا بيوسيءَ جي قيد ۾.

•

Scanned with CamScanner

محبوب تيو منهنجو مهمان ٻڍاپي ۾،
سمجهان ٿو، تيو آهيان نوجوان ٻڍاپي ۾.

ننڍپڻ ٿي ختم سگهندي جواني وئي سورن ۾،
اڄ عيش جو آ مليو سامان ٻڍاپي ۾.

ٿوڙي وهان ياراڻي، حرڪت ڪيان ٻاراڻي؟
اهڙو نہ رهيو آهي امڪان ٻڍاپي ۾.

ٿورو نہ لهڻ جوڳو، ڳائڻ لئہ عُمرِ گهرجي،
اهڙو تو ڪيو آهي احسان ٻڍاپي ۾.

هي عاشقيءَ جي آتش، هي تات تڙپ دل جي،
هيئن ڪوبہ نہ ٿي سگهندو شمشان ٻڍاپي ۾.

ماڻيا مون مزا ڪيئي، حسرت نہ رهيَ باقي،
سو ديس تان مان ٿيندس قربان ٻڍاپي ۾.

ماضيءَ جون حسين يادون ڪتڪائي ڪڍن دل کي،
سارو ٿيون ساري تو انسان ٻڍاپي ۾.

بازار حسن مان چو گذرين تو پيو پوڙها،
ڇاڇا! نہ لڳي وڃئي بهتان ٻڍاپي ۾.

راشد جي عقيدت ۽ الفت بہ اهائي آ،
اي سونهن سلامت آ ايمان ٻڍاپي ۾.

●

باقي ڇمار گھاريون ساقي! سنڌ ۾ اڃھي ۾،
موٽي اچي پياسين محبوب مئڪدي ۾.

بحر ۽ وزن ۾ پورو پنھنجو خيال ڪٿن ٿئي،
ڪيڏو وڏو اسان جي سوداءَ آ متي ۾!

منھنجي خوشي غمي سڀ ڳنڊيل آ لوڪ ھئي سان،
مان خوش رھي سگھان ڪئن جي ڏيھ آ ڏچي ۾.

جيئڻ ڪان وڌ يلا ڪا ٻي آس تي سگھي ٿي؟
خواھش پڇي ٿو، ٿاھيءَ ڦندو وجھي ڳلي ۾.

رومال ريشميءَ ۾ لائي عطر لپيٽيم،
تحرير آھ تنھنجي ھن پرت جي ڀِني ۾.

اٿندا ھي وقت تي سڀ خاموش ڪونہ رھندا،
اميد آ اسان جي ھر ڪنھن چڱي مني ۾.

الفت جي ابتدا آ، مايوس ڇو ٿيو ٿا،
ٿڪجي پِيئو ڇا يارو! پھرين ئي مرحلي ۾.

ساروٽيون سراسر ويئون عذاب بنجي،
راشد سڙي رھيو آ ڪنھن ياد جي ٻني ۾.

●

سجايو پنڌ ٿيو منهنجو، جو مِليو منٺار موري ۾،
مليو محبوب ٿيو منهنجو دفع لاچار موري ۾.

وڇوڙو هو جو ورهين جو ويو وچ مان وري نڪري،
پيو جو ياڪرين اڄ پرجهلو پوتار موري ۾.

اچي ويو اوچتو آڏو، مليو محبوب ٿيو ميلو،
عجيبن کي ڏنم ايندو، عجب اسرار موري ۾.

انهن جي اچڻ سان ٿي وئي اسان جي آرزو پوري،
وتيو بيڪار ٿي گهمندو نذر نادار موري ۾.

شُڪر آ جو ملي ويو هوُ جڏي جيءَ جيار موري ۾،
ڪري ڪا ڪير نہ تہ راشد! پرينءَ ريءَ پيار موري ۾.

●

سرفرازي آ تنهنجي اکرن ۾،
دلنوازي آ تنهنجي اکرن ۾!

لفظ هر هڪ ۾ شاعري آهي،
بيت بازي آ تنهنجي اکرن ۾!

خط پڙهي نيڻ تي پيا آلا،
ياد تازي آ تنهنجي اکرن ۾!

جو پڙهي ٿو پروڙي راهه لهي،
ڪارسازي آ تنهنجي اکرن ۾!

ڏِسُ تہ ڪيئن تير کُپجها، پيو تو هٽي،
ڪو تہ گازي آ، تنهنجي اکرن ۾! *

اي سڄڻ! تنهنجي بات تان صدقي،
شعر سازي آ تنهنجي اکرن ۾.

سنگدل ميڻ تي پيو راشد!
ايذي آزي آ تنهنجي اکرن ۾.

●

گازي: گز يا تير هڻندڙ

ٻلڙن سان وارن جون ڳالهيون،
گورن سان ڪارن جون ڳالهيون.

تنهنجي نظرن جون خبرون ڇڻ،
مهلڪ هٿيارن جون ڳالهيون.

تنهنجي محفل غيرن سان ڳنڍ،
گلڙن سان خارن جون ڳالهيون.

خواب، حقيقت جهڙا آهن،
ننڊ ۾ بيدارن جون ڳالهيون.

مارئي وقلي روز ڪندي هئي،
ڏؤنرن جي ڏارن جون ڳالهيون.

محب ملڻ جو موقعو آهي،
پِير جي سُومارن جون ڳالهيون.

آهلِ فن جي اوطاقن تي،
فن ۽ فنڪارن جون ڳالهيون.

دل راشد جي ياد پرينءَ جي،
جهنگ ۾ گلزارن جون ڳالهيون.

●

Scanned with CamScanner

## رديف (ن)

ٻُک ڪيا بيگانا آهن،
نيڻ منهنجا نيرانا آهن.

مجنونءَ جي سِر تي صحرا ۾،
ڪکرن جا شاميانا آهن.

هيٺيون هانيون، ماٺهو ڪانيون،
ڪڙپ جا چڻ ڪي ڪانا آهن!

شرط بنيادي آهہ سچائي،
ملندا ڪوڙ بهانا آهن.

وڌندا نفسياتي مونجهارا،
بند ٿيا مئخانا آهن.

سوريون سيجون، ڦاهيءَ ڦندا،
ڳرڻ جي لئہ ڳانا آهن.

ياد پکيئڙن دل جي وڻ تي،
آڏيا اڄ آشيانا آهن.

رهيل رات هتي ها جوڳي،
تي ويا هاڻ روانا آهن.

سارا سونهن – حضور ۾ راشد!
گيت غزل نذرانا آهن.

●

Scanned with CamScanner

زبانِ حال سان توڙي ٻڌائي ڪون٘ه تا سگهجن،
ڏنا تئي درد ايذا، جو لِڪائي ڪون٘ه تا سگهجن!

ڀڳي تصوير تنهنجي پر چٽو چهرو نٿو پسجي،
زلف تنهنجي مهاندي تان هٽائي ڪون٘ه تا سگهجن.

ٻٽيون عيدون مثل ماتم، وريو آ واءُ ڪو اهڙو،
خوشين جا ڏينهن پڻ خوش تي ملهائي ڪون٘ه تا سگهجن.

اجايو جوش ۾ تي شمع! پنهنجو پاڻ کي ڳارين،
نه تي سمجهين ته پروانا ڪٽائي ڪون٘ه تا سگهجن!

نه ڪر ڪوشش غدارن ساڻ پنهنجو ناهه ڪونهي ڪو،
اهي ڪم ظرف سيني سان لڳائي ڪون٘ه تا سگهجن.

هِتي جي هُت ٻکڻ وارا، بنائن نانگ نوڙيءَ مان،
ڪچهريءَ ۾ چغل خورا، گهرائي ڪون٘ه تا سگهجن.

ڪٽي ڪيڏي شريفانه گذاريون زندگي پنهنجي،
پلوَ الزام ڪان پنهنجا ڇڏائي ڪون٘ه تا سگهجن.

وتن ڏمريا جي ڏاهپ تي، عقل ۽ علم جا ويري،
دليلن سان اهي ماٺهو مڃائي ڪون٘ه تا سگهجن.

جنين جي ذهن ۾ ڪانگن جي ڪان ڪان گهر ڪري ويئي،
تنين کي ٻول ڪوئل جا ٻڌائي ڪون٘ه تا سگهجن.

أتي ڪنهن جي مجال آهي، جتي پيو نرڳڪي ترجي،
نياپا تنهنجا ات راشد! پڄائي ڪون٘ه تا سگهجن.

●

Scanned with CamScanner

جن کي بخشيئي نُور سي تو تي تارا ٽوٽارينِ،
اکيون چو نہ کڏي ڇڏجن جي دوڏا ڏيکارينِ.

جن ماڻهن کي ڪانهي پنهنجي محسن جي بہ سُڃاڻ،
تن وحشين کي مارن ماڻهو، سَپ کي ٻَل ٽارينِ.

ماٺ مٺاهون تن جو جيکي ٻُڌندن کي تارينِ،
تن تان صدقي سؤ سؤ ٻيرا جڏڙا جي جيارينِ.

تنهنجي اوسيئڙي ۾ سارو جوڀن گذريو آهہ،
آءُ هلي او منڙا! هيٺا هڏڙا ٽا سارينِ.

ٻٽڪيو ٻٽکن بيراڳن جيان لعلڻ لئہ هر لوءِ،
جن کي لنؤُ لڳي سي خوش ٿي گهر ۾ ڪيئن گهارينِ.

هوندن ڏي هر ڪنهن جو رايو هائي هيءَ اٿهوند!
ڍاون کي ڍائي ٿو هرڪو، پياسا کي پيارينِ.

چانديءَ جي ڇمڇن سان کي ٽا ڪائن ٻوڙ پلاءَ،
ڪوسي رب وجهي کي ويٺا نِڪرن ۾ ٽارينِ.

ساهہ بہ پيارو آهي ليڪن، سنڌڙي جيجل ماءُ!
منڙي ماتا! مون کي منهنجا مهٽا ٽا مارينِ.

تيسين پنهنجي ڪوشش راشد! جاري رکٽي آهہ،
جيسين بک کان ماڻهوءَ ٻچڙا ٻار نہ ٻاڪارين.

●

Scanned with CamScanner

محبت اچي ڪيو آ، مُنهنجو مڪانُ روشنُ،
دلبر جي ديد سان ٿيو دل جو جهانُ روشن.

هڪ ٻئي جو ضد هئڻ ڪان پوءِ بہ ڏين ونن ٿا،
ڌرتيءَ کي ڏس! ڪري ٿو ڪيئن آسمان روشن.

محبت سواءِ ماڻهو، مشهور ڪونہ ٿيندو،
آ عشق ڪان اسان جو نام و نشان روشن.

اهلِ نظر وِساري، مون کي ڪڏهن نہ سگهندا،
مَرڻ کان پوءِ بہ جئندس، آهي گُمان رُوشن.

آهي عجيب يارو! هي فلسفو حياتي،
جئن جئن مون سوچِيو، ٿيو تئن تئن ڏيان روشن.

راشد! جهين ۾ پيدا منهنجو وجود ٿيو آ،
ذهني طرح سان رهندو، سو خاندان روشن.

●

Scanned with CamScanner

رات بڻي رنگين، ملي وئي جذبن کي تسڪين،
تُنهنجي اچڻ سان ڏس ته ٿڙي پيا گل وانگيان غمگين!

دنيا ۾ جيڏانهن نظر ڪر پکڙي پئي آ سُونهن،
هُن جي ڳالهه ئي ٻي آ لوڪو! هونئن نه ته ڪوڙ حسين.

مغروري ڇڏ، ڇو ته وڏي ٿو نانءُ سخاوت ساڻ!
دلبر! تو ڪان دان ۾ پيا ٿا مانُ گهُرن مسڪين.

حق گهُرڻ سان ناهن ملندا، ڇو ٿيو عرض گذار،
پاڻهئي پاڻ ڪيو ٿا پنهنجي نظرئي جي توهين.

انڌن جي لئه ڳالهه آ ساڳي، اونده يا چانڊاڻ،
چانڊوڪيءَ سان چاهه رکن ڇو، نيڻن کان نابين.

آنءُ ڪٽان ٿو هٿ دعا لئه اوهان چئو آمين!
راشد يار! سگهوئي ٿئي شل نفرت جي تدفين.

●

هوائن جي رُخ تي ڪڪر ڪارڙا ڪئين قطارون ڪري ٿا اتر ڏانهن اُڏرن.
پرينءَ سانوري جو مليو سات آهي، تہ سانوڻ ڏهاڙا سڪيا ڇو نہ گذرن!

صبح ويل پَکڙن هُو پوپٽ ۽ سانجهيءَ پنيورين جي پويان پيا ڀار ڊوڙن،
۽ راتين جو جگنوءَ ڪيو جي ڪو چمڪو، تہ ان ڪي وڻن لئہ ٻنيءَ ڏانهن نڪرن.

نہ سِرڙن جو جَهپُ آ، نہ بازن جو ڊپ آ، نہ شڪري جو جهٽ آ، امن ئي امن آ،
اڱڻ ۾ پيا تا چُگِن ڪوڙ چوزا، هوا ۾ پيا ٿا ابابيل اُڏرن.

طنبيلن ۾ تازي، اڱڻ منجهہ مهري، ڏڳا ڍور پٽ تي توانا ۽ تازا،
وڻو وڏ ڦڙو ۽ ٻنيون ٿي پيون سايون، سگهارا ٿيا سانگي، ڪيا ڏوپ ڏہرن.

امن شانتيءَ جا اچو گيت ڳايون، خوشيءَ سان حسن ڪي گلي سان لڳايون،
پيون ۽ جيون پر، پيون اڄ تہ اهڙو سڄي عُمر راشد! نشا ڪين اُترن.

●

سونهن تي تون نازان مان تنهنجي محبت ۾ مستان،
هڪڙو مان نہ، هزارن کي آ حسن ڪيو حيران.

پاڻ کي مون پئمال ڪيو، پي پرت سندو پئمان،
سر تي سڀ ڪجهہ سهي سگهان ٿو، بار، بديون، بهتان.

طعنا تُنڪا، خلق جي خواري، سورن جو سامان،
ناهي ڪم نادان جو هتڙي، مرد ڪٽي مردان.

مانجهي مرد ملهائن، هي آ محبت جو ميدان،
جهڙي تهڙي جي نہ جڳهہ آ، جبرو ايندو جوان.

ديد ڪيو ديوانو آهيان، حيرت ۾ حيران،
محبت ۾ مستان ڦران، ڏي دردن جو درمان!

پياسو آهيان پيار پرين! محبوب وسئي مئخان،
ڪونہ چڱو چوندءِ جي اُجيو، مارينديں مهمان!

تون محبت جي مئہ آهين، مان پرت سندو پئمان،
تون مرشد، مان راشد ۽ تون شمع تہ مان پروان!

●

Scanned with CamScanner

چشمن کان تہ نہ چشمہ ڦِرن،
هرڻن کي ڇڏ پل تہ هِرن!

اندر آ شو کيس ۾ گل،
ٻاهر پيا ٿا پئونرَ پِرن.

ڏات جي ٻير ٽِمائي ڏانءُ،
ڳاڙها ڳاڙهاَ شعر ڪِرن.

سِرَ سِرَ ۾ آهي سوداءُ،
ڪاش! سيئي هڪ طرف سِرن.

سوچيندڙ لئہ لفظ ٻہ گهاوَ،
ڇُليو سينو آهہ ڇِرن.

راشدُ بيپرواهہ فقير،
ڀڙا پيا ٿا ڪوڙ ڳِرن.

●

# رديف (ن) غُنو

تو پچاڻان تنگ ڪن ٿيون ساهہ کي ساروٽِيون،
خير جو خط موڪلي ڏي هانوَ کي ڪي ٿُوٽِيون.

مون بہ چاهيو ٿي تہ منهنجو لسٽ ۾ نالو هجي،
ورنہ ڇا يوسف تہ ڇا توريون ڪپهہ جون پُوٽِيون!

عشق کي ڏاڍو لڪايم، راز ظاهر ڪين ٿئي،
مان رهان خاموش تو ڳوڙها ڪڻن ٿا جُوٽِيون.

درد بنجي ويو سراسر دوستيءَ جو دائرو،
سي دليون پربور ٿيون، جيڪي هيون ڪجهہ اوٽِيون.

واهہ جو دلبر، تو منهنجي درد جو دارون ڪيو!
ڦٽ وڇوڙي جا گهرن مرهم، وڃين تون لوٽِيون.

بي سهارن جا سپيئي حق ڳهي واڳون ويا،
وات جن جا ويڪرا ۽ پيٽ جن جا ڳوٽِيون.

ڇو نہ همت ساڻ هاٿي پَٽَ ڪٽي ڳاڙهو ڪجي،
آءُ راشد! دنگ واري پير ڌُنبي ڏوٽِيون.

دشمن سان خير خواهي ٿو ڪيان،
دوست چوندا هِن، تباهي ٿو ڪيان.

جنهن گهڙيءَ توکان ٿيان ٿو ڌار مان،
پاڻ کي بي آبِ ماهي ٿو ڪيان.

ڪاش جي تختي کي ڄاڻان تخت ٿو،
ڪال هوندي بادشاهي ٿو ڪيان.

يار جو ديدار، ڇڻ ڪو فصل ٿيو،
انتظاري ڏسُ ڇماهي ٿو ڪيان.

پاڻ کي ٿاندن تي اُڇلي ٽچڪندي،
خوش ڏسو ڪيئن ذات ڏاهي ٿو ڪيان!

پيار سان پنهنجو پلؤُ پختو ٻَڌي،
پاڻ لئه ڇڻ تيار ڦاهي ٿو ڪيان.

راشدا! اُن جي سزا پوڳيان پيو،
جرم جيڪو بي گناهي ٿو ڪيان.

اڄ وري ڇو پيلا مُنهن لٿل تو لڳين.
رات ڪاٿي هُئين؟ جو ٿڪل تو لڳين!

ٿا عمارت جي اهميت هي ڪنڌر ڏسن،
مور! موهن دڙي جو محل تو لڳين.

سنڌ جو باشندو يا فلسطين جو،
پنهنجي ڌرتيءَ تان بي دخل تو لڳين،

Scanned with CamScanner

توکي پيشانيءَ هماليہ جبل ساڻ تو،
جو ارادن ۾ پنهنجي اٽل تو لڳين.

شاهہ جا اي رسالا، چُميو تو چماڻءِ!
ڇڻ تہ محبوب منهنجي جو ڳل تو لڳين.

تنهنجي دامن مان هرگز نٿو هٿ ڪڍان،
ڇو تہ تڪليف هر ڪنهن جو حل تو لڳين.

دور ڇڙواڳ جيئن ڇيڪ تي تو گهمين،
آنهہ انسان، پر بي عمل تو لڳين!

سونهن ڏسندي ڪو تيڙُو تو سرجي پوي،
خوب محبوب! هائيڪو- پل تو لڳين.

نيت پاڪر ۾ آئين تہ مرڪي ڏنم،
منهنجي محنت سموريءَ جو ڦل تو لڳين!

گند ماحول ۾ ڪيئن گذاريو اٿئي؟
ڍنڍ ميريءَ ۾ ٽڙندڙ ڪنول تو لڳين!

اي حسن! منڪرن کي ڪيو ڪجهہ نہ تو،
عاشقن لاءِ جهڙو اجل تو لڳين.

جنهن کي پڙهندي پون بُت ۾ سياندڙا،
سَچ راشد جو اهڙو غزل تو لڳين!

●

چنڊ کان مايوس، موٽِي! ٿين متان،
اي چڪوري! چٽنگ کي ڇهڻ متان!

ڪر پلائي تا ٿئي تنهنجو ڀلو،
جامُ خود غرضي پيارا، پين متان

جي سهين سختي سهيلي، سات ڏي!
پوءِ پاراتا پنهل کي ڏين متان!

ڪر نہ ڪوتاهي ڪڏهن پرواز ۾،
ڳجهہ وانگر ڍونڍ تي ڊُرڪين متان!

زَندگيءَ جو آ مزو تحريڪ ۾،
راشدا، سُک سانت کي ڳولين متان!

●

Scanned with CamScanner

هو خيال تہ باغ گهمڻ تا وڃون، ڪنڊن مان اچي ڦاٿا آهيون،
هِي ڏينگهر جانِ ڇڏن ئي نہ ٿا، ڇگرن مان اچي ڦاٿا آهيون.

ڪو ڪاڏي ڇڪي، ڪو ڪا ڏي ڇڪي، چڪرن مان اچي ڦاٿا آهيون،
هِڪَ ڏين ۾ ٿي سؤ سَٺ فرقا، فرقن مان اچي ڦاٿا آهيون.

هُئي آس تہ وڃبو ميلي ۾، پر واٽ وچي پئي ٻيلي مان،
افسوس! اسان هِت خنزيرن ڦٽيلن مان اچي ڦاٿا آهيون.

جي جاڳايون تہ ڇڙيون تا هٽن، جي ڏيونِ ڇڏي تہ مري پوندا،
سچ پچ تہ انهن نينڊي ماڻهن، سُتلن مان اچي ڦاٿا آهيون.

او ڏُولهہ دريا خان اُٿي! مخدوم بلاول واهر ڪر!
ارغونن ۽ ترخانن جي ٻاٻنْ مان اچي ڦاٿا آهيون.

هي ڏُکيون گاڏيون هر هنڌان، سنڌڙيءَ ۾ اچي ٽيون ٻار چڙهن،
ڪو هڪڙو حرامي ڪونهي ڪو، ڪٽڪن مان اچي ڦاٿا آهيون.

مان ڪونہ مڃان، پر ڇا ڪريان، گهر واريءَ جو ويساهہ وڏو،
پيرن ۽ مُلن جي ٽوٽن ۽ ڦيٽن مان اچي ڦاٿا آهيون.

هڪ گهر ۾ هڪ بيدار ذهن پيدا بہ ٿيو تہ بہ ڇا حاصل،
سڀ چريو چوندس گهر ڀاتي، وهمن مان اچي ڦاٿا آهيون.

هُوئڻ راشد! تون مٽيءَ جو ذرو، پر مٽيءَ آهي مانُ لڏو،
اڄ هرڪو هنيلو ڇئي تو سندءِ شعرن مان اچي ڦاٿا آهيون!

●

لاتعلق هر وار، الائي ڪيئن تو تين،
ايڏو نندڙو ٻار الائي ڪيئن تو تين!

مئخاني ۾ رندن سان ٿئي ويرُ رکيو،
گهر ويٺي مئخوار، الائي ڪيئن تو تين!

گُلَ جهڙي خوشبوءِ، نہ تو ۾ سونهن رهي،
ڪنهن جي ڳل جو هار الائي ڪيئن تو تين.

توڪان پنهنجو بارُ ڪنيو تو ڪونہ پُڄي،
قوم جو خدمتگار، الائي ڪيئن تو تين!

ڀاڙي وارن ڪي پئي آزاريو آ تو،
چورَ تون چوڪيدار، الائي ڪيئن تو تين!

بورَ انهي شهزور تي لانگَ ورائيندين؟
ڇَٽ! تَون گهوڙي سوار الائي ڪيئن تو تين!

مولانا مسجد ۾ پڙهہ تون نفل ٻَتي!
منصوري ڪردار، الائي ڪئين تو تين!

وقت جي پابندي بہ رهڳو توڪان نہ پُني،
منهنجو پڳ مَٽ يار، الائي ڪيئن تو تين!

راشد ڪي تو پنهنجي هٿن سان پاڻ ڪُنو،
هاڻ تون ماتمدار، الائي ڪيئن تو تين!

●

---

۱ بور = گهوڙي جو قسم.

آ چُني چمڪندڙ تر جي ناريءَ مٿان،
چنڊ جي روشني ڇڻ تہ واريءَ مٿان.

رڪَ جي ڍير هيٺان ٿا ٽانڊا سُجهن،
پيرُ ڇوڪر نہ ڌر، ڇُوٽ ڇاريءَ مٿان!

عشق تنهجو الاڙي، الڙ ڇوڪرا!
ڪيئي بُهتان آيا ڪنواريءَ مٿان.

مون نہ ڄاتو تہ منهنجو پرين ٿو اچي،
ٻُٽ اجرڪ جي هئي جو سونهاريءَ مٿان.

ڪونيٽن جي پريان ٻيريون ڄاڳريون،
پير ڳاڙها تہ ڏس! ڇهچ ٽاريءَ مٿان.

عشق تر جي پٽن سان ڪيئي راشدا!
لاهہ ڏک سور ڌرتيءَ ڏکاريءَ مٿان.

●

پيغام غم سندا تا اچن پيا هِتان هُتان،
هڪ جاءِ تي نہ چئن آ، پيو تو اچان وڃان.

ٻاهر نہ آ قرار ۽ اندر نہ آ خوشي،
گھر تو وڃان وري ٻہ، وڃي تو گھران وران.

ناڪام حسرتن جي نهيل چٽڪ دل اٿم،
ناڪام ٿي وري تو اچان مان جتان ڪٿان.

ڪوشش ڪري خوشين سان ڪيم دل کي پُر مگر،
وريو تا اچن درد الائي ڪٿان ڪٿان!

پئمال ڪئي آهہ ڏکن منهنجي جواني،
ڳٽتين جو تيس ڳاهہ، سو پيو تو ڳران، مران.

سيني منجهان نڪري ٿي اچي درد ڪان هي دل،
پٿر رکي مان هانوَ تي، پيو تو هلان گُهمان.

جيڪي جهانَ ۾ تيو ظالم جي ظلم ڪان،
مون ڪان پُڇي ڪو، روز مان ڇا تو ڏسان، ٻڌان!

تنهائين ۾ راشدا، دنيا ڪان تنگ ٿي،
مُنهن آ ڪتاب ۾ رڳو پيو تو پڙهان، لڪان!

●

ڪڙهياسين گهڻو قيد ۾ لاچار ٿياسون،
داخل ٿياسون بستري بيمار ٿياسون.

قربانُ ڪري پاڻ اُصولن کي بچائي،
ڪن خاص متن لاءِ گرفتار ٿياسون.

انسان نئين دؤر جو آئينُ پراڻو؟
رسمن ۽ رواجن منجهان بيزار ٿياسون.

هاڻي ٿو پڪاري چوي هر قوم جو ماڻهو،
افسوس گهڻو پوءِ خبردار ٿياسون.

هر فرد تي فتويٰ ڏني، ڪافر تي چيائون،
جڏ سمجهه - وندا ٿيا، گلي جو هار ٿياسون.

آقا نہ ٿياسون، نڪي نوڪر ئي بنياسين،
بي واجبي ڪنهن تي نہ ڪڏهن بار ٿياسون.

چڙهڻو پيو سُوريءَ تي چئي هاڻ اناالحق،
راشد! وڃي جو واقفِ اسرار ٿياسون.

Scanned with CamScanner

شوق تُنهنجي ۾ ٻڌجي ويو شمشان هان،
ڪجهه ته تون قياس ڪر، مان به انسان هان!

ڪنهن جي سياست نٿو آنءُ سمجهي سگهان،
تُنهنجي ليکي ته اهڙو ڪو نادان هان؟

منهنجي سيني ۾ آهي اوهان لئه جڳهه،
ساڻ ڏيو گُل رُخؤ! آنءُ گلدانُ هان.

سُونهن تنهنجيءَ سندو مان ثنا خوانُ هان،
مان غزالي اکين لئه غزل خوان هان.

منهنجي محنت سان جو تُنهنجي محبت ملي،
هاڻ بنجي ويو عظمت جو نيشان هان!

چئين بجي شام جو توکي اچڻو هيو،
رات جا ڏهه ٿيا هِن، پريشان هان!

شانَ پنهنجي مطابق ڏيو مانُ ها،
چار گهڙيون پرين، آنءُ مهمان هان!

دل ۾ متضاد خيالن سندي جنگ آ،
اڄ به ٻڌجي ويو، مياڻيءَ جو ميدان هان.

هُونئن ته اعليٰ اُتم راشدا آنءُ پر،
تُنهنجي در جو ته محبوب! دربان هان.

●

Scanned with CamScanner

## رديف (نہ)

چوڻ جي لاءِ لک چوڻيون، عمل ٿيندو بہ آيا نہ،
منو واقعي صبر جو يار ڦل ٿيندو بہ آ يا نہ!

سُکي چپ نوٽ ٿيا تنهنجا، تنهنجي ڳل تي آ سوکهڙو،
اهو ميوو رسيل ڳاڙهو پکل ٿيندو بہ آ يا نہ.

"زمين جنبد، نہ جنبد گل محمّد" تا ٻڌون ليڪن،
ارادي ۾ ائين ماڻهو اٽل ٿيندو بہ آ يا نہ!

پڇي پورا تہ تي سگهندو، هتي پرتي بہ ٿيندو ڇا؟
جڳهہ اصليءَ کان کڄهہ پُنتي جبل ٿيندو بہ آ يا نہ!

مٿي کان هيٺ تائين شاهہ بند، هر بند تئي ان جو،
پُڇو شعراء کان کو اهڙو غزل ٿيندو بہ آ يا نہ!

اجا غفلت ۾ پيا آهيو، اوهان کي کا خبر کانهي،
پنهنجي ذرتيءَ تان ڪوئي بيدخل ٿيندو بہ آ يا نہ؟

بظاهر فرشتہ جهڙا، ڏناسون ماڻهپي وارا،
مگر اهڙن جي اندر ۾ خلل ٿيندو بہ آ يا نہ.

ٻڌي گل تنهنجي نيڻن ۾ رهڻ چاهي پيو راشد،
انهن اکڙين جي ڏندين ۾ کنول ٿيندو بہ آ يا نہ؟

●

اڄ هيريا هيراءِ نہ، هيريل وري ڦيراءِ نہ!
شوخ! لاغرضي ڪري محبت منهنجي ٺڪراءِ نہ.

تنهنجي دولت، منهنجي غربت فرق ڪافي آهہ پر،
پنهنجي هٿ سان مار مون کي، ٻئي هٿان ماراءِ نہ!

تنهنجي الفت، عشق ۾ ڪنهن کي بہ ليکيان ڪونہ ٿو،
انڌ جي گهوڙي چڙهيو آهيان تہ تون ڪيراءِ نہ!

خاڪ ۾ وئي آ ملي منهنجي عزت تنهنجي ڪري،
پيار تون پهريان ڪري پو ڪنڌ هيٺ ڪڍراءِ نہ!

هوش گم ٿي ويو اٿم آ عقل کي تالو لڳو،
کهل ڪر ڪا، قرب محبت کي ڪفن پاراءِ نہ!

ڪاش تون واقف هجين هِن عشق جي آزار کان،
دم دلاسو ڏئي مون کي هڪدم چوين: گهبراءِ نہ!

آسمان کي گود ۾ آڻڻ جي ڪوشش تو ڪيان،
تا چون ماڻهو مون کي هٿ: ڪيس تون ڇَوِراءِ نہ!

عيد جو آ ڏينهن، راشد کي سنوارج سيگهہ مان،
پيار سان پنهنجي هٿين پهراءِ تون، لهراءِ نہ!

●

ٻول نجومي! ايندو اڱڻ تي يارُ، ٻڌاءِ تہ ها يا نہ؟
ٿيندو حاصل دلبر جو ديدار، ٻُڌاءِ تہ ها يا نہ!

هٿ جون ليڪون ڇا ٿيون ٻڌائن جلدي ڪر سمجھاءِ مون کي،
چاهيان ٿو جنهن کي سو ڏيندو پيار، ٻُڌاءِ تہ ها يا نہ!

هاءِ حياتيءَ جي رڻ پَٽَ ۾ ڪاهي پيو آهيان تنها،
سونهن اچي مون ساڻ ڪندي سهڪار، ٻُڌاءِ تہ ها يا نہ!

ظالم پاڻ پڌائڻ وارو مون سان ٿو ناراض رهي،
ناهہ تي ٿيندو مجبور ۽ لاچار، ٻُڌاءِ تہ ها يا نہ!

پاڻيءَ لاءِ پريشانيءَ ۾ واڌارو ٿيندو ٿو رهي،
وَهندو هي درياهہ تي تارو تار، ٻُڌاءِ تہ ها يا نہ!

ويندو چڙهي اي ويجَ ڪري ويچار ٻُڌاءِ تہ ها يا نہ،
ٻچندو هي بيمار ’صديق پرهيار‘، ٻُڌاءِ تہ ها يا نہ!

ٿيندو ختم هي نفرت جو سنسار، ٻُڌاءِ تہ ها يا نہ،
قرب جو راشد! ٿيندو ڏور ڏڪار، ٻُڌاءِ تہ ها يا نہ!

●

---

صديق پرهيار: مشهور ڊراما آرٽسٽ ۽ رٽائرڊ استاد، جيڪو ڪجھہ وقت سخت بيمار هئو

## رديف (ڻ)

ڏات وڏاڻ ڪٽي آئي آ منهنجو مغز ڪُٽڻ جي ڪاڻ،
تون ڇا جي لئہ تيار ٿيو آن، مون کي تير ڇُٽڻ جي ڪاڻ!

خونَ منهنجي ۾ هَٽَ رڱين ٿو، ڇو ٿو ڪٽي هِي سِر الزام؟
پنهنجا ئي ڏِسُ آتا آهن، منهنجو ساهُ گُهٽڻ جي ڪاڻ.

ساڳيا عشقيہ ٻول ٻرن ٿا، ساڳيا پيا ٿا چَپَ چُرن،
ڪيڏا زور لڳايا دنيا، منهنجا ٻول ٻُٽڻ جي ڪاڻ.

ساڳي مستي، ساڳي هستي، ساڳي ماٺهن ۾ آ مؤج،
ڪيڏن ڪٽڪن ڪاهيو آهي، منهنجي لوءِ لُٽڻ جي ڪاڻ!

مرهم ساڻ تہ ڪين ڇُٽن ٿا، آءُ پلا ٻُرڪي وڃ لوڻ!
ڏاڍا مَڪَ مکيا مون آهن، دل جا ڦٽ ڇُٽڻ جي ڪاڻ.

مون ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي آ، پر تون توڙين ڏيئي زور،
رت جا رشتا هوندا آهن، ڇا هيئن روز ٽٽڻ جي ڪاڻ؟

راشد يار! اڪيلو وڻ ڀي ڪونہ ٿهي ٿو ڪُڙم سواءِ،
مان وڃڻ تو ڇاهيان ٻيهر، گوشن ساڻ ڦٽڻ جي ڪاڻ.

●

---

وڏاڻ = جنهن سان لوهر لوه کي ڪُٽيندا آهن.

دل جي پوک پيو تو پيلي وهمن وارو ڏڻ،
اڄ ڙي راڪا! جلد انهي ڏڻ کي تون ڏَک ۾ هڻ!

منهنجي ڪم جهڙو هَي آهي تنهنجو قد ڇَهو،
خيال جي گهوڙي کي هڪلڻ لئه گهرجي يار لڪڻ!

اوچي اوچي قد تي ڳاڙها لب ۽ ڳل جا گلَ،
آهي چڻ محبوب بہ منهنجو بيم باڪس جو وڻ!

ٺهڪ ٽڙيا ٽي جنهن موسم ۾ سا موسم آ ڏُور،
هاءِ الا! هِن روئڻ رُت ۾ اُجهي ڪين ڪِلڻ.

قدرت کي منظور هو تنهنجو منهنجي لاءِ جمڻ،
مون بہ ڪيو منظور پرين! آ تنهنجي لاءِ مرڻ.

ڪونہ ڏٺو ٽئي رک ۾ راشد! تاندن جو ٺمڪڻ،
ڏسندين پن ڏينهنِ کان پو تون پنيت جو پڙڪڻ.

●

ڇَهو: سنهو لڪڻ.

موسم بهار آئي آ ساقي شراب آڻ!
اهڙو پيار پيگ، جو وسري وڃيم پاڻ!

لب لال يار جا ائين گل- رنگ جڻ شراب،
پر چپن جي ته چاش ۾ آهي مزو مناڻ.

جيڪر پري ڏين جان من! هڪ جام لاجواب،
مستن کي ٿئي موج ۽ ڪنهن جي ڪڏون نه ڪاڻ.

آداب عشق مان نه ٿا ڄاڻن هي بدمعاش،
ڪا نينهن جي نشي سندي ناهي ڇڙن کي ڄاڻ.

توکان سواءِ ساقيا! محفل ۾ سُود ناهه،
مئخوار تڙپندي چون ته: دير ڪر نه هاڻ!

مون کان اگر خطا به ٿي ته ڪر عطا پرين!
راشد جا عيب ڍس نه! پرين، پاڻ کي سچاڻ!

●

ڪانہ مجيسين ڪڌهين ساتي! اونداهين جي آڻ!
ان جو آهہ نتيجو نڪتو، چوڌاري چانڊاڻ.

يوڳي يوڳي جس هجيئي بر پٽ ڪيئي باغ،
محنت جو ٿل آهي مالهي! ساوڪ ۽ سرهاڻ.

اُڄ اُڃهائيسون ڌرتيءَ جي رت جا ڏيئي ريج،
آهہ اڱڻ تي پنهنجي اڄ ڪلهہ گلڙن جي ڳاڙهاڻ.

آڳاتي يا نئين ڪي ڇهڻون ڇڇڙن جيان ڇا لاءِ،
ڪاڪا ڳالهہ پُراڻي بهتر، ڪا ڪا خوب نواڻ.

وقت مقرر ڪونهي ڪنهن جي سُڌرڻ جي لئہ ڪوبہ،
سو بہ نہ ڀُليو، جيڪو ڀهتو، ڀٽڪي ڀاڻ.

مُرڪي مُرڪي پيئنداسين اڄ وِهَہ جهڙي ڪوڙاڻ،
جاڳي ساري رات ڪنداسين راشد ساڻ رهاڻ!

●

هي ريت رسڻ جي سکئين چو، ڪجھہ مون کي بہ تہ سمجھاءِ سڄڻ!
ڪر دل کي ڪشادو معافي ڏي، ڪين گذريءَ کي ورجاءِ سڄڻ!

اقرار جرم مون جڏهن ڪيو، انڪار وفا کان تون بہ نہ ڪر!
مون آڻ مڃي ۽ ڪاڻ ڪڍي، اڄ اوري ۽ ڳل لاءِ سڄڻ!

انسان خطا جو گھر آهي، انسان کان ٿيندي آهہ خطا،
ڪجھہ منت منهنجيءَ کي مڃ سهڻا، ڪين ٺوڪر هڻ، ٺڪراءِ سڄڻ!

ٿا يار يارن سان مُرڪي ملن، مان تنهائيءَ سان سُور سليان،
اڄ عيد ڏهاڙو آهہ پرين! اڄ پيار مان ياڪر پاءِ سڄڻ!

راشد سان رسڻ، منٿون نہ مڃڻ ۽ ظلم ڪرڻ تو ڪونہ ٺهي،
وڏ رئندن کي نہ رُئارِ پرين! اڄ پيار ڏئي پرچاءِ سڄڻ!

●

خوش ٿو ٿو گهاريان جڏهين ٿي آ توسان چاڻ سڃاڻ،
ڪاش ٿئي ها، اڄ ڪان پيارا، پهريان چاڻ سڃاڻ!

پوشيده رکيو مون تنهنجو ناتو رشتو آهہ،
ڪيڏي ڏس تہ لڪائي آ مون لوڪان چاڻ سڃاڻ!

تنهنجي مشڪل جي حل جي لئہ هلندس ڏينهن ۽ رات،
منهنجي ناهہ ڳُجهي او جاني! تو ڪان چاڻ سڃاڻ.

جڏهين چاهين مون سان ملڻ لئہ، موري هَليو آءُ!
توکي راڄ ڏسيندا، پُڇندين جنهن ڪان چاڻ سڃاڻ.

جيڏو رلندو، ايڏو کُلندو آ هرڪو نوجوان،
ڪوبہ نہ آئيندو آ ماءُ جي پيٽان چاڻ سڃاڻ.

توکان پو ڪو لڳ لاڳاپو قائم رکيو ڪونہ،
ساري دنيا جي مان گهوريان تو تان چاڻ سڃاڻ.

تيسيتائين راشد سائين! سات ڏجان مون ساڻ،
جيسين تائين ٿئي ڪا اوريان پَريان چاڻ سڃاڻ.

●

## رديف (و)

روز چئين ٿي تہ پئي چڪان چا تو.
نيڪ اي دل! نہ آ اهو آتو.

ٿِمي ٿيمڙ هوا جي جُهوٽي سان،
ٻير ٻانڌڙ لئہ گُهرجندو ساٿو.

دوستيءَ جو مثال بنجي ويو،
تنهنجو منهنجو هي واسطو گهاٽو.

عشق جي ڏنگ خوب ڦٽڪايو،
چڻ تہ چنبڙي پيو ڪو ڇيلاٽو.

مون تہ گمنام عاشقي ٿي ڪئي،
ڦاٽ هي اوچتو ڪٿان ڦاٽو!

آهہ ڪو، رهبري ڪري راشد!
منهنجي آڏو هي آهہ چوواٽو.

●

Scanned with CamScanner

جهڙو آهي سرد اچوکو،
اهڙو ڏينهن ڏنو آ تو کو؟

ماڻهن تي ماٺار ڇمي وئي،
ڪونهي ڪوبہ پڙهو يا هوڪو.

سيرت جي ڪر ڳالهہ سياڻا،
صورت آهہ نظر جو ڌوکو.

اخلاقي قدرن کان آجو،
هھڙو ڪونہ سماج ٽيو ڪو.

تو وٽ قرب جو ڪال اهوئي،
مون وٽ ساڳيو پيار پروکو.

جيجل ڪان جو لنوائي راشد!
ڪوبہ نہ هوندو اهڙو ٽوڪو.

●

Scanned with CamScanner

الائي ڪُمهلو هي ڪنهن آ پڪاريو؟
پري چرڪ مون آ اُٿي ديپ ٻاريو!

ڏسي منهنجي هيڏي پريشان حالي،
منهنجي پاڇي مون ڏانهن مُرڪي نهاريو.

اسان جنهن لئه آهيون پرهه تائين جاڳيا،
سنجهي مان وڃي سو سوير ئي قراريو.

صبح، شام، آڌيءَ، منجهند تاڪ ڏاري،
تنهنجي يادگيريءَ ڪو ٽاٽو نه ٽاريو.

انهي ڪان اڳي جو بغاوت جو سوچي،
رنل روح ڪي ڪنهن طريقي ڏتاريو!

وفا کي ڪرايو غسل خونَ سان جن،
انهن لاءِ راشد! ٻٽي لڙڪ هاريو.

●

هُو بہ دشمن جو جڏهن پاسو وٺي بيهي رهيو،
حوصلو منهنجو صفا اڄ پِڙُ ڪڍي بيهي رهيو.

ڪير آ مون ساڻ جو ملهہ ۾ اُٿي سندرو ڌئي؟
ياءَ منهنجو اهل محفل مان اٿي بيهي رهيو.

وار هو خونخوار منهنجو، ها مگر روڪي رکيم،
يار ئي اغيار جي آڏو اچي بيهي رهيو.

طيش مان آپي کان ٻاهر، ٿي ويو وحشي پٽو،
ڪو جهلي مُنهن سامهون آ آرسي بيهي رهيو.

سنڌ ماتا! تنهنجي سڏ ڪان ڪو لنوائي ڪيئن سگهي،
تو جڏهن سڏيو تہ هرڪو تيار ٿي بيهي رهيو.

شان سان راهي آ راشد! دار ڏي ديوانگي،
وقت جو منصور آ نعرو هڻي بيهي رهيو.

●

مان ننڍڙو ڪچھ سُوتن جھڙو،
تون آن شاھ بلوطن جھڙو.

هُو جڻ اعليٰ ذات برھمڻ،
هُن لئہ آنءُ اڇوتن جھڙو.

ڪوڪو ماٺھو آڪَ جي انبڙي،
ڪوڪو منڙو تُوتنَ جھڙو.

هاءِ چنيسر! ديس ڦرائيئي،
ڪم ڪيو تئي جُوتن جھڙو.

آدمزاد لڳين ڪاتي ٿو؟
يؤُ ڦهلائيئي يُوتن جھڙو.

مٿيءَ- هاٺو ماٺھو آهيان،
پائن ساڻ پيوتن جھڙو.

راشد! دنيا ۾ نہ وٺيو ڪو،
سنڌوءَ جي تہ سپوتن جھڙو.

●

Scanned with CamScanner

هي بہ هڪڙو زندگيءَ جو مرحلو پُورو ٿيو،
آسرو پورا ٿيو ۽ ڀروسو پورو ٿيو.

سڀ سنڌءِ انجام ڪُوڙا نيٺ ثابت ٿي ويا،
ڪوبہ هِڪُ تنهنجو نہ جاني! واعدو پورو ٿيو.

وقت هي دلسوز ۽ انسانيت آزار هو،
ٿي ويو پورو مگر ڏاڍو ڏکيو پورو ٿيو.

اي زمانا! تون بہ هاڻي ياد ڀيو هر هر ڪندين،
مان رهيس ثابت قدم، هر حادثو پورو ٿيو.

جنهن سوا هڪڙي گهڙي گهارڻ بہ مشڪل ٿي لڳي،
رابطو تنهن سان ختم، هر واسطو پورو ٿيو.

التجا اکڙين جي پڙهندو هُئين اُهو پي وقت هو،
سوال دل جو هرڪو پئي ٿي اڄ گهريو پُورو ٿيو.

نوجوانو! وِک وَڌايو، قوم جي خدمت ڪريو،
دوُر راشد جو تہ هاڻي دوستو! پورو ٿيو.

يار سان انجام آهي شام جو،
شل سچو ثابت ٿيان انجام جو!

تنهن پرينءَ جي پيار تان صدقي ٿيان،
جنهن مُکو آ پرزڙو پيغام جو.

شام جلندي شمع، پروانو اچي،
جو بہ عاشق آهہ ان جي نام جو.

رت ڏيڻ جي لئہ ملان کي تا چون،
هوُ تہ عاشق آهہ تازي طعام جو.

خير گهرجي بنگلي ۽ ڪار جو،
رئيس کي الڪو نہ آهي عام جو.

مون مڃيو شاعر ٿيا پيغامبر،
ڪوڙ ڪونهي ڪو مٿن الهام جو.

اي ميان! فتويٰ جا صاحب مان بہ هان،
نوڙ وجهہ منهنجي ڳچيءَ الزام جو.

رات ساريءَ جو تيو تڪ راشدا!
خيال گهرجائو تيو آرام جو.

●

Scanned with CamScanner

انُن کي تو کپي لاٽو ۽ گهوڙن کي کپي داڻو،
کنئين مشتاق نيزاري ۽ محبوبن وري ماٺو.

مڃي پاڻيءَ سوا ۽ گل سوا خوشبوءِ ڪيئن رهندو؟
پرين پاڙي اسان جي ۾ اچي اڄ، يار آڏاٺو!

اوهان ٿا دور سمجهو، پر اسان ڪافي قريب آهيون،
وڃايو ڏاند جو چاڪيءَ، گهمي پيو تو اُهو گهاٽو.

اسان شاهي ڪنداسون ٻئي نڪي پرڙ اگهه چڙهنداسين،
تماچي تون ته مان نوري نه مان مومل نه تون راڻو.

نٿا سمجهي سگهن ماڻهو، متو منهنجو فقيراڻو،
اسان جو خيال شاهاڻو، زمانو ذهن ٻاراڻو.

دنيا وارا نٿا ڄاڻن، عجائب رمز رندن جي،
اوهان کي ٿا اسان سمجهون، اسان کي ٿا اوهان ڄاڻو!

اسان ٻئي کير کنڊ آهيون، اسان ٻئي چنڊ چاندوڪي،
تيس مان لار ماکيءَ جي ته تون آهين مکڻ چاڻو.

اسان جو مُنهن سدا ٻهڪيو، مصيبت ۾ نه ڪُوماڻو،
پڇي تيو لال جيڪو ڪاله تي ڪوري اندر ڪاٺو.

اهوئي مرد آ راشد! وطن جي لئه وڙهي جيڪو،
وڙهن جي پاڻ ۾ ٿا تن جو جهيڙو آهه زالاڻو.

●

جيترو تُنهنجي ڪري مون بارُ ڍويو هو،
اوترو ئي تو گهٽو مون کي ڏکويو هو!

اڄ اکري فائلن ۾ تو لکي جاني!
هر دفعي مون نُور پئي ڪيڏو نچويو هو.

خط ڪري پُرزا، پُڇين ٿو حال دل هاڻي،
خط انهي ۾ خيال مون سارو سمويو هو.

تنهنجي گڏ هوندي نه ٿي ڪنهن تي ٻُڌي اک پر،
سات تو ساٿي ڇڏيو سو لوڪَ لويو هو.

ڪا سجاڳي ڪانه هئي هارين غريبن ۾،
هاريي واري کي ٻچندو هِڪ نه ٿويو هو.

دوُر سنڌي ادبي سنگت جو هُيو بهتر،
سيڪريٽري مرڪزي جڏ **تاج جويو** هو.

دير ڪيئي، گُل ويا ڪومائجي دلبر!
توکي پائڻ لاءِ راشد هارُ پويو هو.

●

---

ٿويو = مڻ جي چوٿين پتي.

امانت ڪري دل ڏيان آن، ڪنهن کي، امانت ۾ ٿيندي خيانت ڏسان ٿو،
وڏي ويئي ماڻهن ۾ مطلب پرستي، محبت ۾ ڏاڍي ملاوت ڏسان ٿو.

ڏسي ٿو هہ سهڻا چڪڻ تي چوي دل، مگر ذائقي ۾ ڪَڙائي پريل آ،
چمڪ ظاهريءَ تي نہ سهڻن جي هِرڪو، انهن جي اندر ۾ عداوت ڏسان ٿو.

ڏکن ڏوجهرن ۾ ڏين ساٿ مشڪل، مزن محفلن ۾ ٿين پاڻ شامل،
جتي سهنج آهن اتي سونهن وارن، ڪئي آهہ سِرَ جي سخاوت ڏسان ٿو.

يلي روشني ڏي قدر ڪونہ ٿيندءِ، حسينن کي تو ۾ نظر داغ ايندا،
اجايو ٿو چمڪين، الائي تہ ڪنهن لئہ، اڙي چنڊ تو ۾ بہ چاهت ڏسان ٿو!

جڏهن دوستي تي ڪماليت کي پهچي، تڏهن تي انهي جي زواليت شروع ٿئي،
وڌائج نہ راشد! تون قُربت ڪنهين سان، قرابت جي پويان رقابت ڏسان ٿو.

●

لڳي توکي شايد عجب، تي سگهي ٿو،
وڇوڙي ۾ کو جان بلب تي سگهي ٿو.

جتي ساري دنيا جو غم سانڍي رکجي،
رڳو هڪڙو منهنجو قلب تي سگهي ٿو.

ڪئي عقل آ تيز رفتار ترقي،
نہ حق هاڻ ڪنهن جو غضب تي سگهي ٿو.

منهنجي دل مٿاهينءَ جي منزل تي آهي،
اتي قومي جهنڊو نصب تي سگهي ٿو.

نہ ٿو اچ خوشيءَ کان تہ ڪپڙن ۾ ماپان،
اوهان جي اچڻ جو سبب تي سگهي ٿو.

اسان سوگوارن جي گهر ڏانهن سائين!
اچين تون تہ عيش و طرب تي سگهي ٿو.

حياتي پئي پنهنجي سورن ۾ گذري،
ملي هُو تہ سوکو جنب تي سگهي ٿو.

وٺي نانءُ تنهنجو وضوءَ کان سوائي،
نہ راشد ڪڏهن بي ادب تي سگهي ٿو.

●

عاشق جنھن بہ قطار ۾ بيٺا پنھنجو پاڻُ ڳڻائي ڇڏبو،
پيار ڪرڻ کان پاڻ نہ پلبو، لسٽ ۾ نانءُ لکائي ڇڏبو.

چاھُہ اسان جو چقمق جھڙو، جي نہ ڪشش تي ڇڪجي آئين،
ڪوٺو رُپيو سمجھي توکي، پاسيرو اُڇلائي ڇڏبو.

سونو ھار غلاميءَ وارو، ڳل ۾ پائڻ کان اڳ يارو!
ڦاسي کائڻ لئہ ٻَڪ سمجھو، ڳل ڳيراھو پائي ڇڏبو،

سِر جو سانگو لاھي، سينو ساھي، وچ تي ڪاھي پئبو،
جَلندڙ جَوءِ بچائي ونبي، ٻرندڙ مَچُ اُجھائي ڇڏبو!

ڏاڍُ چوي ٿو: ڏاھن کي اڄ، گھاڻن ۾ پيڙائي ڇڏبو،
ھوش چوي ٿو: ڳڻتي ناھي، ھيٺن کي ھمٿائي ڇڏبو.

وقت مقرر کان اڳ راشد! پنھنجو ڪم اُڪلائي ڇڏبو،
واندو ٿي پو سونھن پريءَ لئہ سُرھو ھنڌ وڇائي ڇڏبو.

●

چَپَ چاهه ڪان محبوبَ جو ڳل روڪجي ويو،
پڪ سمجهه تہ تخليقي عمل روڪجي ويو.

پَوٽو جو هُيو خيال ۾، رُخ ڍَڪجي وڃڻ سان،
هُنَ زلف هٽايا تہ خلل روڪجي ويو.

ويڄن ۽ عزيزن تہ ڇڏيو آسرو لاهي،
ڊوليو جو اچي ويو تہ اجَل روڪجي ويو.

يونين ۾ اٿڻ عهديدار اچي ويا،
هر مسئلي مشڪل سندو حل روڪجي ويو.

هُن چڙب ڏني، لڙڪ ڪرڻ تي ها، اچانڪ،
پڇتاوَ تي ئي ردِ عمل روڪجي ويو.

اشد ڏي ڪنيا مُرڪي سڄڻ نيڻ غزالي،
پورو نہ ٿيو وچ تي غزل روڪجي ويو.

●

Scanned with CamScanner

ارادو اڄ اٿئي شايد وڃڻ جو!
ڪري وڃ واعدو واپس ورڻ جو.

اي منهنجي شمع محفل رهج روشن!
پتنگن پهہ ڪيو آهي پچڻ جو.

ڇڏيان تنهنجي پچر ڪيئن مان پيارا!
اوهان سان نينهن آهي نڀڻ جو.

اسان جي آهہ ۾ اهڙو اثر آ،
جگر تي چاڪ سگهندو آ پئڻ جو.

غريبي حال تي ڪو پال ڪر تون!
سقيمن ۾ نہ آ معدو سهڻ جو.

سهي ڪر راز دل نيٽن منجهان ئي!
زباني آهہ ڪم ڪهڙو ڪڇڻ جو.

نندي کان ئي سبق ازبر ٿيو آ،
اوهان کي غم ڏيڻ، مون کي وٺڻ جو.

رئاري ڪير پر تُنهنجي ڪري ئي،
ٿيو قائل سندءِ راشد رئڻ جو.

پرينءَ جي ڪاش! پيرن ۾ ڏيان ها سر تہ بهتر هو،
هجي ها يار مقتل ۾ هُتي حاضر تہ بهتر هو.

نہ ماري ها مون کي اهڙي طرح ڪافر تہ بهتر هو،
هجي ها ڪين سهڻي جي ڳڻتي تي ترُ تہ بهتر هو!

نٿو محبوب پاڻئي ۽ زماني ۾ گلا تي پئي،
ڪيان ها عشق پنهنجي کي نہ جي ظاهر تہ بهتر هو.

ٻين کي واڳ ڏئي پنهنجي ٻٽيس ٻيوس ۽ ويچارو،
رهي ها ٻيو نہ ڪو دل تي ائين قادر تہ بهتر هو!

ملي سچ جي سزا آهي، خوشيءَ سان پوڻي پوندي،
ٿيان ها ڪين اي راشد ادا! شاعر تہ بهتر هو.

●

Scanned with CamScanner

لڳي جا چوٽَ آ تنهن کي نظر انداز ڪرڻو پيو،
زماني سان دل پنهنجيءَ کي آخر ساز ڪرڻو پيو.

نہ اوري ڇانوَ پاڇيءَ جو، سهارو ڪو مليو تنهن لئہ،
پکيءَ دل جي کي اڄ آهي، پري پرواز ڪرڻو پيو.

پُراڻي پرت پَرَ ساهي، وئي پڇري منجهان اُڏري،
نئون آ نينهَن نعري جو، وري آغاز ڪرڻو پيو.

جڏهن بازن جي بستيءَ ۾، مون کي رهڻو پيو آهي،
ڪبوتر دل کي ڪوشش سان آ شهباز ڪرڻو پيو.

ڪيائون ڪين ڪَنَ سَرلا، ٻُڌي ٻوڙن نہ تي ٻولي،
تہ پنهنجي بانگ جو بيشڪ بلند آواز ڪرڻو پيو.

چڙهيو منصور ڦاهيءَ تي، اناالحق جو هڻي نعرو،
رکي راشد سُنت زنده تہ ظاهر راز ڪرڻو پيو.

●

# رديف (ھ)

چاهجي چانڊاڻ کي تو چنڊ کي انڪار ناھ.
جت مِڙن پيئونرا نہ خوشبو تي، اهو گلزار ناھ.

چون ٿا تارُو تري تو ۽ ٻُڏي تو پڻ اُهو.
جنهن ڪڏهن ڏک ناھ ڪاڙو، سو تہ سائين سوار ناھ.

پاند آندم نيٺ پالهو هاءِ! پيٽ ڪان پني،
مُلڪ سارو منگتو آ، ڏيهہ ۾ ڏاتار ناھ.

سادگيءَ مان مات کائيندڙ انهن کي سمجهجو،
گفتگو غازين جيان ڪن ٿا، مگر ڪردار ناھ.

خود ثنا ماڻهوءَ کي ڪو انسانيت لئہ پيار ناھ،
خود مطلبي، دوستو! ڪنهن جو بہ ٽيٽو يار ناھ.

ڏِسُ مريضن جو طبيبن کي نہ آهي ترس ڪو،
ڪو بچي تو يا مري تو، ويج کي ويچار ناھ.

دوستو! بيسود هي آهي حڪيمن ڏي هلڻ،
جو تہ اهڙو ويج ناهي، خود بہ جو بيمار ناھ.

گل سجائج خيال سان بنجي نہ گلدستو خراب،
راشدا! هوشيار، هرڪو گل بہ خوشبودار ناھ.

●

هڪڙي آفت وئي تہ مٺاهون ٻي ڪا شامت آهہ،
صحت سلامت ڪيئن رهي، جي عشق سلامت آهہ.

مير ۽ ملان، پير ۽ پينو، پيار ڪان پالهو ناهہ،
قرب جي ڪاٿ ۾ ڪئين، رڳو مون تي نہ ملامت آهہ!

هُن جي هُو جاٽي، تون پيارا! پنهنجي توڙ نڀاءِ،
ياري لائي توڙ نڀائڻ، شان شرافت آهہ.

حاتم جي تربت کي هڻ لت، مون کي پاڪر پاءِ!
دنيا کي ڏيڪار تہ سهڻن ۾ بہ سخاوت آهہ.

هاڻ زمانا! ڏار ڪندو ڇا تُنهنجو ظلم ۽ زور،
توکي ڪهڙي ڪل تہ هيءَ چرين جي چاهت آهہ.

ورتو آهہ اسان جي هر دم ڏک ۾ ڏيل قرار،
حيف انهن کي جن پئي ڳولي، سک ۾ سامت آهہ.

شان وڏي سان دل منهنجيءَ ۾، درد جي دعوت آهہ،
پاڻ کي راشد يار! سدائين رنج ۾ راحت آهہ.

●

Scanned with CamScanner

سڀ چون ٿا ڪر ڪٽي تون حالتن سان هاڻ ٺاھه،
پر مون کان ٿيندو نہ ڪڏهين سچ لِڪائڻ جو گناھه!

پل سهي سنيري، سياڻا سيبتا، سوريءَ چڙهو،
عاشقن لئہ هر گهڙي آ هرگهٽي قربان گاھه.

آنءَ پاهڻ تي جيو آهيان ۽ جيٽو آ اجا،
لالچون آڇيومِ جو ٿا عيش سان ڪونهيمِ چاھه.

اڄ ڏنم مرٽينگ هڪ مزدور جا ٻچڙا ٻکيا،
جو رزق ڏئي ٿو سين کي، سو ڪٿي آهي الله؟

بُک ۽ بيروزگاريءَ، پيار کان پاڻهو ڪيو،
نوڪريءَ ڪارڻ ڇڏيومون، ناز پرور سان نباھه.

خواب خوشين جا ختم ٿي ويا خساري ۾ پئي،
صبح سانجهيءَ پيا ڳهون ٿا، ڳُٽتين جو هاڻ ڳاھه.

راشدا، ڏک آھه جو پرپٺ پيا تنقيد ڪن،
روبرو جي شعر منهنجي تي پيا ڪن واھه واھه!

●

جي جلايوتا، جلايو آشيان منظور آهه،
عاشقن کي عشق جو هر امتحان منظور آهه.

ڪين بلبل پنهنجيَ گل کان پل رهي سگهندي پري،
باغ ۾ باندي ٿيڻ اي باغبان! منظور آهه.

سون تي سيٽڻ مٽڻ جو مون سبق سکيو نہ آ،
اَڄ مان آخر عُمرَ جي ڪيئن چوان منظور آهه.

مڙس تي رهجان، مرڻ منهنجي پڇاڻان اي ڀڇا!
ظلم جي فرمان تي تون چئين متان، "منظور آهه"!

'اي پتنگو! اڄ پڇڻ جو، جي ڪيون ٺهراءِ پاس؟'
شوق سان گڏجي چيو سيني: اسان، منظور آهه.

عيش عشرت جو ڏهاڙو، ڏوهه ۾ سمجهون شمار،
جُهد جاري هڻ هٿان ۽ وٺ وٺان منظور آهه.

موت مردن جو رِليءَ ۾ ٿئي تہ راشد! حيف آهه،
ويڙهه ۾ وڙهندي پلي وڃجي وڃان منظور آهه.

●

# ردیف (ع)

ڇا ڇا ٽيو مون سان مٺا! توکان ڇڄڻ کان پوءِ،
ابتر ٿي ويو حال آ، وڇڙي وڃڻ کان پوءِ!

صدقي تون پنهنجي سونهن جي ناراضگي نہ ڏار،
تڪليف آ پهتي گهڻي تنهنجي رسڻ کان پوءِ.

مون جيئن نہ ڪير آهہ جو سر مفت ۾ ڏيندو،
پڇتائڻو پوندءِ پرين! منهنجي مرڻ کان پوءِ.

روزن جي پنيان عيد اچي ٿي پئي ضرور،
حاصل ٿين ٿا سک سدا، ڏکڙن ڏسڻ کان پوءِ.

ڳٽتين ڳٽڻ جي لاءِ جَڙيم جيءُ جاڳ ساڻ،
دل تي ٿڌي ٿئي ذرا، شعرن لکڻ کان پوءِ.

خوابن جي دنيا ۾ بہ تو توکي ڏسان جڏهن،
ڇرکي اُٿان تو رات جو ننڊ ۾ رهڻ کان پوءِ.

مون کي آ مليو درد اوهان کي ڏسڻ کان پوءِ،
توکي ڇا مليو آ مون کان مُرڪون کسڻ کان پوءِ؟

ڪائي بي سمهن ٿا جڏهن گهر جا سيئي ياتي،
ويهي رئان تو راشدا، روزي رکڻ کان پوءِ!

●

سپني کي ساپيان جو ويس ڏيکارڻ لاءِ،
وقت اچي ويو آهي پير وڌائڻ لاءِ.

گهاٽو ڌُنڌ ٻي، قوم سمهي آرام ڪيو،
شاعر در در سڏ هنئي جاڳائڻ لاءِ.

هيڏهن پيگ تي پيگ پيئي سان مست تيس،
هوڏهن ناصح آيو آ سمجهائڻ لاءِ.

ڪوٽ جي ڪالر تي ڇو سُرخ گلاب هنيئي؟
لب ئي ڪافي آهن ڏيانُ ڇڪائڻ لاءِ.

آزادي آئي تہ بهار ختم ٿي ٿئي،
موسم سويا پَرَ پاسي بدلائڻ لاءِ.

هيڏهن دم پرواز ٿيو آ راشد جو،
هوڏهن تياري آهي جشن ملهائڻ لاءِ!

●

Scanned with CamScanner

سجڻ! سخت دل تي وساري ڇڏيئہ!
مون کي ڏسَ تہ ڪنهن جي سهاري ڇڏيئہ!

پَري جامِ محفل مان اُٿئين مگر،
اسان ڏي نهاري، پو هاري ڇڏيئہ!

اکين رُئندي رئندي ڪلايئہ پئي،
هينئر ڪلندي ڪلندي روئاري ڇڏيئہ!

نڪي ننڊ آئي، نہ ڳوڙها سُڪا،
جو اڌ رات پر ڪان اُٿاري ڇڏيئہ!

ڪٺي تيز نظرون، جو مون ڏي ڏنئہ،
نگاهن جي اثرن سان ماريِ ڇڏيئہ!

وطن کان پَري تي غمن ۾ پئين،
اسان کي بہ ڳٽين ۾ ڳاري ڇڏيئہ!

ڇڳو تيو جدائيءَ جا صدمان ڏنئي،
تہ راشد کي ويتر سَنواري ڇڏيئہ!

●

بدلبي قسمت سندم اي شوخ! شوخي ڇڏ تہ پوءِ،
وندري ويندي طبع، نهڪر جي بولي ڇڏ تہ پوءِ.

تنهنجي هٿ کي ڇُهڻ خاطر جام تو توکان ونان،
مان پيڻ ڏيندس ڇڏي، تون مئي فروشي ڇڏ تہ پوءِ!

هُن وڏي قيمت گهُري آ، شال پورو پئي سگهان!
مون گهُريو بوسو، چيئين: سگريٽ نوشي ڇڏ تہ پوءِ!

قوم مجموعي مفادن لاءِ تي توکي سڏي،
مان بہ گڏ توسان هجان، سياست گروهي ڇڏ تہ پوءِ!

وهم تنهنجي گهر منجهان نڪري سگهن ٿا ان طرح،
پير صاحب جي مڙها! تون دست بوسي ڇڏ تہ پوءِ.

گهر ۾ گهاربندي ڪرين ٿو راشدا، سڪٽيون سڌون،
قوم لئہ ڪجهہ تي سگهي ٿو ڪي ڪوسي ڇڏ تہ پوءِ!

●

لائق ناهہ، اچو تا ساتي! مون کي لوئڻ لاءِ!
آهہ اوهان ۾ مون جيئن ڪوئي نُور نچوئڻ لاءِ؟

واٽن تي سب ويهي رهيا، ماندا تي ماڻهو،
ڪرهو بٽيس، بار برهہ جو ڳوُرو ڍوئڻ لاءِ.

خيال نہ ڪر آهين هٽيڪا، موتي جهوليءَ ۾،
سِڪَ جو ڏاڳو آهہ سلامت، ڳوڙهن پوئڻ لاءِ.

پل تہ يزيد بڻي بيهاريو، پاڻيءَ تي پهرا،
نيڻن جي نئن آهي منهنجي مُنهن کي ڌوئڻ لاءِ!

آڏيءَ اُٿيو آنءُ پني تي پيڙا پيو پَلٽيان،
ڏات ڏنو آ شعر جو رستو، خيال سموئڻ لاءِ.

ڏينهن سڄوئي محنت، سانجهيءَ ماتم پيار سندو،
راتيون ڇڻ کي آهن راشد! منهنجي روئڻ لاءِ.

Scanned with CamScanner

خوش طبع لاچار تي غم ڪاٺو پوندءِ!
ساڻ ڪان وچڙئين تہ پوءِ پڇتاءٺو پوندءِ.

دوستن جي پروسي تي ڳاٽ اوچو تو رکين،
جي اڪيلو ٿئين ڪٿي، سِر نُاٺو پوندءِ.

تنهنجي شخصيت رعب واري آهہ سنگت جي ڪري،
ظالمن آڏو وڃي ٻاڏاٺو پوندءِ.

توکي ڳهندي ٿي وڃي پئي خود پرستيءَ جي ڏُبڻ،
اِن چِڪڻ مان پاڻ کي ڪڍراٺو پوندوءِ.

قيد تنهائيءَ ۾ ڏسجان تنگ ٿي پوندين تڏهن،
جنهن ڪان نفرت تو رکين ڳل لاٺو پوندءِ!

وقت ڪاوڙ ۾ نٿو تون وات تي قبضو ڪرين،
سوچ! راشد ڪي جڏهن پرچاٺو پوندءِ.

●

Scanned with CamScanner

پرجهلو ٿي ديس جو پنيٺ وري پڙڪاءِ پاءِ!
سنڌ تنهنجي آهه ڌرتي، سنڌ جو لهُه سُڌ سماءِ.

ڏس اچي تون حال هتڙي، آءُ جوڌا، جلد آءُ!
ڪنهن جو سينو ناهه زخمي، ڪنهن جي دل تي ناهه گهاءُ.

ڪر تون مادر سنڌ جي خدمت ته خوش ٿي ڏئي دُعا،
ڏس ته مرضن ڪيئن مروڙي آهه تنهنجي مرد، ماءُ!

ڪئي گهڻي ترقي زماني، پر سنڌي ساڳيا ٻُڪيا،
ڌُور ڪر بيروزگاري، ٻُک مرڻ کان ڪر بچاءُ.

ديس جي دشمن ڪي چوڙُ، شيشو ڀڳو، خنجر نهيو،
درد وارن جي دلين تي ڪيترو هلندو دَٻاءُ!

تنهنجي نرميءَ جو ته ناجائز نفعو وٺندا رهيا،
حق جو نعرو هڻي اُٿ، هاڻ کهڙو لِڪَ لِڪاءُ!

باز آهين راشدا، پنهنجي پرن کي آزماءِ!
ڪين تو روڪي سگهي رستو سنڌ کو تيز واءُ.

●

Scanned with CamScanner

پاڻ کي سمجهاءِ پهريان، ٻين کي سمجهاءِ پوءِ،
عادتون بدلاءِ پنهنجون، مُلڪ کي بدلاءِ پوءِ!

ڪو ڪلڻ خواريءَ برابر، ڪو روئڻ راحت ٿيو،
ڳالهہ کي توري تڪي ڏسُ، ڳوٺ سان ڳالهاءِ پوءِ!

ساٿ سان سنگت ڦٽائي، سک سمهي سگهندو نہ ڪو،
رس رهائي راڄ وارن سان، ڪجان دلجاءِ پوءِ!

دانهن ڪرڻي آ أها، جا درد دل پيدا ڪري،
سُرن کي سُلجهاءِ، سهڻو ڪر، سُريلا، ڳاءِ پوءِ!

پنهنجي تاريءَ جو ترَي ٿو، تنهن کي ’ويچارو‘ نہ چؤ،
تيار ٿي حملي جوابيءَ لئہ لفظ ورجاءِ پوءِ!

نيڪ نيتي ناهہ لڪندي، نيت ظاهر ٿيو پوي،
اول سينو صاف ڪر، راشد سان ياڪر پاءِ پوءِ!

●

Scanned with CamScanner

خون ناحق جن ڪيا، سي ڪيئن چوان غازي ٻُڌاءِ؟
اي پرين پيارا! انهن کي ڪيئن ڦبي بازي ٻُڌاءِ.

مون جڏهن موسيٰ سڏائي، ڪنئي عصا آهي ڏِگهي،
وقت جي فرعون آڏو ڪيئن ڪيان آزي، ٻڌاءِ؟

چو ڪمانن مان پرن جي ڪانَ ٿو ڦهري هٽين؟
وات ويندن تي ڪيئي چو تير اندازي، ٻڌاءِ؟

ناز پرور ناز ڪر پر نياز وارن کي بہ ڏِسُ!
ڪنهن کي اي سهڻا! نهي ٿي، ايڏي بي نيازي، ٻڌاءِ؟

چو ڪُماڻل گل جيان محبوب منهڙو آ سنڌ،
چا، طبيعت ۾ ڪا آهي يار ناسازي، ٻڌاءِ؟

’جان عالم، انجمن آرا‘ قصا ٿي ويا ختم،
اڄ اڇي راشد! اسان کي شاعري تازي ٻڌاءِ!

●

ڇهن ورهين جو ڇوڪرڙو ۽ سخت سيارو سيءُ،
پنڌ وچي پيو پيٽ اگهاڙو، جنهن جو ماءُ نہ پيءُ.

جيڪي چورن جي ناني ۽ پڻ پاتاريدار،
سي ڪيئن مال ڏين موٽائي، حال جنين جو هيءُ!

سڻ اي فصل ٻنيرا، پنهنجي مطلب جا تہ مُريد!
پنيوري يا مَکِ کان بهتر آهہ تہ پيئونرو ٿيءُ!

جيءُ ڇوان مان، جيءُ چوندن ڪي، جيءَ ۾ ڏيندس جاءِ،
چوندو ڇا جي لاءِ کهين ڪي، ڦوٽ پُنيان ڪو جيءُ!

هوڪو آهہ هتيءَ جو تنهنجو گاريون ۽ ڦٽڪار،
منهنجي محنت لاءِ اوهان جو آهہ اجورو ايءُ؟

تنگ ڪيو آهي دنيا جي ڇيهن ۽ ڇڪتاڻ،
شايد هاڻ سهارو ڏيندي ڏاک - ٻَريءَ جي ڏيءُ!

●

# رديف (ي)

مَهل هِي محبوب تُنهنجي موڪلائڻ جي نہ هُئي،
راهَہ ڪا مون وٽ رهي، توکي تڪائڻ جي نہ هئي.

منهنجا جذبا ئي اصل نازڪ هُيا، ٺُڪرا ٿيا،
مان مڃان ٿو تنهنجي مرضي، دل ڏکائڻ جي نہ هئي.

هُنَ مون کي موقعو ڏنو، احوال دل اوري وٺان،
ها! مگر مون ۾ تہ شڪتي غم ٻُڌائڻ جي نہ هئي.

پلڪ ۾ ٿي ختم ٻاونجاهہ سالن جي خوشي،
هِن عُمرِ ۾ ڪابہ طاقت چوٽ کائڻ جي نہ هئي.

سالها سِڪندي وڃي مس سهنج جو پاسو مليو،
دل رهي سَرَهي سا مرضي درد ڏائڻ جي نہ هئي.

اڄ! عمل جي لاءِ توکي ساٿَ هو ساٿي سَڏيو،
هيءَ گهڙي راشد پرين! تصور پچائڻ جي نہ هئي.

●

Scanned with CamScanner

ختم شام جو ھي پھر ڪيئن تو ٽئي!
خبر ھوندي ھُو بي خبر ڪيئن تو ٽئي!

ڪُلھي غير جي تي رکي ٻانھن، پڇيئين،
تہ ”خوش آھين؟ اڄ ڪلھہ گذر ڪيئن تو ٽئي؟“

پڳل آھہ گاڏي، ڦِٽل آھہ رَستو،
ھِن حالتن ۾ سفر ڪيئن تو ٽئي.

چڙھي ھاڻ ڇت تي اچي ڏس تماشو،
ڪُھڻ منھنجي لئہ گڏ، شھر ڪيئن تو ٽئي!

نہ سڌرين ڪي ڪا ڄاڻ ھوندي اي سائين!
ڪُسي عشق ۾ ڪو امر ڪيئن تو ٽئي.

حقيقت نہ سمجھيم، سو حيران آھيان،
ھي معصوم دل جو پٿر ڪيئن تو ٽئي.

نہ عاشق ٿِئين ۽ نڪا سمجَھہ آيئي!
عطر جھڙو ڪنھن جو پگھر ڪيئن تو ٽئي.

ڏسي ڪنھن کي رُئندو پريشان آھيان،
تہ ٻُوندن مان راشد! بحر ڪيئن تو ٽئي.

●

وڻ ٻري ويندا سڙي، ڏونگر ڏري هِن آهَہ تي،
جڳ جلائڻ نيڪ ناهي، تيءَ راضي ناهہ تي!

اڄ سياڻي موت ايندو ۽ وٺي ويندو مون کي،
مل منا محبوب، ڪونهي، ڀروسو ڪو ساهہ تي.

ياد تنهنجي ٿي ستائي. پر نہ توکي خيال ڪو.
هاءِ! جو عاشق ٿيس بي غرض بي پرواهہ تي.

و'ــ ريدن ساڻ عاشق دل لڳائڻ آ غلط،
جي لڳي وئي آهہ تا پڇتاءُ ڪهڙو چاهَہ تي؟

شال! سوچين تون بہ منهنجي، اي منا ويساهہ تي،
ڀروسو آهي ڪيو مون، تو حسن جي شاهہ تي.

پٽ ڏٺيءَ جو آهہ ميلو چوڏهين تاريخ تي،
اڄ پرين گڏجي هلون هئي، شاهہ جي درگاهہ تي.

بس اجهو آيو ڪ آيو، جانُ آيو هاڻِ هُو،
راشدا! وينو رهان تو، آسري ۾ راهہ تي.

●

Scanned with CamScanner

ڇڏي ڏي شوخ، لاغرضي، مجي ڇڏ منٿ زاريءَ کي،
نہ پهچان بي وسيءَ کان مان، برهہ جي بيقراريءَ کي.

صبح کان شام ٿي ويئي، اسان جو سر، اوهان جو در،
لڳي ويا چار چنڊ آهن، اسان جي انتظاريءَ کي.

ڪٿي آئي آ فصلِ گِل مٺا پيغام مسرت جو،
اوهان رهيا ڇا ڪريان محبوب باغن جي بهاريءَ کي.

پرينءَ جي پيار ئي مائل ڪيو مون کي چريائيءَ ڏي،
نہ ٿو ڪا چيز مان سمجهان ملامت يا خواري کي.

ٿيا مغلوب اڄ اغيار مون سان ٿي مدد تنهنجي،
وساريندس نہ مان ڪڏهين اوهان جي غمگساريءَ کي.

اسان جي طبع تي پوندڙ ملن ٿا دوست! خوش ٿيون ٿا،
سدائين ياد ڪريون پيا ڪچهريءَ ڪيف واريءَ کي.

زماني ۾ عزت کان وڌ نہ پياري چيز آ راشد!
ڪريان ٿو يار تان قربان پنهنجي چيز پياريءَ کي.

●

Scanned with CamScanner

ان ڪري ئي مون پڇا ڪئي دار جِي،
طلب آهي دل ڪئي ديدار جي.

مُرڪندي ڦاهيءَ ڦندو ڳل ۾ وڌم،
چو تہ خواهش آ ٻڳچيءَ کي هار جي!

تي سگهي ٿو ڪاميابي ماڻجي،
آس آهي سونهن جي سهڪار جي.

پاپ هُن جا سڀ ڪٿي پڌرا ڪجن،
ڪاش! آزادي هجي اظهار جي.

لڙڪ ٻٽيا نيڻ صورت لار جي،
تار ويئي ٽاٽجي آ سارَ جي.

گل ڇهڻ جي ايءَ سزا راشد ملي،
نوڪ آڱر ۾ چُڀي وئي خار جي.

●

سونهن کي ڳاءِ مداحن وانگي،
اي دل! چرين چاهن وانگي.

تنهنجي ديس ۾ آيو آهيان،
ڏينهن ٻه چار سياحن وانگي.

جوڙ اهو ٻه ٽُتي وڃٽو آ،
غير فطرتي ناهن وانگي.

ماڻهوءَ جو هِت مانُ اهو آ،
روز ٿو وڃجي گاهن وانگي.

آهه وجود غدارن وارو،
ڌرتيءَ لاءِ گناهن وانگي.

ساهه سلهاڙي سات سچي سان،
ڏات ورهايم ڏاهَن وانگي.

هير سڌير ڪري وئي دل کي،
تُنهنجي سُرهن ساهن وانگي.

ڪيسيتائين رليءَ ۾ رهندين،
مُنهن ويڙهي تون چاهن وانگي.

راشد! قوم جي ڪشتيءَ کي تون،
پار پڄاءِ ملاحن وانگي.

●

گهر ۾ پيو گهوٽالو آهي،
تُنهنجي چَپ تي پيالو آهي!

ساٿين جي نہ صلاح سُٽين تو،
ڏاهپ جو ڏيوالو آهي!

مون کي چيئن تو موتيا آڻيان!
هُن جي هٿ ۾ پالو آهي.

سهڻا پيا بہ گهڻا دنيا ۾،
تنهنجو ڍنگ نرالو آهي.

سونهن جي وصفن تي او سائين!
لکيو مون بہ مقالو آهي.

مند ملڻ جي موٽي آئي،
ڪيڏو ڏس تہ جهُڙالو آهي!

آءُ تہ بڻي موسم کي ماڻيون،
رُتِ جو رنگ نرالو آهي!

ايڏي تو ۾ آس اسان جي،
جيڏو تنهنجو نالو آهي.

راشد تي ڪو رحم نہ آيئي،
ڏس معصوم اپالو آهي!

●

نيڪ نہ آهي مغروري،
يار منهنجي ڏِسُ مجبوري!

منهنجي چريائپ کي ڏَک ڏي،
تنهنجي ٿيندي مشهوري!

تنهنجي اکڙين مست ڪيو،
آب نہ پيتم انگوري.

تون مان آهيون سنڌ اندر،
ڄام تماچي ۽ نوري.

تُنهنجي آئي عيد ڪيان،
دل جئ آس ٿئي پوري.

خوشبوءِ جي لئہ ڪوڙ مِڙيا،
زلفن ۾ ڇڻ ڪستوري.

سڪ کي پنڌ نہ آهہ پرين!
ماريندي نہ مون کي دُوري.

راشد کي تہ ازل کان آ،
پيار ڪرڻ جي منظوري.

●

Scanned with CamScanner

منهنجي پر مان گذري تہ مُرڪي هلي وئي،
الائي اڪين ساڻ ڇا چئي هلي وئي!

نہ ڄاڻان ڇو پُلجي ڪيئي ياد مون ڪي،
تنهنجو نانءُ ورتم تہ هڏڪي هلي وئي.

سڄا خيال شيشي جيان چُور ٿي ويا،
لکڻ مس وينس تہ بجلي هَلي وئي.

ائين هنڌ جا گُهنج چُغلي هڻن ٿا،
منهنجي لاءِ ترسي هُو ڪَڪ ٿي هلي وئي.

وڃي هُن جي خُوشبو ڪٿي آئي آهي،
هَوا منهنجي جذبن کي سمجهي هلي وئي.

زماني جي رسمن تي سوچي اي راشد!
اکيون پيس ڇُلڪي تہ روئي هلي وئي.

●

اي هاءِ خزان! صد حيف هجئي، تو سونهن لُٽي گلزارن جي،
رت پيئي رُئاري بلبل کي، هر ساروٽي تہ بهارن جي.

ڪيئن وچڙي ويون چانديءَ تارون، جن سونهن گهٽائي زلفن جي،
ڪنهن وقت تہ واقعي رات هئي، هِت ڪارن ڪارونيارن جي.

چهرا جي اُهي تو زرد ڏسين، سي ڪالهہ ائين پيلا نہ هُيا،
ڇا ڳالهہ ڪيان مان ڳلڙن جي، تن ڳاڙهسرن ڳردارن جي.

ڪجهہ ساهہُ لڪيءَ ۾ هَو اٽڪيل، مُنهن ڏسڻ جو هَو اطلاع ڏنل،
هِت روح پئي ڪاڏيون هِڇڪيون، هُت سوچ هئي سينگارن جي.

هِن عشق اسان سان ڇا نہ ڪيو، هِن پيار اسان ڪان ڇا نہ ڪسيو،
اڙيون اکيون اُت اي راشد! جت جاءِ نہ مجنونءَ پارن جي.

●

صبح سويرو نڪتو آهيان، ويو آ سج لڙي،
سچ ۽ سونهن سهيڙيان پيو ٿو، سارو ڏينهن سڙي.

دوست نوان در پيٽن تا، من حاصل ٿئين سُڪون!
پاڻ اتي ئي آهيون جاتي! پهريان اڪ اڙي.

دردونديءَ دلڙيءَ کي ڏي ڪا دلداري دلبر!
تنهن پل پاءِ ڳراٽي جنهن پل، ڳوڙها پون ڳڙي.

لوهه جي سيرن کان بهتر آ ساتي سونَ رتي.
جاهل ساڻ حياتي ساري، سالڪ ساڻ گهڙي.

ساهي ڏي اي سُور! ڪري ڪا پل ڪن اک ڪڙي،
مَسَ مَسَ هاڻ سُتو آ راشدُ ساري رات رڙي.

●

Scanned with CamScanner

ٻَوان ڀُلجيو ڪٽيندي سؤُ نہ ٿو ٿئي،
الائي ڇو ڄُمين مان ڊؤُ نہ ٿو ٿئي!

اوهان جي عشق ۾ خوش باش آهيان،
مون کي ويجهو ڪڏهن تپ تؤُ نہ ٿو ٿئي.

ملڻ لئہ رات جو موقعو ڀلو آ،
دفع جو ڏينهن جو هؤُ مؤُ نہ ٿو ٿئي.

اڙانگي راهہَ آهي عشق واري،
مگر مون کي ڪڏهن ڪو ڀو نہ ٿو ٿئي.

شڪيءَ کان شوم بهتر آ، چون ٿا،
سگهو ئي ڪم جي باري ڇؤُ نہ ٿو ٿئي.

پرينءَ راشد! پياري رات جو مئي،
ختم ٿيو ڏينهن پرگهٽ مؤُ نہ ٿو ٿئي.

●

Scanned with CamScanner

ڪڏهن تلوار ڪم آئي ته ڪڏهين تير ڪم آئي،
ڪري ٿو ڪيسُ اڪڙين جو عجب تاثير ڪم آئي.

حسن يوسف به هو ليڪن، مصر ۾ عقل جيتي ويو،
ڪيائين بادشاهي خواب جو تعبير ڪَم آئي.

پنهنجي هٿ جي لکيل تحرير يا تصوير ڪا تنهنجي،
اهو ڪي ڏيار غم وبلي. ڪٿي دلگير ڪم آئي.

پنهنجي هر قول ۾، هر فعل ۾، هر جاءِ هڪجهڙو،
اڃا ڪو فرد آهي، جو سدا سچ سير ڪم آئي؟

ڪچهري ڪيئن ڪجي توساڻ جو ڳالهين ئي ڳالهين ۾،
ختم حيثيت ڪيئي منهنجي، اسم تصغير ڪم آئي.

نڪي اعمال بهتر ۽ نه آهي عِلم جو گوهر،
وڏن جي ڳالهه بيٺل ڪي پيو ٿو پير ڪم آئي.

تڏهن ئي ساهه سک جو هُو ڪٿي سگهندو زماني ۾،
پنهنجي آزاد حيثيت ڪي جڏهن ڪشمير ڪم آئي.

حياتي آهه سڦلي هاڻ ان جي ئي غلاميءَ ۾،
ڪيو جنهن قيد راشد زلف جو زنجير ڪم آئي.

●

Scanned with CamScanner

تو يارُ يارُ ڪريان، پر آهہ يارُ ڪاٿي،
مطلب جي آهہ دنيا، محبت، پيار ڪاٿي.

لاهي ڇڏيو ڇپائين، بوسي جي آرزو بس!
مان هُئس تنهن حَوس ۾، پر اختيار ڪاٿي.

دل جا زخم پَسايان ۽ حال دل سُڻايان،
ڪَن ٻُڌڻ لاءِ ۽ اِڪ با اختيار ڪاٿي!

مجلس نہ بزم جي آ، ساقي نڪو صُراحي.
مئخوار مُرڪندا پر، مئي خوشگوار ڪاٿي!

گل جي حسن فروشي، ڪندن جي ديس ۾ ٿي.
مون ڪي ڏسيو تہ آهي، زردارُ خار ڪاٿي؟

ڪشمير منجهہ ويهي، ڳالهيون بهار جُون ڪر،
سنڌڙيءَ ۾ آهہ ساوڻ، ليڪن بهار ڪاٿي؟

سمجهو هئم تہ شايد مرندس تہ چئن ايندو،
ليڪن قبر ۾ آهي راشد، قرار ڪاٿي!

رنج تي دنيا سڄي ۾ قرب جو رستو ڪٽي،
بس رڳو محبوب منهنجو ڪين شل مُنهڙو مٽي!

مُنهن ڏئي ويندس، مخالف جي زمانو تي ويو،
ساٿ ڏي مون ساڻ ساٿي ڀاڳ ۾ منهنجو ڪٽي.

ياد تنهنجيءَ منهنجي من کي آ ڪيو اُجرو پرين!
سارَ تنهنجي ايئن سٽي ٿي، جيئن ڪٽي ڪپڙا سٽي.

جوانَ سي آهينِ جيڪي واعدن تي سِر ڏين،
مرد سو ناهي، جو مشڪل ۾ اصولن تان هٽي.

محنتي ماڻهو محبّت سان وڃي بازي ڪٽي،
ڪاهليءَ جون جو اندر مان ٿو ڇڏي پاڙون پٽي.

هاءِ! حاسد هر طرح پيو رشڪ راشد سان ڪري،
مون چُميا ڳل يار جا، چپ هُو پيو پنهنجا چٽي.

●

نڪي دعا تي لڳي ۽ نڪي دوا تي لڳي،
حياتي هاڻ ڇڻ تہ شامِ ڪربلا تي لڳي.

اڳي هر وقت پيا ٿهڪ خوب ٽڙندا ها،
ڪچهري پنهنجي اڄ تہ مجلسِ عِزا تي لڳي.

نہ جَنهن کي ڪوبہ سُٺي ۽ نہ جنهن کي موت مِلي،
اسان جي رڙ بہ ڪا صحرا سندي صدا تي لڳي.

اوهان جي زلف مسلسل جي ڳالهہ نڪتي هئي،
الائي ڪنهن تي چيو: هِي ڏکهي ڪَٿا تي لڳي!

ڏٺي آ دل جو اهو اُن سان فيصلو ڇا جو،
انهيءَ کي ڏوهہ نہ ڏي، مُنهنجي ئي خطا تي لڳي.

پيار پنهنجو انتها کي پُڳو آ راشد!
پرينءَ جي ستم ظريفي بہ هڪ ادا تي لڳي.

●

دل منهنجيءَ تي ڏس تہ اچي تون زخمن جي گلڪاري،
درد ونديءَ کي ڏيج اچي اي دوست مٺا! دلداري.

هڪ تہ وڇوڙو تنهنجو ۽ ٻي ٻُڪ جي آ بيماري،
دشمن کي ٻہ نہ شال! اچي هيئن ڏک جي ڪا ڏيکاري.

منهنجو دشمن ڪنهن بہ سبب ريءَ گلا ڪندو وتندو آ،
اُٺ رَڙندو، پو خالي توڙي بارُ ڪٺي ڪو ٻاري.

مون تہ ڪيو ڪجهہ ڪونهي پيارا! خالي آهي خواري،
مُلڪ ڇڏائيندي شينهنِ کي آخر آ ٺيڪاري.

ماڻهو، پاڻ شريف سڏائي، مون کي ٻُڇڙو ڄاڻن،
ڪاري مينهن چوي ٿي ڳئونءَ کي، ”هل ڙي تون پُڇ ڪاري“!

پاڻ اهي ناهيون، جو ڪنهن جي اوبر تي پلجون ها،
لومڙ ڪائيندو آ راشد! شينهنِ جي ٺي ماري.

●

عيد ڏيهاڙي وڏي،
ان طرح ٿاندا نہ ڏي.

ڪاش! دل وس ۾ هُجي،
مان سگهان توکي ڇڏي.

سڀ نہ هڪجهڙا ٿيا،
ڏين نہ ها گاريون گڏي.

تو مٿي تي چاڙهيو،
ورنہ هُو چا تي پَڏي!

اٿ! عمل لئہ تيار ٿيءُ،
سات تو ساٿي سڏي.

ڪيتري جاکوڙ ڪئي،
جيءَ آ منهنجي جڏي.

ڪيترا ويڙهاڻِيا،
ڏِسُ ڪُتا زر جي هڏي.

راشدا، اڄ يا سياڻ،
لوءِ مان وڃبو لڏي.

●

ڪا لالچ ناهي ساوڪ جي، هَرڻن جي هِرڻ لئه ڪجهه ڪونهي،
هن دل منهنجيءَ جي بر پٽ ۾، سهڻن جي رهڻ لئه ڪجهه ڪونهي.

بوسو نه سهي، ڪي ٻول ٻٽي، ڪا ترڇي نظر هلندي ئي سهي،
ڇو هوندي سوندي ڇيڻن تو پرين! فقرا کي ڏيڻ لئه ڪجهه ڪونهي.

افسوس عزيزن سان تنهنجي، نڀاءُ ڪرڻ ممڪن نه رهيو،
محبوب منهنجي مجبوري آ، جو ڏنڊ ڀرڻ لئه ڪجهه ڪونهي.

هي ڪئمپ آ بک هڙتالين جي، هِت ٻيڪ گهُرڻ آ بي معنيٰ،
ڪشتو ٿو ڦري سيني آڏو، ڪشتي ۾ وجهڻ لئه ڪجهه ڪونهي.

ڇو ٻار پڙهي مسڪينن جا، ڪرسيءَ تي وِهن رئيسن آڏو،
بنگلو نه نوابن جو نهيو، اسڪول ٺهڻ لئه ڪجهه ڪونهي.

بنگلو به مليو، گاڏي به ملي، عهدو به اديب کي آهه وڏو،
هاڻي نه مواد ڪٿي ويو آ، مضمون لکڻ لئه ڪجهه ڪونهي.

ٻل راشد آهي ٻانهنِ جو، اي دل! هيٺي ٻولڻ نه ڪپي،
ڇو ڇئين تي ترهو ڪونهي ڪو، درياهه ترڻ لئه ڪجهه ڪونهي!

●

هانءَ هڄندو رهيو، جوءِ جهڄندي رهي،
رت ڦوهار سان ٻُونءِ ٻِڄندي رهي.

ڪنهن ڏنو، ڪنهن چنو، ڪنهن ڪان ڪجهه به نه ٻُنو،
نوڪ خنجر جي تاريخ لکندي رهي.

جيستائين نه آئينءَ اسان جي اڳڻ،
تنهنجي تصوير اکڙين ۾ ڦرندي رهي.

هڪ گلابي ڳلن واري محبوبڙي،
منهنجي جهوليءَ ۾ رابيل وجهندي رهي.

هي نموريون ڏُکن وينا نوريئڙا،
هوءَ ٻلي جُوهه پائي آ ڏسندي رهي.

سڀ ڌهي ڍير ٿيا، نيٺ ظلمت ڪده،
روشنائي اسان ڏانهن سِرندي رهي.

راشدا، رئندي رئندي مون مُرڪي ڏنو،
وارُ دشمن ڪيو، سنڌ ڪِلندي رهي.

●

ڏينهن جو گذ هڻڻ سان خوشي ٿي ملي،
شام جو وقت آهي اداسيءَ بلي.

تيستائين ٿي ساهڙ سان سهڻي ٻلي،
ساٿُ دل سان ڏنو جيستائين دِلي.

عشق منهنجي کي تا آزمائڻ گهرو،
ڳوٺ سارو نہ پڻجي وجي ترٿلي.

تون نہ آهين تہ تصوير آهي سندءِ،
جيڪا هر وقت منهنجي اڳيان پئي ڪلي.

آهہ مضبوط سنگهر نہ ٽوڙي سگهان،
مون کي جڪڙي ڇڏيو ياد جي سلسلي.

خواهشون! شور ايڏو نہ برپا ڪيو،
مس تہ تڙپي ٿو راشدُ هينئر آهِلي.

•

Scanned with CamScanner

سو عاشق ناهہ سچو سڏبو، جو پنهنجو پاڻ فنا نہ ڪري،
سو مرد نہ چئبو مردانو، جو قول ڪري تہ وفا نہ ڪري!

پي جام محبت مستيءَ جو، ڏسُ راز اناالحق هستيءَ جو،
سو واقف ٿيندو وستيءَ جو، جو پنهنجو فرض قضا نہ ڪري.

ريءَ شوق جي ڪانہ شريعت آ، نہ طريقت آ نہ حقيقت آ،
نہ معرفت جو مُلهہ قيمت آ، جي سينو پاڻ صفا نہ ڪري.

جن زور رکيو آ ڪيني تي، تن ڪَٽ چاڙهي آ سيني تي،
افسوس انهيءَ تہ ڪميني تي، ٿي عاشق، جان فدا نہ ڪري!

هي منهنجي لاءِ عبادت آهي، خدمت سندڙي جيجل جي،
ڪو پيرُ پٽيندو پَل تہ رهي، ڪو مُلان پَل تہ دُعا نہ ڪري.

اڄ عشق مون کي آواز ڏنو، ڪو سوز ڏنو، ڪو ساز ڏنو،
جنهن راشد ڪي آ رازُ ڏنو، سو هڪ پل شال! جدا نہ ڪري.

Scanned with CamScanner

اوهان جي اچڻ جو اهڃاڻ، ڪلهه کان اک ڦري آهي،
سنڌءِ نالي ونڻ سان اڄ به هڏڪي ختم ٿي آهي.

لنوي پيو ڪانگ ڪوٺي تي، مون سمجهيو هو ته ڪو ايندو،
ڏسي توکي کُلي منهنجي اميدن جي دَري آهي!

اسان جي دل جي ريجهڻ لئه هئڻ تنهنجو ضروري هو،
نه آهين تون اگر مون وٽ ته ڪهڙي زندگي آهي؟

مصيبت ۾ ڏسي مون کي نه يارن مان لڙيو ٿي ڪو،
اچي وئين تون، اچڻ تنهنجي سان ٿي محفل مَتي آهي.

بنايو واٽ ويندي کي هئو مون همسفر پنهنجو،
نه اُن کان خيرخواهي ٿي جو آخر اجنبي آهي.

خبر ڇا هُئي ته ماڻهو، ’تومر مان ٿي زعفران‘ پوندا،
خسيسن کي اجايو پئي، اسان اهميت ڏني آهي.

ڏنگن کي ڏيهه ۾ ڪوئي، نه روڪي ٿو، نه ٽوڪي ٿو.
پوي ٿو بارُ ڪانيءَ تي، سنئين جيڪا سِڌي آهي.

نتيجو صاف دلين جو صفا اڄ صاف ٿيو راشد!
ڏسو نقشي تي دنيا جي امر ٿي سنڌڙي آهي.

●

Scanned with CamScanner

عشق ڳل لايو اسان کي، بي ڪَسي ڪاتي ڇڏي،
عاشقيءَ کي مان ڇڏيان، پر عاشقي ڪاتي ڇڏي!

دلبرن کان دلبري تي، دلربائي کان نہ تي،
ڏُور ٿيان دلدار کان پر دل لڳي ڪاتي ڇڏي!

سُورَ ريءَ ساري دنيا ۾ ڪوبہ ساٿي ڪين ٿيو،
مان پڄان پر سُورَ جهڙو سنگتي ڪاتي ڇڏي.

تنگ ٿي مون زندگيءَ کان زهر پي پيتو مگر،
زندگيءَ کي مون ڇڏيو، پر زندگي ڪاتي ڇڏي!

حُسن وارن جي فريبن ۾ نٿو ڦاسڻ گهران،
شوخپائي ٿي ڪجي پر، سادگي ڪاتي ڇڏي!

قوم جو غم هڪ طرف ۽ ٻئي طرف غم پيٽ جو،
ماستري ڇڏيان نہ ٿو سو مفلسي ڪاتي ڇڏي.

صحت جي لئہ راشدا، آهي ضرورت ننڊ جي،
پر اچو آڌيءَ اٿاري، شاعري ڪاتي ڇڏي!

●

Scanned with CamScanner



مان ادب جي الف کان بہ واقف نہ آهيان مگر سائين راشد مورائي جو هيٺيون گيت پڙهم-

دل جي ويران رڻ تي ڪڪر بانورا!
ٿورڙو ٿي وسين ها تہ ڇا ٿي ٿيئي..!
ڇانورو ٿي رهين ها تہ ڇا ٿي ٿيئي..!

تہ حيران ٿي ويس ۽ ارادو ڪيم تہ اهڙي شخصيت کي ڏسجي سو هڪ دوست سان ڳالهہ ڪيم جنهن ملاڻ لاءِ هاءُ ڪئي. وڌيڪ حيران اُن وقت ٿيس تہ سائين قرب ڪري منهنجي آفيس ۾ آيا پهرين ملاقات ۾ مون سائين راشد کي جيڪو ڏٺو اهو مون لاءِ متاثر ڪندڙ ملاقات ثابت ٿي سائين طبعيت ۾ ملنسار-ارڏو ۽ ارادي جو مضبوط ۽ وقت جو پابند اهي شيون ڏسي مان سائين جو شيدائي ٿي پيس ۽ سائين جي ڪتابن ڇپائڻ جو عهد ڪيم سائين سان ذڪر ڪيم سائين اجازت ڏني هي ٻيو ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي جنهن کي ڇپائڻ جا بہ اميدوار هياسين هڪ مان ۽ ٻيو محترم عاجز منگي صاحب. محترم عاجز منگي کي عرض ڪيم تہ اهو ڪتاب مان ڇپرايان جن نهايت خوشي سان اجازت ڏني آءُ سندن ٿورائتو آهيان. سائين راشد مورائي جا چاهيندڙ تمام گهڻا آهن. جيڪي پروانن وانگر سندن باريل جوت تي پاڻ جلائڻ لاءِ ڦرندا رهن ٿا. شال هي ٿورڙي خدمت قبول پوي ۽ پڙهندڙن طرفان موٽ قربائتي ملي.

**محمد مريد بلوچ**
وڪيل انڪم ٽئڪس
دادو/مورو
0300-3011541

Scanned with CamScanner




Scanned with CamScanner



جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر


ايڊمن: صاحب خان "سورھ" ميراڻي

Cell No: 0344 - 3919786


Scanned with CamScanner